

# اداريو

ايڊيٽوريل

## محرم جون تياريون ۽ اسان جون ذميواريون

محرم الحرام سن ١٣٤٠ ق جي آغاز جا اوسيڙا ٿي رهيا آهن ۽ پوري دنيا جي شيعت وانگر اسان جي سنڌ جا مومن ۽ عزادار هر سال وانگر شهيدن جي سرواڻ امام حسين عليہ السلام جي ڏنل عظيم قرباني جي ياد کي زنده رکڻ جي لاء پنهنجين تيارين ۾ مصروف ٿي ويندا. هر طرف کان ڪربلا جي شهسوارن سان پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪرڻ جون تياريون پنهنجي عروج تي هونديون. ان ڏس ۾ جيڪو به قدم کنيو وڃي اهو وڏي اهميت وارو آهي، جنهن جو ڪڏهن به انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي. البتہ جيڪا ڳالهہ هر دور کان وڌيڪ هن دور ۾ هر حسيني عزادار جي لاء وڏو چئيلنج بڻيل آهي، اها هيء آهي تہ اسلام ۽ خاص طور تي تشيع دشمن طاقتون هلندڙ ڪجهہ ڏهاڪن کان وٺي شيعہ مذهب جي جيڪا طاقت ڏٺي آهي ۽ ان جي بابصيرت قيادت دنيا ۾ جنهن انداز ۾ شيعہ قوم جي رهبري ڪئي آهي، ان کين حيران ڪري ڇڏيو آهي. تنهن ڪري انهن شيعہ مذهب جي خلاف پهرين کان بہ وڌيڪ ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون آهن ۽ وڏي ۽ اونهي پلاننگ سان پوري دنيا ۾ شيعت جي خلاف مختلف قسمن جي يلغار ۾ مصروف آهن. ائين بہ ناهي تہ دشمن رات جو سوچي ۽ ڏينهن جو اها مهم شروع ڪري ٿو ڏئي، بلڪہ هڪ پلاننگ تي سالن جا سال وڏا وڏا ريسرچ اسڪالر پنهنجو مغز ويڙهائي پوء ڪنهن نتيجي تي پهچن ٿا ۽ ان کان پوء اهو ڪم سالن جي ٽارگيٽ سان شروع ڪيو وڃي ٿو. ان ۾ هر ملڪ ۽ علائقي جي ماڻهن جي مزاج کي سنئي نموني پرکي انهن جي ئي مزاج مطابق اهڙي پلاننگ تيار ڪئي وڃي ٿي جو چڱا ڀلا مفڪر ۽ دانشور بہ ان جو مقابلو ڪرڻ کان حيران رهجي ويندا آهن. اسان جي پاڪستان جي شيعن جو دنيا ۾ وسندڙ ٻين شيعن جي ڀيٽ ۾ اهل بيتؑ جي گهراڻي سان عقيدت رکڻ ۾ انداز ئي ڪجهہ نرالو آهي، تنهن ڪري ان جي مقابلي ۾ دشمن جي سازش بہ ان جي مزاج مطابق ئي ڪئي وئي آهي. اهو ئي سبب آهي جو دشمن بہ ٻي ڪنهن پوائنٽ تي هٽ رکڻ بجاء اهل بيتؑ جي بابرڪت نالن کي مختلف اندازن ۾ استعمال ڪري بليڪ ميلنگ جو سلسلو شروع ڪيو آهي. ڪڏهن ان مقدس نالن کي نماز جو حصو بڻائڻ جي ڳالهہ ٿو ڪري تہ ڪڏهن انهن هستين کي الله سائين جهڙي بي مثال هستيء جي مقابلي ۾ پيش ٿو ڪري. ڪڏهن نماز ۽ عزاداري جي تقابل جي ڳالهہ ڪري هڪ عزادار کي هڪ طرف سندس اصلي هدف کان منهن موڙائڻ جي ڪوشش ٿو ڪري، تہ ٻئي طرف کيس نماز جهڙي عظيم عبادت کان باغي ڪري ٻين اسلامي مڪاتب فڪر جي سامهون اهو پڌرو ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪري تہ شيعت جو نماز سان ڪو واسطو ناهي.

اتفاق سان اهل بيتؑ جي سچي مذهب جي تبليغ جو پوري سال ۾ سنهري موقعو عشره محرم الحرام کان وڌيڪ ٻيو ناهي هوندو، تنهن ڪري دشمن بہ پوري سال کان وڌيڪ انهن ڏهن ڏينهن ۾ سندس سرمايو خرچ ڪرڻ جي ڪوشش

ڪندو آهي. ان جو مطلب تہ جتي اهي ڏهاڙا شيعت جي تبليغ لاءِ بهترين موقعو هوندا آهن تہ اتي وري دشمن جي نظر ۾ بہ اهي ڏهاڙا وڏي اهميت وارا هوندا آهن. تنهن ڪري سيني مومنن جو فرض بڻجي ٿو تہ امام حسينؑ جي حقيقي مقصد کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪن ۽ مجلسن ۽ عزادارين ۾ ڪربلا جي شهيدن جي مقصد کي محفوظ رکڻ لاءِ هڪٻئي سان هر قسم جو تعاون ڪن. اهي ڏهہ ڏهاڙا ايترا تہ اهم آهن جو اسان پنهنجي اولاد ۽ پنهنجي نسلن کي انهن ڏهاڙن ۾ جيڪو رستو ڏيکاريندا سين تہ پورو سال اهي ان ئي رستي تي رهندا. ان لاءِ ضروري آهي تہ پنهنجين امام بارگاهن ۾ اهڙن علماء ۽ خطيب حضرات کان فيضياب ٿيون جيڪي امام حسينؑ جي مقصد جي نزديڪ ڪن. سوچڻ جو مقام آهي تہ امام حسينؑ جي اها عظيم قرباني جنهن کي پوري دنيا ۾ ظلم جي خلاف اٿندڙ هر تحريڪ پنهنجي لاءِ آئيڊيل بڻائي ڪامياب ٿئي ٿي ۽ اسان ڏهن ڏينهن ۾ هيڏو سرمايو خرچ ڪرڻ کان پوءِ بہ ان مان ڪجهہ پرائي نہ سگهون تہ پوءِ اسان کي پنهنجي گريبان ۾ جهاتي ڏسڻ کپي تہ اسان ڪهڙي طرف وڃي رهيا آهيون. اڄ دشمن سنئون سڌو نماز ۽ عزاداري کي هڪ ٻئي جي مقابلي ۾ آڻي پيش ٿو ڪري ۽ ان جي لاءِ ان پنهنجا ترجمان بہ تيار ڪري ڇڏيا آهن. افسوس جو اهي ڪلمہ ڪلا ان جي تبليغ بہ ڪري رهيا آهن. اهو ڇا ٿي رهيو آهي؟ جڏهن تہ ڪربلا جي پوري تحريڪ ۾ ڏسون ٿا تہ جيتري اهميت نماز جي مسئلي کي ڏني وئي آهي اوتري ڪنهن ٻئي مسئلي کي نہ ڏني وئي آهي. ان جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو جو جڏهن عاشور جي ڏهاڙي امام حسينؑ جي صحابي ابو ثمامہ صائدي ڪين اهو عرض ڪيو تہ: مولا نماز جو وقت ٿي ويو آهي، تہ پاڻ ڪيس اها دعا ڏني تہ: «ذكرت الصلاة، جعلك الله من المصلّين الذاكرين». (وقعة الطف، ابو مخنف كوفي، ص ٢٢٩) تو مون کي نماز ياد ڏياري، الله سائين (قيامت جي ڏهاڙي) توکي نمازين (۽ الله جو ذڪر ڪرڻ وارن ۾ شمار ڪري. ان جو مطلب تہ نمازي جو قيامت جي ڏهاڙي ايڏو مقام هوندو جو امام حسينؑ سندس صحابي کي ان مقام تي فائز ٿيڻ جي دعا ٿا ڏين.

جيڪو ماڻهو نماز ۽ عزاداري کي هڪٻئي جي مقابلي ۾ آڻي پيش ڪري ٿو، کيس سوچڻ کپي تہ ڇا عقيلہ بني هاشم بيبي زينب سلام الله عليها ۽ ڪربلا جي ٻين اسيرن کان وڌيڪ ٻيو ڪو عزادار ٿي سگهي ٿو. جيڪي ڪربلا کان ڪوفي ۽ ڪوفي کان شام تائين ڪربلا جي مظلومن تي عزاداري بہ ڪندا رهيا ۽ نماز بہ ادا ڪندا رهيا. ڇا ان کان بہ وڌو ڪو مثال ٿي سگهي ٿو؟ تعجب تہ تڏهن ٿئي ٿو جو ڪن دوستن طرفان هٿن ۽ پيرن ۾ ڪڙيون پائي امام سجادؑ جي سنت کي ملهائڻ جي ڳالهہ ڪئي وڃي ٿي ۽ ڪربلا جي اسيرن جي هيڏي ساري سنت کي نظر انداز ڪيو وڃي ٿو. جڏهن تہ ان ڳالهہ کي سمجهڻ جي ضرورت آهي تہ سنت اها شيءِ هوندي آهي جيڪا معصوم پنهنجي ارادي ۽ اختيار سان انجام ڏئي، جڏهن تہ امام سجادؑ کي ظلم ۽ جبر سان هٿڪڙيون پارايون ويون. بهرحال هيءُ رڳو هڪ مثال هو جيڪو پيش ڪيو ويو. نہ تہ ان عظيم قربانيءَ کي مِٽائڻ جي خلاف جيڪي سازشون ٿي رهيون آهن ان جي فهرست ۾ ٻيا بہ ڪيترائي مثال آهن. جيڪي ڪنهن بہ شيعہ مومن ۽ عزادار کان ڳجها ناهن، تنهن ڪري هر مومن ۽ عزادار جو فرض بڻجي ٿو تہ وڏي هوشياري سان دشمنن جي سازشن کي سمجهندي هن ڏهن ڏهاڙن ۾ پنهنجو سرمايو فقط ان مقصد ۽ هدف جي حفاظت تي خرچ ڪن، جنهن لاءِ ڪربلا جي سرزمين تي هيڏي وڏي قرباني ڪئي وئي، جنهن جو مثال دنيا ۾ ڏسڻ ۾ نٿو اچي ۽ اهو يقين رکڻ کپي تہ ان صورت ۾ ئي اسان جي عزاداري با مقصد عزاداري ٿيندي.

والسلام

چيف ايڊيٽر



# قرآن جو تفسير (5)

## سورت بقره

آيتون: 25 کان 29

سهيڙيندڙ: مولانا بخت علي شر (لڙي ميرواه)

﴿٢٥﴾ وَبَشِّرِ الَّذِين آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ أَنَّ لَهُمْ جَنَّاتٍ تَجْرِي مِن تَحْتِهَا الأَنْهَارُ كُلَّمَا رُزِقُوا مِنْهَا مِن ثَمَرَةٍ رِّزْقاً قَالُوا هَـذَا الَّذِي
رُزِقْنَا مِن قَبْلُ وَأُتُوا بِهِ مُتَشَابِهاً وَلَهُمْ فِيهَا أَزْوَاجٌ مُّطَهَّرَةٌ وَهُمْ فِيهَا خَالِدُونَ ﴿٢٦﴾ إِنَّ اللَّهَ لاَ يَسْتَحْيِي أَن يَضْرِبَ مَثَلاً مَّا بَعُوضَةً فَمَا
فَوْقَهَا فَأَمَّا الَّذِينَ آمَنُوا فَيَعْلَمُونَ أَنَّهُ الْحَقُّ مِن رَّبِّهِمْ وَأَمَّا الَّذِينَ كَفَرُوا فَيَقُولُونَ مَاذَا أَرَادَ اللَّهُ بِهَـذَا مَثَلاً يُضِلُّ بِهِ كَثِيراً وَيَهْدِي بِهِ
كَثِيراً وَمَا يُضِلُّ بِهِ إِلاَّ الْفَاسِقِينَ ﴿٢٧﴾ الَّذِينَ يَنقُضُونَ عَهْدَ اللَّهِ مِن بَعْدِ مِيثَاقِهِ وَيَقْطَعُونَ مَا أَمَرَ اللَّهُ بِهِ أَن يُوصَلَ وَيُفْسِدُونَ فِي
الأَرْضِ أُولَـئِكَ هُمُ الْخَاسِرُونَ ﴿٢٨﴾ كَيْفَ تَكْفُرُونَ بِاللَّهِ وَكُنتُمْ أَمْوَاتاً فَأَحْيَاكُمْ ثُمَّ يُمِيتُكُمْ ثُمَّ يُحْيِيكُمْ ثُمَّ إِلَيْهِ تُرْجَعُونَ ﴿٢٩﴾
هُوَ الَّذِي خَلَقَ لَكُم مَّا فِي الأَرْضِ جَمِيعاً ثُمَّ اسْتَوَى إِلَى السَّمَاءِ فَسَوَّاهُنَّ سَبْعَ سَمَاوَاتٍ وَهُوَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيمٌ.

**ترجمو:**

٢٥. ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي هيءُ خوشخبري ڏي تہ انهن لاءِ باغ آهن جن جي هيٺيان نهرون پيون وهن، جڏهن اُن مان کو بہ ميوو کاڄ لاءِ ڏنو پيو ويندن (تنهن مهل) پيا چوندا تہ هيءُ (ميوو) اُهو آهي جو اڳ اسان کي ڏنو ويو هو ۽ اُهو (شڪل ۾) هڪ جهڙو (پيو) ڏبن، ۽ انهن لاءِ منجهس پاڪ گهر واريون آهن ۽ اُهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن.

٢٦. الله مڇر ۽ اُن کان وڌيڪ (ضعيف ۽ ننڍڙي جانور) جي مثال ڏيڻ کان حياء ئي نہ ڪندو آهي، پوءِ جن ايمان آندو آهي سي (پڪ) ڄاڻندا آهن تہ اُهو سندن پالڻهار وٽان (آيل) سچ آهي، ۽ جن ڪفر ڪيو سي چوندا آهن تہ هن مثال ڏيڻ ۾ الله جو ڇا مطلب آهي؟ (الله) ان مثال (ڏيڻ) سببان گهڻن کي ڀلائيندو ۽ گهڻن کي سڌو رستو ڏيکاريندو آهي، اُن سان اهڙن بي دينن ڪانسواءِ (ٻئي ڪنهن کي) نہ ڀلائيندو آهي.

٢٧. جيڪي الله جو انجام ان جي پڪي ڪرڻ ڪانپوءِ ڀڃندا آهن ۽ الله جن ڪمن جي ڳنڍڻ جو حڪم ڪيو آهي تن کي ڇنندا آهن ۽ مُلڪ ۾ فساد وجهندا آهن، اُهي ئي خساري وارا آهن.

٢٨. اوهين هن هوندي بہ الله کي ڪهڙي طرح نہ ٿا مڃيو؟ جو بي ساهہ هُيوَ پوءِ اوهان کي جيئرو ڪيائين، وري

اوهان
کي ماريندو، وري
اوهان کي جياريندو ۽ وري ڏانهس
موٽايا ويندؤ.

٢٩. اُهو (الله) آهي جنهن توهان (جي فائدي) لاءِ جيڪي مڙيئي (شيون) زمين ۾ آهن سي پيدا ڪيون، وري آسمان ڏانهن متوجه ٿيو پوءِ اُنهن کي ست آسمان ڪري برابر بيهاريائين. ۽ اُهو (الله) سڀ ڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي.

## ڏکين لفظن جون معنائون

اُتُواْ: (اتيان مان مجهول فعل آهي يعني آسان آڻڻ) انهن لاءِ آساني سان آندو وڃي ٿو.

لَا يَسْتَحْيِي: شرمائي نٿو

بَعُوضَةً: مڇر (اهو لفظ بعض مان ورتل آهي ڇو تہ مڇر بہ جانورن کان ننڍڙو آهي)[1]

الْفَاسِقِينَ: نافرمانَ. ( فسق عربي ٻولي ۾ ڪکڙي جو ڪتل کان جدا ٿيڻ کي چوندا آهن. ان جي ڪري جيڪي ماڻهو خدا جي بندگي واري راهہ مان نڪري وڃن ٿا انهن کي فاسق چيو وڃي ٿو.[2]

يَنقُضُونَ: (نقض: ٽوڙڻ) ٽوڙين ٿا

عَهْدَ اللهِ: خدا جو واعدو، پيمان (عهد) يعني: ڪنهن شيءِ جو لڳاتار خيال ۽ حفاظت ڪرڻ ان ڪري پيمان ۽ واعدي کي عهد چيو وڃي ٿو جو ان جو خيال ۽ ان جي حفاظت ڪرڻ لازم آهي.

مِيثَاقِ: ( وثق جو ميمي مصدر آهي) مضبوط ڪرڻ يا مضبوط ٿيڻ. (اهو واعدو جيڪو قسم ۽ عهد سان انجام ڏنو ويو هجي).

اسْتَوَىٰ: قصد ڪيو. (استواء جڏهن «علي» سان متعدي ٿيندو آهي تڏهن جاءِ ونڻ ۽ ثابت ٿيڻ جي معنيٰ ۾ ايندو آهي ۽ جڏهن «الي» سان متعدي ٿئي تڏهن ان جي معنيٰ ارادو ۽ توجهه ڪرڻ هوندي آهي)

فَسَوَّاهُنَّ: ( تسويہ برابر ڪرڻ ۽ ترتيب ڏيڻ) بس انهن کي مرتب ڪيو. (عربي ٻولي ۾ ان جي معني تسلط، مڪمل احاطو ۽ خلقت ۽ تدبير تي قدرت آهي.)

## تفسيري نڪتا

**ايمان ۽ نيڪ عمل جو رابطو:** ايمان ۽ نيڪ عمل قرآن جي ڪيترين ئي آيتن ۾ بلڪ ٩٠ کان بہ وڌيڪ جڳهن تي اخروي سعادت تائين پهچڻ لاءِ ٻن پرن وانگر پاڻ ۾ گڏ بيان ٿيا آهن. هيءُ نڪتو ان شيءِ کي واضح طور بيان ڪري ٿو تہ اهي ٻئي جن مان هڪڙو عقيدي سان تعلق ٿو رکي ۽ ٻيو عمل سان هڪٻئي تي بغير ڪنهن واسطي جي اثر انداز ٿين ٿا؛ ان حساب سان تہ اونهو (عميق) ايمان، نيڪ اعمال کي زياده انجام ڏيڻ جو سبب ٿئي ٿو ۽ نيڪ اعمال انجام ڏيڻ ايمان ۾ واڌاري ۽ حقيقت جي طرف دروازا کلڻ جو سبب ٿين ٿا.

«هَـٰذَا الَّذِي رُزِقْنَا مِن قَبْلُ» **مان مراد:** جنت وارا جڏهن جنت ۾ بهترين ميوا کائيندا جڏهن تہ مڙني ميون جو ذائقو هڪ جهڙو هوندو، تڏهن چوندا: هيءُ اها شيءِ آهي جيڪا اسان کي پهرين ملي هئي. ان جي معنيٰ يا هيءُ آهي تہ اهي ميوا ذائقي ۽ لذت جي لحاظ کان پهرين ميون جهڙا ۽ جنت جا ميوا دنيا جي ميوون جهڙا آهن ليڪن انهن جي لذت ڪجهہ وڌيڪ آهي. يا ان جو مفهوم هيءُ آهي تہ اهي بهشت ۾ ملندڙ سڪون، نعمتون ۽ هديا اسان جي دنيا ۾ نيڪ اعمال جي ڪري آهن ۽ حقيقت ۾ دنيا ۾ اسان کي ڏنا ويا آهن.[3]

**آيت 26 خداوند متعال مختلف مثال ڏيڻ ۾ شرمائي نٿو:** قرآن مجيد ۾ تقريبا پنجاهہ مثال بيان ٿيا آهن ڪڏهن ننڍڙن جانورن جا مثال؛ جيئن: مک ۽ ڪوريئڙو (سورت حج آيت ٧٣ ۽ سورت عنڪبوت آيت ٤١) جڏهن اهي آيتون نازل ٿيون ڪجهہ مشرڪن جي طرفان ان کي قرآن جي ڪمزوري سمجهيو ويو ۽ چيائون: ڇا جي ڪري هڪ آسماني وحي ۾ ڪوريئڙي ۽ مکين جا ذڪر آهن؟. خداوند متعال بہ انهن جي جواب ۾ هنن آيتن کي نازل ڪيو ۽ هن طرح جواب ڏنو تہ خداوند متعال اهڙا مثال ڏيڻ کان شرمائي نٿو، ڇو تہ مختلف شين سان مثال ڏيڻ جو هدف حقيقتن کي سمجهائڻ ۽ هدايت جي مشڪل ۽ سخت مفهومن کي ماڻهن جي ذهن ۽ فڪر جي ويجهو ڪرڻ آهي. ان کان علاوه انهن جي خلقت توڙي جو ظاهري طور ناچيز آهي ليڪن انهن ۾ ڪيترائي اسرار ۽ عجائب پوشيده آهن.[4]

**تفسيري روايت:** امام جعفرصادق عليہ السلام ان جي باري ۾ فرمائن ٿا: خداوند متعال مڇر جو مثال ڏنو ان جي ڪري جو ننڍڙي جسم هجڻ جي باوجود ان ۾ هاٿي

فاسق انهن تمام واعدن ۽ عهدن کي جن جو خدا حڪم ڏنو آهي (چاهي اهو عهد بندگي جو هجي يا پاڻ سڳورن ﷺ ۽ امامن عليهم السلام جي پيروي جو هجي يا پنهنجن سان نيڪي ڪرڻ جو هجي) کي ٽوڙين ٿا. ٢_ جن سان خداوند متعال ارتباط ۽ تعلق رکڻ جو حڪم ڪيو آهي (جيئن مٽ مائٽ) انهن سان تعلقات ۽ روابط ٽوڙين ٿا. ٣_ ٻين جي حقوق جي لتاڙ ڪندي زمين تي فساد ڪن ٿا.

وارا تمام عضوا آهن، پر ان ڪان علاوه اجا ٻه عضوا _ نندڙيون مڇيون ۽ ٻه پر_ واڌارا به خلقيا اٿس.[۵]

**ڇا خداوند متعال گمراهه ڪري ٿو؟** ڪجهه ٻهانه بازن جي طرفان هن آيت کي جبر جي عقيدي (انسان جو سٺي ۽ خراب ڪي چونڊڻ جي اختيار جو انڪارڪرڻ) لاءِ دليل سمجهيو ويو آهي؛ ڇو ته خداوند متعال ان ۾ فرمائي ٿو ته: «جنهن کي چاهي هدايت ڏئي ٿو ۽ جنهن کي چاهي گمراهه ڪري ٿو» ليڪن توجهه ڏيڻ گهرجي ته هدايت ۽ گمراهه ڪرڻ جا ٻه قسم آهن: هڪ، شروعاتي طور هدايت ۽ گمراهه ڪرڻ؛ يعني: خداوند متعال بغير ان جي جو انسان ڪوئي نيڪي يا برائي ڪري ان کي هدايت ڏئي ٿو يا گمراهه ڪري ٿو. اهو ساڳيو جبر جو عقيدو آهي جيڪو باطل عقيدو ۽ خداوند متعال ڪان دور آهي. ٻيو عملن جي نتيجي ۾ هدايت ۽ گمراهي. هتي هدايت جي معنیٰ؛ يعني: مومنن جي لاءِ وڏيڪ سعادت جون راهون فراهم ڪرڻ آهي جنهن کي اسان «توفيق» چوندا آهيون. ۽ گمراهه ڪرڻ مان مراد ڪافرن جي لاءِ هدايت جا رستا بند ڪرڻ ۽ توفيق جو حاصل نه ٿيڻ آهي، البته اهو به بغير ڪنهن جبر جي آهي. ان معنیٰ ۾ ته خداوند متعال هدايت جي توفيق انهن ماڻهن ڪان جيڪي پنهنجي اختيار سان فسق ۽ فجور اختيار ڪن ٿا ڪسي وٺي ٿو ۽ انهن جي لاءِ وڏيڪ گمراهي ۾ غرق ٿيڻ جون واٽون فراهم ڪري ٿو. جڏهن ته اهو انسانن جي اعمال جو سڌو نتيجو آهي، انهن جي آزادي ۽ اختيار سان مڪمل سازگار آهي.[۶] جبر ۽ اختيار جي بحث کي بهتر سمجهڻ لاءِ علم ڪلام جي ڪتابن ڏانهن رجوع ڪيو وڃي.

**آيت 27 فاسق ڪير آهن؟** اسان کي هيءَ آيت انهن فاسقن کي بهترسمجهڻ ۾ جيڪي خداوند متعال جي اطاعت جي دائري مان نڪري چڪا آهن مدد ڪري ٿي؛ ڇو ته انهن جي تمام واضح نشانين ۽ خصوصيتن کي بيان ڪيو ويو آهي.١_ اهي انهن تمام واعدن ۽ عهدن کي جن جو خدا حڪم ڏنو آهي (چاهي اهو عهد بندگي جو هجي يا پاڻ سڳورن ﷺ ۽ امامن عليهم السلام جي پيروي جو هجي يا پنهنجن سان نيڪي ڪرڻ جو هجي) کي ٽوڙين ٿا. ٢_ جن سان خداوند متعال ارتباط ۽ تعلق رکڻ جو حڪم ڪيو آهي (جيئن مٽ مائٽ) انهن سان تعلقات ۽ روابط ٽوڙين ٿا. ٣_ ٻين جي حقن جي لتاڙ ڪندي زمين تي فساد ڪن ٿا .

پاڻ سڳورن ﷺ ڪان روايت آهي ته: خدا جي نزديڪ سڀ ڪان وڏيڪ برو عمل، ساڻس شرڪ ۽ مٽن مائٽن سان تعلقات ٽوڙڻ آهي.

**آيت 28 انسان جي زندگي جا مرحلا:** هن آيت ۾ انسان جي زندگي جا مرحلا بيان ٿيا آهن: پهريون مرحلو: انسان طبيعي اجزا ۽ مختلف عناصر جي صورت ۾ زمين ۽ طبيعت ۾ موجود آهي.

ٻيو مرحلو: انسان هڪ زنده موجود جي صورت ۾ اچي ٿو فقط ان مرحلي ۾ ئي شرعي تڪليفون ۽ احڪام ان سان تعلق رکن ٿا.

ٽيون مرحلو: انسان جو جسم ٻيهر خاڪي عنصرن ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو.

چوٿون مرحلو: انسان برزخ واري زندگي ڏانهن هليو وڃي ٿو ( برزخ، دنيا ۽ قيامت جي وچ وارو هڪ عالم آهي).

پنجون مرحلو: انسان يا جنت يا جهنم ۾ هميشه واري زندگي حاصل ڪري ٿو.[۷]

**آيت 29 ستن آسمانن مان مراد:** قرآن مجيد جي آيتن مان اهو سمجهه ۾ اچي ٿو ته تمام ستارا ۽ سيارا جيڪي ڏسڻ ۾ اچن ٿا انهن جو تعلق هن آسمان سان آهي ان ڪان علاوه اجا ٻيا ڇهه آسمان وجود رکن ٿا جن کي ڏسڻ اسان جي نظرن ۽ علمي اوزارن جي سگهه ڪان ٻاهر آهي. ان ڳالهه جو دليل هيءَ آيت آهي ته: «إِنَّا زَيَّنَّا السَّمَاءَ الدُّنْيَا بِزِينَةٍ الْكَوَاكِبِ» بيشڪ اسان دُنيا جي آسمانن کي تارن جي سونهن سان سينگاريو.[۸] «وَزَيَّنَّا السَّمَاءَ الدُّنْيَا بِمَصَابِيحَ» ۽ دنيا جي آسمان کي (تارن جي) ڏيئن سان سينگاريوسون.[۹] ڪجهه جو نظريو آهي ته: ست آسمان اهي ئي فضا جا طبقا آهن جيڪي زمين کي گهيرو ڪيو بيٺا آهن ۽ انهن

طبقن جي ڪجهه تعداد ۾ هجڻ ۾ بہ علمي حساب سان ڪو بہ شڪ ناهي. [10]

## پيغام

آيت ٢٥: گهر وارين ۾ سڀ کان پهريون ۽ اهم شرط انهن جي پاڪدامني آهي ۽ ٻيا شرط ان کان بعد جا آهن. (أَزْوَاجٌ مُطَهَّرَةٌ)

آيت ٢٦: حقيقتن کي بيان ڪرڻ ۾ شرم ۽ حياءَ ڪرڻ پسنديده ناهي. (لاَ يَسْتَحْيِي).

اهم حقيقتن کي آسان بيان ۽ سولن مثالن سان بہ سمجهائي سگهجي ٿو. (أَن يَضْرِبَ مَثَلاً)

آيت ٢٨: مخاطب کان عقل ۽ انهن جي فطرت متعلق سوال ڪرڻ بہ تبليغ جي طريقن مان هڪ طريقو آهي (كَيْفَ تَكْفُرُونَ)

آيت ٢٩: هن جملي مان سمجهه ۾ اچي ٿو تہ:

_ڪابہ خلق ڪيل شيءِ بي فائده ۽ اجائي ناهي. توڙي (يلي) جو اسان انهن مان فائدا حاصل ڪرڻ جون واٽون نہ ڄاڻندا هجون.

_ دنيا انسان لاءِ آهي نہ انسان دنيا لاءِ.

_ زميني نعمتن مان فائدو حاصل ڪرڻ هر هڪ جو حق آهي نہ ڪنهن خاص گروهہ جو.

**حوالا:**

١. مصطفوي، حسن، التّحقيق في كلمات القرآن الكريم، ماده (اتيان)
٢. ساڳيو، ماده (فسق)
٣. ناصر مڪارم شيرازي، تفسير نمونہ، آيت ٢٥ جي ذيل ۾
٤. ساڳيو، آيت ٢٦ جي ذيل ۾.
٥. مجمع البيان في تفسير القرآن، آيت ٢٦ جي ذيل ۾.
٦. ناصر مڪارم شيرازي، تفسير نمونہ آيت ٢٦ جي ذيل ۾
٧. جعفري، يعقوب، تفسير ڪوثر، آيت ٢٨ جي ذيل ۾.
٨. صافات آيہ ٦
٩. فصلت آيہ ١٢
١٠. ناصر مڪارم شيرازي، تفسير نمونہ، آيت ٩٢ جي ذيل ۾

## چڱي ڳالهہ

نفسياتي ۽ احساساتي لحاظ سان گفتگو جو سُر ۽ انداز مد مقابل جي رابطن ۾ گهرو ۽ ان گهري اثر ڇڏي ٿو. جيڪڏهن ڳالهہ سخت لهجي ۽ وڏي آواز سان ڪئي وڃي ۽ ان سان انسان جو سڪون ڦٽي وڃي تہ مدمقابل جي اندر ۾ منفي اثر پيدا ڪري ٿو ۽ ڪڏهن وري نرم لهجو، ڪاوڙ کي ختم ڪيو ڇڏي. ان جي ڪري ئي قرآن مجيد اصلاحي رابطي لاءِ ڳالهائڻ ۾ دلچسپ لهجي جي لاءِ سفارش ڪئي آهي:

﴿وَ اقْصِدْ فِي مَشْيِكَ وَ اغْضُضْ مِنْ صَوْتِكَ﴾ (سورت لقمان، آيت ١٩) ۽ پنهنجي رفتار ۾ وچولو طريقو اپناءِ ۽ (ڳالهائڻ وقت) پنهنجي آواز کي جهيڻو رکجان.

﴿فَقُولا لَهُ قَوْلاً لَيِّناً لَعَلَّهُ يَتَذَكَّرُ أَوْ يَخْشى﴾ (سورت طہ، آيت ٤٤) بس، (توهان ٻئي حضرت موسیٰ ۽ هارون) ان (فرعون) سان نرمي سان ڳالهائجو تہ من هو نصيحت کي قبول ڪري يا ڊڄي وڃي.

﴿لَتَعْرِفَنَّهُمْ فِي لَحْنِ الْقَوْلِ وَ اللهُ يَعْلَمُ أَعْمالَكُم﴾ (سورت محمد آيت ٣٠) ۽ تون ڪين ڳالهائڻ جي لهجي مان ئي سڃاڻي وٺندين ۽ الله توهان سڀني جي ڪمن کان آگاهہ آهي.

﴿يا صاحِبَيِ السِّجْنِ أَ أَرْبابٌ مُتَفَرِّقُونَ خَيْرٌ أَمِ اللهُ الْواحِدُ الْقَهَّار﴾ (سورت يوسف، آيت ٣٩) اي منهنجا قيد جا ساٿيو! ڇا گهڻا ڇڙوڇڙ خدا بهتر آهن يا هڪڙو خدا جيڪو سڀني تي غالب آهي.

﴿وَ قُولُوا لِلنَّاسِ حُسْنا﴾ (سورت بقرہ آيت ٨٣) ۽ ماڻهن سان نموني گفتگو ڪيو.

﴿وَ قُلْ لِعِبادي يَقُولُوا الَّتي هِيَ أَحْسَن﴾ (سورت اسراء، آيت ٥٣) ۽ (اي منهنجا رسول) منهنجي ٻندن کي چؤ تہ اها ڳالهہ ڪن جيڪا بهتر هجي.



# پاڻهي ملندم ڀوت....

زير نظر قرآني گفتگو جو سلسلو «ماجراي هاي من و خدا» جي عنوان سان فارسي زبان ۾ قرآني موضوعات تي مشتمل مذهبي، علمي ۽ ثقافتي رسالي «نسيم وحي» ۾ شايع ٿيندو رهيو آهي. جيڪو مودت جي قارئين جي خدمت ۾ آسان سنڌي زبان ۾ شايع ڪري رهيا آهيون...................... (ادارو)

## تــعــارف

**چيم: پنهنجو تعارف ڪرايو؟**

وراڻيائين:

إِنِّي أَنَا اللَّهُ رَبُّ الْعَالَمِينَ

بيشڪ آئون جهانن جو پالڻهار آهيان. (١)

**چيم: ڪهڙي نالي سان توکي پڪاريو وڃي؟**

وراڻيائين:

وَلِلَّهِ الأَسْمَاءُ الْحُسْنَىٰ فَادْعُوهُ بِهَا

۽ الله جا چڱا نالا آهن انهن نالن سان ڪيس سڏيو. (٢)

**چيم: انسانن کي ڪهڙي سبب خلقيو اٿئي؟**

وراڻيائين:

وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالإِنسَ إِلَّا لِيَعْبُدُونِ

۽ جنّن ۽ ماڻهن کي رڳو پنهنجي عبادت لاءِ پيدا ڪيو اٿم. (٣)

**چيم: انسان ڪيترو تنهنجي ويجهو آهي؟**

وراڻيائين:

وَنَحْنُ أَقْرَبُ إِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيدِ

۽ اسين ڏانهس (سندس) ساهه جي رڳ کان وڌيڪ ويجها آهيون. (٤)

**چيم: خدايا! ڪجهه ته ماڻهو فقير آهن، پر ڪجهه ثروتمند آهن ۽ رڳو پنهنجي فائدو جو ئي سوچين، انهن لاءِ تنهنجو ڪهڙو پيغام آهي؟**

وراڻيائين:

...وَالَّذِينَ يَكْنِزُونَ الذَّهَبَ وَالْفِضَّةَ وَلَا يُنفِقُونَهَا فِي سَبِيلِ اللَّهِ فَبَشِّرْهُم بِعَذَابٍ أَلِيمٍ يَوْمَ يُحْمَىٰ عَلَيْهَا فِي نَارِ جَهَنَّمَ فَتُكْوَىٰ بِهَا جِبَاهُهُمْ وَجُنُوبُهُمْ وَظُهُورُهُمْ هَٰذَا مَا كَنَزْتُمْ لِأَنفُسِكُمْ فَذُوقُوا مَا كُنتُمْ تَكْنِزُونَ

۽ جيڪي سون ۽ رپي جو خزانو گڏ ڪندا آهن ۽ اُهو الله جي واٽ ۾ خرچ نه ڪندا آهن تن کي ڏکوئيندڙ عذاب جي خبر ڏي جنهن ڏينهن (سندن مال) دوزخ جي باهه ۾ تپائبو (جڏهن تپندو ته) پوءِ اُن سان سندن پيشانيون ۽ سندن پاسريون ۽ سندن پٺيون ڏنيبيون، (چئبن ته) هيءُ اُهو (خزانو) آهي جيڪو پاڻ لاءِ گڏ ڪيو هيوَ (ان جو) مزو چکو. (٥)

**چيم: ماڻهو ڪهڙي شيءِ کي تنهنجي راهه ۾ خرچ ڪن؟**

وراڻيائين:



وَيَسْأَلُونَكَ مَاذَا يُنفِقُونَ قُلِ الْعَفْوَ

۽ (پڻ) توکان پڇن ٿا تہ (اُهي الله جي راھ ۾) ڇا خرچين، چؤ تہ (ضرورت کان) وڌيڪ ( مال خرچ ڪيو). (٦)

**چيم: خدايا! اسان جا ڪوڙ دشمن آهن جيڪي اسلحي سان آهن. ڇا انهن جي مقابلي ۾ ڪاميابيءَ جي اميد آهي؟**

وراڻيائين:

وَنُرِيدُ أَن نَّمُنَّ عَلَى الَّذِينَ اسْتُضْعِفُوا فِي الْأَرْضِ وَنَجْعَلَهُمْ أَئِمَّةً وَنَجْعَلَهُمُ الْوَارِثِينَ

۽ گهُريوسون تہ جن کي مُلڪ ۾ هيڻو ڪيو ويو تن تي اِحسان ڪريون ۽ کين سردار بڻايون ۽ کين وارث ڪريون. (٧)

**چيم: خدايا! ظالم انسانن سان ڪهڙو رويو رکون؟**

وراڻيائين:

وَلاَ تَرْكَنُواْ إِلَى الَّذِينَ ظَلَمُواْ فَتَمَسَّكُمُ النَّارُ وَمَا لَكُم مِّن دُونِ اللّهِ مِنْ أَوْلِيَاء ثُمَّ لاَ تُنصَرُونَ

۽ ظالمن ڏانهن لاڙو نہ ڪريو نہ تہ اوهان کي باھ لڳندي ۽ الله کان سواءِ ڪو اوهان جو دوست نہ آهي وري توهان جي مدد نہ ڪبي. (٨)

۽ پڻ وراڻيائين:

وَلاَ يَزَالُونَ يُقَاتِلُونَكُمْ حَتَّىَ يَرُدُّوكُمْ عَن دِينِكُمْ إِنِ اسْتَطَاعُواْ

۽ (ڪافر) جيڪڏهن پڄي سگهندا تہ اوهان سان ايستائين سدائين پيا وڙهندا جيستائين اوهان کي اوهان جي دين (اسلام) کان ڦيرائين. (٩)

**چيم: خدايا! اسان لاءِ ڪا نصيحت آهي تہ ٻڌاءِ؟**

وراڻيائين:

يا ايها النَّاسُ اتَّقُوا رَبَّكُمْ إِنَّ زَلْزَلَةَ السَّاعَةِ شَيْءٌ عَظِيمٌ

اي انسانو! پنهنجي پالڻهار کان ڊڄو، ڇوتہ قيامت وارو زلزلو وڏي شيءِ آهي. (١٠)

حوالا:

١. قصص، ٣٠
٢. اعراف، ١٨٠
٣. ذاريات، ٥٦)
٤. ق، ١٦)
٥. توبہ، ٣٤ ۽ ٣٥
٦. بقره، ٢١٩
٧. قصص، ٥.
٨. هود، ١١٣
٩. بقره، ٢١٧
١٠. حج، ١.

**مصيبت جو فلسفو**

حضرت علي عليہ السلام فرمايو:

«إِنَّ الْبَـلَاءَ لِلظَّالِـمِ أَدَبٌ وَ لِلْمُؤْمِـنِ امْتِحَـانٌ وَ لِلْأَنْبِيَـاءِ دَرَجَـةٌ وَ لِلْأَوْلِيَـاءِ كَرَامَـةٌ»

يعني:

مصيبت، ظالم جي لاءِ سزا، مومن لاءِ امتحان، نبين جي لاءِ درجو ۽ اولياء جي لاءِ ڪرامت آهي.

(بحارالانوار، ج٤٦، ص٥٣٢)



إِنَّا بَلَوْنَاهُمْ كَمَا بَلَوْنَا أَصْحَابَ الْجَنَّةِ

قرآني قصا

# اصحاب الجنة جو داستان ۽ منجهس عبرت پريو درس

تحرير: مولانا معشوق علي جلالاڻي (مهدوي) (سانگهڙ)

الله پاڪ انسان ذات جي هدايت لاءِ هر دور ۾ نبين ۽ رسولن جي صورت ۾ سندس نمائندا موڪليندو رهيو آهي ۽ انهن منجهان ڪجهه کي ڪتاب پڻ عطا ڪيائين، تہ جيئن اهي نبي ان ڪتاب وسيلي ماڻهن جي اجا وڌيڪ هدايت جو بندوبست ڪري سگهن.

انهن آسماني ڪتابن منجهان هڪ قرآن پاڪ پڻ آهي، جيڪو معجزي سان گڏوگڏ هدايت جو هڪ بهترين نمونو آهي. الله پاڪ قرآن مجيد ۾ انسان ذات جي سونهپ ۽ هدايت ۽ ان منجهان درس پرائڻ جي لاءِ گذريل ڪيترين ئي قومن جي قصن کي بيان ڪيو آهي، انهن منجهان هڪ اصحاب الجنة نالي ڪجهه پائرن جو قصو پڻ آهي، جيڪو هر دور ۾ هر انسان کي هڪ بهترين درس جي طرف دعوت ڏيئي رهيو آهي. اسان هن جاءِ تي «اصحاب الجنة» جي داستان تي هڪ سرسري نگاهہ وجهڻ ڪانپوءِ، سموري قصي کي قرآن ۽ تاريخ جي روشنيءَ ۾ سربستو بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

## اصحاب الجنة جي داستان تي سرسري نگاهہ

يمن جي سرزمين تي «صنعا» نالي شهر کان ڳچ مفاصلي تي هڪ پيرسن مؤمن رهندو هو، جيڪو تمام گهڻو نيڪ ۽ پرهيزگار ۽ يتيمن ۽ مسڪينن جو همدرد ۽ هڏ ڏوکي هوندو هو. سندس هڪ وڏو اهل ۽ عيال (ڪٽنب) هوندو هو، سندس شهر ۾ ڪيترائي غريب، فقير، يتيم، محتاج ۽ مسڪين رهندا هئا. خدا پاڪ کيس سرسبز باغ جي صورت ۾ هڪ عظيم نعمت سان نوازيو هو. جڏهن باغ پچي راس ٿيندو هو، تہ هيءُ سندس شهر جي غريبن کي ٻڌائيندو هو، اهي پڻ انهيءَ باغ جي آسپاس اچي گڏ ٿيندا هئا. پوءِ باغ جو ۽ پنهنجي اهل ۽ عيال جو سال ڀر جو خرچ ڪڍڻ کان پوءِ، سمورو مال پنهنجي پالڻهار جي راهہ ۾ انهن غريبن ۽ يتيمن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو.

ليڪن ان مڙهي جي مرتئي ڪانپوءِ سندس اولاد کي حرص ۽ لالچ جهڙي بري بيماري وڻ ويڙهيءَ جيان وڪوڙي ويئي ۽ پاڻ ۾ ويهي اهو فيصلو ڪيائون تہ سندن شهر جي غريبن ۽ مسڪينن کي (جن جون اکيون سندن باغ تي ئي کتل هونديون هيون ۽ جيڪي سندن باغ جي سهاري ئي زندگيءَ جا ڏکيا ڏينهن گهاري رهيا هئا) هن باغ جي اپت ۽ آمدنيءَ منجهان ڪجهه بہ نہ ڏيندا.

سو اهي پنهنجي فيصلي مطابق، هڪ ڏينهن صبح جو سويرو جڏهن شهر جو هر ماڻهو آرام ۾ هو، سندن باغ ڏانهن ويا. خدا پاڪ هنن جي بد نيتي ۽ لالچ کان پليءَ

يتِ آگاهه هو. جڏهن باغ وٽ پهتا، ڪٿي ڏسن تہ سندن سرسبز باغ سڙي رک ٿي چڪو آهي.

جڏهن خدا پاڪ هنن جي نيتن ۾ خلل ڏٺو تہ الله سائينءَ انهن جي اچڻ کان پهريان رات جي پيٽ ۾ عذاب طور آسمان تان هڪ باهه ۽ وڄ ڪيرائي جنهن ان من موهيندڙ سرسبز ۽ سائي باغ کي ساڙي چار ٻٽائي ڇڏيو.

پوءِ هڪٻئي کي ڏسي چوڻ لڳا تہ: اسان پالڻهار طرفان ڏنل سندس ناياب نعمت جي ناشڪري ڪئي ۽ شيطان اسان کي پنهنجي ڦندي ۾ ڦاسائي ڇڏيو، دنيا جي جوفيءَ هٻڇ ۽ لالچ جي ڪري اسان کي اڄ هيءُ ڏينهن ڏسڻو پيو آهي. ان ڪانپوءِ خدا پاڪ جي بارگاهه ۾ توبہ ڪيائون.

ڪجهہ مفسّرن جو چوڻ آهي تہ انهن جي توبہ قبول ڪانہ ٿي، ليڪن اڪثر مفسّر ۽ ان کان علاوه ڪجهہ روايتون پڻ اهو ٻڌائين ٿيون تہ انهن خلوص ۽ سچيءَ دل سان ڌڻيءَ در توبہ ڪئي هئي تنهنڪري الله ٻاجهاري سندن توبہ کي قبول ڪيو ۽ ڪين پهريان کان ڀلو ۽ سرسبز باغ عطا ڪيو.

## اصحاب الجنة مٿان انهيءَ نالي پوڻ جو سبب

«اَصحاب»، عربي لفظ ۽ «صاحِب» جو جمع آهي، جنهن کي «ص، ح، ب» ڌاتوءَ کان ورتو ويو آهي. جنهن جي معنىٰ «ساٿي، سنگتي، دوست ۽ صحبتي» آهي. ۽ «الجنّة» پڻ عربي زبان جو لفظ آهي جيڪو «سرسبز ۽ سائو ڇهڇ ۽ وڻن سان ٽمٽار باغ» جي معنىٰ ۾ آهي.[1] جيئن تہ اصحاب الجنّة هڪ سرسبز ۽ وڏي باغ جا مالڪ هئا تنهن ڪري ڪين تاريخ ۾ اصحاب الجنّة جي نالي سان ياد ڪيو ٿو وڃي. اصحاب الجنّة يعني: سرسبز ۽ ڦلدار باغ جا صاحب ۽ مالڪ.[2]

## اصحاب الجنة قرآن مجيد جي نگاهه ۾

قرآن مجيد هن عبرت ڀريي قصي کي سورت قلم ۾ آيت نمبر سترهن کان ٽيٽيهہ تائين بيان ڪيو آهي، البتہ قرآن پاڪ ۾ ٻين قصن جيان هن قصي بابت پڻ ان شيءِ کي واٽڪو ناهي ڪيو ويو تہ هي (اصحاب الجنّة) ڪهڙي دور ۾ زندگي بسر ڪندا هئا ۽ ڪهڙي ملڪ يا شهر جا رهاڪو هئا؟ ليڪن تاريخ ۽ قرآن پاڪ جي تفسيرن ان شيءِ کي سهڻي نموني واٽڪو ڪيو آهي.

اصحاب الجنّة واري قصي بابت خدا پاڪ جو سورت قلم ۾ ارشاد ٿو ٿئي تہ:

﴿إِنَّـا بَلَوْنَاهُـمْ كَمَـا بَلَوْنَـا أَصْحَـابَ الْجَنَّـةِ إِذْ أَقْسَـمُوا لَيَصْرِمُنَّهَـا مُصْبِحِـينَ. وَلَا يَسْـتَثْنُونَ. فَطَـافَ عَلَيْهَـا طَائِـفٌ مِـنْ رَبِّـكَ وَهُـمْ نَائِمُـونَ. فَأَصْبَحَـتْ كَالصَّرِيـمِ. فَتَنَـادَوْا مُصْبِحِـينَ. أَنِ اغْـدُوا عَلَى حَرْثِكُـمْ إِنْ كُنْتُـمْ صَارِمِـينَ. فَانْطَلَقُـوا وَهُـمْ يَتَخَافَتُـونَ. أَنْ لَا يَدْخُلَنَّهَـا الْيَوْمَ عَلَيْكُـمْ مِسْـكِينٌ. وَغَـدَوْا عَلَى حَـرْدٍ قَادِرِيـنَ. فَلَمَّـا رَأَوْهَـا قَالُـوا إِنَّـا لَضَالُّـونَ. بَـلْ نَحْنُ مَحْرُومُـونَ. قَـالَ أَوْسَـطُهُمْ أَلَـمْ أَقُـلْ لَكُـمْ لَـوْلَا تُسَـبِّحُونَ. قَالُـوا سُـبْحَانَ رَبِّنَـا إِنَّـا كُنَّـا ظَالِمِـينَ. فَأَقْبَـلَ بَعْضُهُـمْ عَلَى بَعْـضٍ يَتَلَاوَمُـونَ. قَالُـوا يَـا وَيْلَنَـا إِنَّـا كُنَّـا طَاغِـينَ. عَسَى رَبُّنَـا أَنْ يُبْدِلَنَـا خَـيْرًا مِنْهَـا إِنَّـا إِلَى رَبِّنَـا رَاغِبُونَ. كَذَٰلِـكَ الْعَـذَابُ وَلَعَـذَابُ الْآخِـرَةِ أَكْـبَرُ لَـوْ كَانُـوا يَعْلَمُـونَ.﴾ [3]

بيشڪ اسان هنن کي اهڙيءَ طرح آزمايو جهڙيءَ طرح باغ وارن (اصحاب الجنّة) کي آزمايو هيوسون، جڏهن قسم کنيائون تہ سويرو ئي اُن پوک کي ضرور لُڻندا ۽ اِنشاءَ الله نہ چيائون. پوءِ تنهنجي پالڻهار طرفان اُن باغ تي هڪ بلا ٿُٿي ۽ اُهي اڃا ستل ئي هئا جو اُهو باغ سڙي ناڙ وانگر ٿي ويو.

پوءِ سويرو هڪٻئي کي سڏڻ لڳا تہ: جيڪڏهن اوهين لاباري ڪرڻ وارا آهيو تہ پوءِ پنهنجي پوک تي سويرو هلو. پوءِ اُهي هليا ۽ هڪٻئي سان هوريان هوريان ڳالهائڻ لڳا تہ جيئن هن باغ ۾ اڄ اوهان وٽ ڪو مسڪين اندر اچي نہ سگهي. ۽ (پنهنجي گمان ۾) بخل (جي نيت) تي سگهارا ٿي سويرو پهتا. پوءِ جنهن مهل باغ کي ڏٺائون چيائون تہ: بيشڪ اسين رستو ڀليل آهيون. (نہ!) بلڪ اسين بي نصيب آهيون. (انهن ڀائرن منجهان) سندن چڱي چيو تہ: اوهان کي نہ چيو هئم تہ الله جي پاڪائي ڇو نہ ٿا بيان ڪريو؟ چيائون تہ: اسين پنهنجي پالڻهار جي پاڪائي بيان ڪريون ٿا ۽ بيشڪ اسان ظالم هئاسون.

پوءِ هڪٻئي کي ملامت ڪندڙ ٿي هڪڙن ٻين ڏانهن مهاڙ ڪئي. چوڻ لڳا تہ: ويل اسان لاءِ بيشڪ اسين حد کان لنگهندڙ هئاسون. مانَ اسان جو پالڻهار اسان کي هن کان ڀلو (ڪو ٻيو باغ) بدلو ڏئي، بيشڪ اسين پنهنجي پالڻهار ڏانهن اُميد رکندڙ آهيون. ائين ئي آفت پوڻي آهي، ۽ بيشڪ آخرت جو عذاب تمام وڏو آهي، ارمان! جيڪڏهن سمجهن ها.

## اصحاب الجنة جو شهر

اصحاب الجنّة جي شهر جو نالو ڇا هو ۽ سندن اهو

سرسبز ۽ سائو باغ ڪهڙي ملڪ جي ڪهڙي شهر ۾ هو؟ ان بابت ڪجهه اختلاف آهي. ڪجهه عالمن جو چوڻ آهي تہ: اصحاب الجنة يمن ملڪ جي «صنعا» نالي شهر ۾ رهندا هئا ۽ ڪجهه عالمن لکيو آهي تہ: حبشہ جي سرزمين تي رهندا هئا. ڪجهه عالمن اصحاب الجنة جي رهائش ۽ سندن سرسبز باغ جي جڳهہ شام ملڪ بيان ڪيو آهي ۽ ڪجهه عالمن «طائف» جو پڻ ذڪر ڪيو آهي؛[4] ليڪن مشهور اهو آهي تہ اصحاب الجنة «يمن» ملڪ جي «صنعا» نالي شهر کان ٻن فرسخن جي مفاصلي تي ۾ رهندا هئا ۽ اتي ئي سندن سرسبز باغ هو.[5]

## اصحاب الجنة جي داستان جو تفصيلُ

اصحاب الجنة جو قصو ڪجهه هن طرح آهي تہ هيءَ باغ هڪ پوڙهي مؤمن شخص[6] جو هو، جيڪو اهل ڪتاب[7] ۽ هڪ نيڪ انسان[8] هو. مفسّرن لکيو آهي تہ: اهو باغ تمام گهڻو سرسبز،[9] ميوي ۽ ڦلن سان ٽمٽار ۽ منجهس عمدي ۽ بهترين قسم جو ميوو ٿيندو هو، ۽ ان باغ کي «صروان» [10] يا «ضروان»[11] يا «رضوان» [12] جي نالي سان ڪوٺيو ويندو هو. خدا پاڪ جو ڪيس هيڏي وڏي نعمت سان نوازيو هو سو تنهن جو شڪر بجا آڻڻ خاطر باغ منجهان سندس سال ڀر جي ضرورت مطابق پاڻ ڪٽيندو هو ۽ باقي غريبن ۽ فقيرن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو،[13] ۽ جڏهن باغ پچي راس ٿيندو هو ۽ ان جي لهڻ ۽ لاپ جو وقت ايندو هو تہ مسڪينن ۽ محتاجن کي باخبر ڪندو هو.[14] غريب ۽ تنگدست ماڻهو پڻ عادت مطابق هر سال باغ جي پڪائيءَ مهل ان جي آسپاس اچي گڏ ٿيندا هئا.[15]

ڪجهه مفسّرن لکيو آهي تہ: هو باغ جي بچت کي ٽن ڀاڱن ۾ ورهائيندو هو: هڪ: باغ جو خرچ؛ ٻيو: غريبن ۽ مسڪينن جو حصو؛ ٽيون: سندس ۽ سندس اهل ۽ عيال جي سال ڀر جو خرچ.[16] ڪيترائي يتيم، ڏاڍڻيون ۽ غريب ۽ مسڪين ماڻهو انهيءَ باغ جي سهاري ئي پلندا ۽ ٽڳندا هئا.[17] ۽ اهو پوڙهو مؤمن ڪڏهن بہ انهن کي باغ ۾ اچڻ ۽ ميون ۽ ڦلن کي ڪاٽڻ ۽ گهر ڏانهن پنهنجي ٻارن ٻچن لاءِ کڻي وڃڻ کان نہ روڪيندو هو.[18]

هن نيڪ ۽ مؤمن جهوني جو ڪردار ۽ رويو ربّ جي ذات کي حد کان وڌيڪ پسند آيو، تنهنڪري مالڪ سندس باغ مٿان برڪت جا مينهن وسائي ڇڏيا ۽ هر سال گذريل سال کان وڌيڪ ڦل لهندو هو.[19] پر ان پوڙهي جا پٽ لالچ ۽ هٻچ جي ڪري ڪيس انهيءَ نيڪ ڪم کان روڪيندا هئا.[20]

جڏهن سندن پيءُ هيءُ جهان ڇڏيو تہ پٽن چيو تہ: اسان پنهنجي پيءُ وانگر نہ ٿا ڪري سگهون، اسان منجهان هر هڪ جو وڏو ڪٽنب آهي ۽ اسان انهيءَ باغ جي آمدنيءَ منجهان پنهنجي ۽ پنهنجي گهروارن جي پورت مس ڪري سگهنداسين. سو هنن اهو پڪو پهہ ڪيو تہ اڄ کان پوءِ اسان هن باغ منجهان ڪنهن کي ڪجهہ بہ نہ ڏينداسين.[21]

ان سال باغ ۾ پهرين سالن جي ڀيٽ ۾ اڃا وڌيڪ ميوو لڳو هو، هي ان شيءِ کي ڏسي هٺ ۽ غرور ڪرڻ لڳا ۽ لالچ سندن دلين ۾ بالڪل گهر ڪري ويئي.[22] انهن منجهان هڪڙي چيو تہ: اسان جو پيءُ پوڙهائپ جي ڪري سندس عقل وڃائي وينو هو، تنهنڪري سندس باغ جو گهڻو حصو فقيرن ۽ غريبن ۾ ٿي ورهائي ڇڏيائين؛ اسان جا ٻار ٻچا گهڻا آهن ۽ اسان انهن (غريبن ۽ مسڪينن) کان وڌيڪ محتاج آهيون.[23] پوءِ انهن پاڻ ۾ ويهي اهو فيصلو ڪيو تہ هاڻي مسڪينن ۽ محتاجن کي ڪجهہ بہ ناهي ڏيڻو تہ جيئن هر سال باغ جي آمدنيءَ منجهان ڪجهہ بچائي ڪجهہ ئي عرصي ۾ جهجهي ملڪيت گڏ ڪري مالدار ٿي سگهن.[24]

ليڪن انهن ڀائرن ۾ هڪ ڏاهو ۽ نيڪ ڀاءُ پڻ هو جيڪو ان فيصلي تي راضي نہ هو. سندس چوڻ هو تہ: خدا پاڪ کان ڊڄڻ گهرجي، پنهنجي مرحوم پيءُ جي نيڪ راهہ کي اپنائڻ گهرجي،[25] ۽ پنهنجي ڀائرن کي ٻڌايائين تہ: جيڪڏهن اسان غريبن ۽ مسڪينن کي محروم رکيو تہ اسان باغ جي برڪت کان محروم رهجي وينداسين،[26] ۽ خدا پاڪ انهيءَ بدنيتيءَ جو اسان کان ضرور بدلو وٺندو، تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ ڏمر ۾ گرفتار ٿيڻ کان اڳ پنهنجي ڪيل غلط فيصلي کان هٽي وڃجي ۽ خدا پاڪ کان معافي وٺڻ[27] سان گڏوگڏ باغ جهڙي نعمت جو شڪر ڪرڻ گهرجي ۽ غريبن ۽ مسڪينن کي سندن حق ڏيڻ گهرجي.[28]

پر سندس لالچي ڀائرن سندس هڪ بہ نہ ٻڌي ۽ رهندو ڪيس دڙڪا، دهمان ۽ ڌمڪيون ڏنائون ۽ ڪيس پاڻ کان ٽٽڻ جو چيائون.[29] (يعني: پنهنجي ڀاءُ کي چيائون: جيڪڏهن توکي ايڏو غريبن جو احساس ۽ درد آهي تہ تون اسان کان جدا ٿيءُ ۽ پنهنجي حصي منجهان جيترو ۽ جيڪو وڻئي انهن کي ڏجُ) اصحاب الجنة سندن شهر جي غريب ماڻهن

کي (جيڪي پورو سال ان انتظار ۾ هوندا هئا تہ ڪڏهن باغ پچندو ۽ اسان کي منجهانئس پنهنجو ڀاڱو ملندو؟) پنهنجي دلين ۾ بيائي رکندي ۽ انهن کي دوکي ۾ رکندي چيو تہ: باغ جي پچڻ ۾ اجا دير آهي، باغ جيئن ئي پچي راس ٿيو تہ اوهان کي ضرور ٻڌائينداسون، تہ جيئن في الحال باغ جي ڳالھ کي پنهنجن ذهنن مان ڪڍي ڇڏين ۽ پنهنجي ڪم ڪار ۾ لڳي وڃن.[30]

آخرڪار اهي پاڻ هڪ ڏينهن نويڪلائيءَ ۾ ڪنهن جاءِ تي گڏ ٿيا ۽ اتي هنن اهو فيصلو ڪيو تہ: هڪ ڏينهن صبح جو سويرو يتيمن ۽ غريبن جي سجاڳ ٿيڻ کان پهريان باغ ڏانهن وڃن ۽ لڪ ڇپ ۾ سڄي باغ جا ميوا پٽي غريبن جي لاءِ ڪجهہ بہ نہ بچائين. جيئن خدا پاڪ جو ارشاد آهي تہ: إِذْ أَقْسَمُوا لَيَصْرِمُنَّهَا مُصْبِحِينَ وَلَا يَسْتَثْنُون.[31] جڏهن قسم کنيائون تہ سويرو ئي اُن پوک کي ضرور لُڻندا. ۽ اِنشاء الله نہ چيائون. قرآن پاڪ جي اڪثر مفسّرن «لَا يَسْتَثْنُونَ». مان «انشاء الله» نہ چوڻ مراد ورتي آهي؛ چو جو اهي ايڏا تہ مغرور ۽ هنيلا ۽ خدا پاڪ جي مشيت کان غافل ٿي چڪا هئا ۽ هنن اهو پڪو پهہ ڪري ڇڏيو هو تہ سڀاڻي صبح جو سويرو لڪ ڇپ ۾ هلي باغ جي پٽائي ڪنداسين،[32] ايستائين جو «انشاء الله» چوڻ بہ وساري وينا ۽ پنهنجي پر ۾ اهو سمجهڻ لڳا تہ اسان کي «انشاء الله» چوڻ جي ڪائي گهرج ڪانهي، ۽ اهو خدا پاڪ سان هڪ قسم سان شرڪ آهي.[33]

ليڪن ڪجهہ مفسّرن جو چوڻ آهي تہ: «لَا يَسْتَثْنُونَ». مان «غريبن ۽ مسڪينن جو حصو الڳ نہ ڪرڻ» مراد آهي.[34] (چاڪاڻ تہ انهن اهو ارادو ڪيو هو تہ پرهہ ڦٽيءَ جو هڙئي اجا اگهور ننڊ ۾ هوندا باغ ڏانهن وڃي ان جي پٽائي ڪنداسين ۽ ان ڳالھ جي ڪنهن کي ڪڙڪ ئي ڪانہ پوندي ۽ اهڙيءَ طرح هنن جي اٿڻ کان پهريان سموري ڪمائيءَ کي ئي ختم ڪري ڇڏينداسين).

ڪجهہ مفسرن جي چوڻ مطابق هيءَ (ٻي) معنىٰ صحيح ۽ مناسب لڳي ٿي؛ چاڪاڻ تہ اصل داستان تي بہ پوري لهي ٿي.[35]

اصحاب القريہ اهڙي قسم جي فيصلي ڪرڻ کان پوءِ مطمئن ٿي آرام سان وڃي سندن گهرن ۾ سمهي رهيا تہ جيئن سويرو اٿي غريبن ۽ مسڪينن کان لڪي باغ جي ميون کي پٽين. ليڪن انهيءَ شيءِ کان غافل رهيا تہ خدا پاڪ دلين جي رازن ۽ ڳجهہ کي بہ ڄاڻي ٿو.

سندن اهڙي قسم جي صلاح ۽ سوچ تي الله سائين مٿن ڏمريو، اهي اجا ڌت ننڊ ۾ ئي هئا جو پالڻهار سندن ناشڪري[36] ۽ غريبن کان سندن حق کي روڪڻ جي ڪري[37] سندن سرسبز باغ مٿان عذاب طور آسمان تان هڪ ڀيانڪ باھ ۽ وڄ ڪيرائي[38] جنهن انهن جي سموري سرسبز باغ[39] کي ساڙي رک ڪري ڇڏيو.[40] انهيءَ آسماني باھ ۽ وڄ (عذاب) جي ڪري اهو هيڏو سرسبز ۽ ڦلدار باغ سڙي ڪوئلي ۽ ڪيريءَ جي هڪ مٺ کان وڌيڪ ٻيو ڪجهہ بہ نہ بچيو.[41] جيئن خدا پاڪ جو ارشاد آهي تہ: فَطَافَ عَلَيْهَا طَائِفٌ مِنْ رَبِّكَ وَهُمْ نَائِمُونَ. فَأَصْبَحَتْ كَالصَّرِيمِ.[42] پوءِ تنهنجي پالڻهار جي طرفان اُن باغ تي هڪ بلا ٿُني ۽ اُهي اجا ستل ئي هئا جو اُهو باغ سڙي ناڙ وانگر ٿي ويو. قرآن پاڪ جي سيني مفسّرن جو ان شيءِ تي اتفاق آهي تہ عذاب رات جي پيٽ ۾ ئي نازل ٿيو هو.[43]

اصحاب الجنة کي ڪاٻہ سڌ ڪانہ هئي تہ سندن سائي ڇهڇ باغ سان ڪهڙو هاڃو ٿيو آهي؟[44] سو صبح جو سويرو اٿي آهستي آهستي هڪٻئي کي سڏڻ لڳا تہ: سگها ٿيو ۽ باغ ڏانهن مهاڙ ڪريو جو محتاج ۽ مسڪينن جي جاڳڻ کان اڳ باغ کي خالي ڪريون. جيئن خدا پاڪ جو ارشاد آهي تہ: فَتَنَادَوْا مُصْبِحِينَ. أَنِ اغْدُوا عَلَىٰ حَرْثِكُمْ إِنْ كُنْتُمْ صَارِمِينَ.[45] پوءِ سويرو هڪٻئي کي سڏڻ لڳا تہ جيڪڏهن اوهين لاباري ڪرڻ وارا آهيو تہ پوءِ پنهنجي پوک تي سويرو هلو.

پوءِ اهي ماٺ مِيٺ ۾ پنهنجي باغ ڏانهن جهڪ تي پاڻي اچڻ جيان هلڻ لڳا تہ جيئن شهر وارن منجهان ڪنهن کي ڪڙڪ بہ نہ پوي،[46] ۽ اهي واٽ ويندي پڻ هڪٻئي سان آهستي ڳالهائي رهيا هئا جو سندن ٻُڌڪار ٻڌي مٿان ڪنهن مسڪين جي اک کلي پوي.[47]

ان کان علاوه رستي ۾ هڪٻئي کي چوندا پئي ويا تہ: خبردار! مٿان ڪوئي شهر وارن (مسڪينن ۽ غريبن) کي ٻڌائي تہ اسان باغ ڏانهن آيا آهيون ۽ جيڪڏهن انهن کي خبر پوي ۽ اهي معمول مطابق پنهنجو پنهنجو حصو وٺڻ خاطر باغ ڏانهن اچن تہ ڪير بہ انهن کي اندر اچڻ نہ ڇڏي.[48] جهڙي نموني الله سائينءَ جو پنهنجي پاڪ ڪلام ۾ ارشاد ٿو ٿئي تہ: فَانْطَلَقُوا وَهُمْ يَتَخَافَتُونَ. أَنْ لَا يَدْخُلَنَّهَا الْيَوْمَ عَلَيْكُمْ مِسْكِينٌ.[49] پوءِ اُهي هليا ۽ هڪٻئي سان هوريان هوريان ڳالهائڻ لڳا تہ جيئن هن باغ ۾ اڄ اوهان وٽ ڪو مسڪين اندر اچي نہ سگهي.

اصحاب الجنۃ تہ وڏيون آسون ۽ اميدون ڪٿي سندن باغ ڏانهن هليا هئا پر جڏهن اتي پهتا ڇا ڏسن تہ سندن سمورو سائو ڇهڇ باغ سڙي خاڪ جو هڪ ڍير بڻجي چڪو آهي.[50]

ابن عباس ۽ قتاده جي تفسير مطابق جنهن کي اڪثر مفسّرن پڻ قبول ڪيو آهي تہ اهي شروع ۾ سندن باغ کي سڃاڻي نہ سگهيا ۽ هڪٻئي ڏانهن ڏسي (ڦڪي منهن سان) چوڻ لڳا تہ: (رات جي اونداهيءَ جي ڪري) شايد اسان رستو ڀلجي ويا آهيون،[51] پر جڏهن اک ٻنيائون ڏٺائون تہ هڙئي پار پتا سندن ئي باغ تي پورا پون پيا پوءِ چوڻ لڳا تہ هيءُ اسان جو ئي باغ آهي،[52] اسان باغ جو رستو نہ ڀليا آهيون بلڪ اسان بابي جي مرتئي کان پوءِ حق جو رستو ڀلجي چڪا آهيون ۽ اسان بي نصيب آهيون. جهڙي طرح خدا پاڪ جو ارشاد آهي تہ: فَلَمَّا رَأَوْهَا قَالُوا إِنَّا لَضَالُّونَ. بَلْ نَحْنُ مَحْرُومُونَ.[53] پوءِ جنهن مهل سندن باغ تي نظر پين تہ چيائون: بيشڪ اسين رستو ڀليل آهيون. (نہ) بلڪ اسين بي نصيب آهيون.

ان کان اڳا وڏيڪ هڪٻئي کي چوڻ لڳا تہ: اسان پنهنجي بڇڙي نيت جي ڪري الله سائينءَ جي عذاب ۾ گرفتار ٿيا آهيون.[54]

جڏهن سموري حقيقت کلي سندن سامهون آئي تہ منجهائن جيڪو وڏيڪ ڏاهو[55] ۽ نيڪ[56] هو ان کين چيو: ڇا اوهان کي نہ چيو هئم تہ خدا پاڪ کي ياد ڪريو ۽ ڪانئس بخشش گهرو ۽ غريبن ۽ مسڪينن کي سندن حق کان محروم رکي ناشڪرا نہ ٿيو؟[57] پر اوهان ڪنن تي ڪپهہ ڏيئي ڇڏي ۽ منهنجي ڳالهہ کي ٺڪرائيندي جيئن اوهان رٿ رٿي هئي ائين ئي ڪيو. جيئن خدا پاڪ جو ارشاد آهي تہ: قَالَ أَوْسَطُهُمْ أَلَمْ أَقُلْ لَكُمْ لَوْلا تُسَبِّحُونَ.[58] (پوءِ انهن منجهان) چڱي ڪين چيو تہ: اوهان کي نہ چيو هئم تہ الله جي پاڪائي ڇو نہ ٿا بيان ڪريو؟

پوءِ ڪين سندن ياءُ جي ڳالهہ وڃي دل سان لڳي (پر ان وقت پاڻي مٿي کان چڙهي چڪو هو) ۽ انهن پنهنجي خطا جو اعتراف ڪيو ۽ افسوس وچان چوڻ لڳا تہ: سمورو ڏوهہ اسان جو ئي آهي، جيڪڏهن اسان پنهنجي مرحوم پيءُ وانگر نعمتن جو شڪر بجا آڻيون ها تہ اسان کي اڄ اهو ڏينهن ڏسڻو نہ پوي ها. جهڙيءَ طرح الله سائينءَ جو سندس پاڪ ڪلام ۾ ارشاد ٿو ٿئي تہ: قَالُوا يَا وَيْلَنَا إِنَّا كُنَّا طَاغِينَ.[59] چوڻ لڳا تہ: وَيل اسان لاءِ بيشڪ اسين حد کان لنگهندڙ هئاسون.

۽ اهي پنهنجو پاڻ کي ننديندي چوڻ لڳا تہ: بيشڪ اسان غريبن ۽ يتيمن جو حق ڏيڻ کان انڪار ڪيو ۽ بيشڪ اسان پنهنجي پالڻهار جي ياد کان غافل رهجي وياسين ۽ بيشڪ اسان پنهنجي مٿان ۽ ٻين تي ظلم ڪيو ۽ اها ئي شيءِ ڪارڻ بڻي جو اسان جو سرسبز باغ ڪارن ڪوئلن ۾ تبديل ٿي ويو.[60] جهڙي نموني خدا پاڪ جو ارشاد آهي تہ: قَالُوا سُبْحَانَ رَبِّنَا إِنَّا كُنَّا ظَالِمِينَ.[61] چيائون تہ: اسين پنهنجي پالڻهار جي پاڪائي بيان ڪريون ٿا ۽ بيشڪ اسان ظالم هئاسون.

جڏهن ڪنهن بہ شيءِ ۾ جيڪڏهن ڪجهہ ماٺهو گڏ هجن ۽ اها خراب ٿي پوي يا انهن منجهان ڪين ڪوئي گهاٽو پهچي تہ منجهائن ڪوئي بہ ان ڳالهہ کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هوندو تہ اها خرابي ۽ اهو گهاٽو منهنجي غلطيءَ جي ڪري ٿيو آهي، بلڪ هرڪو اهڙي قسم جو گند ٻئي جي مٿان اڇلائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اصحاب الجنۃ پڻ اهڙي نموني هڪٻئي تي هٽڻ لڳا تہ هيءُ هيڏو هاڃو فلاڻي جي ڪري ٿيو آهي ۽ هڪٻئي کي ملامت ڪرڻ لڳا. جهڙي نموني خدا پاڪ جو ارشاد آهي تہ: فَأَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلَىٰ بَعْضٍ يَتَلَاوَمُونَ.[62] پوءِ هڪٻئي کي ملامت ڪندڙ ٿي هڪڙن ٻين ڏانهن مهاڙ ڪئي.

اصحاب الجنۃ غفلت جي گهري ننڊ ڪانپوءِ جڏهن سجاڳ ٿيا تہ پنهنجي خطا جو اعتراف ڪندي خدا پاڪ جي بارگاهہ ڏانهن موٽڻ جو ارادو ڪيائون، ۽ هڪٻئي کي چوڻ لڳا تہ: جيڪڏهن پالڻهار کان گذريل خطا جي معافي گهرون تہ اميد آهي تہ الله ٻاجهارو اسان تي ٻاجهہ ڪري ۽ اسان جي گناهن کي بخشي ۽ هن باغ جي بدلي هن کان ڀلو باغ اسان کي عطا ڪري. انهيءَ بابت خدا پاڪ جو ارشاد ٿو ٿئي تہ: عَسَىٰ رَبُّنَا أَنْ يُبْدِلَنَا خَيْرًا مِنْهَا إِنَّا إِلَىٰ رَبِّنَا رَاغِبُونَ.[63] مانَ اسان جو پالڻهار اسان کي هن کان ڀلو باغ بدلي ۾ ڏئي، بيشڪ اسين پنهنجي پالڻهار ڏانهن اُميد رکندڙ آهيون. ڇاڪاڻ تہ خدا جي خزاني ۾ ڪائي ڪمي ڪانهي. جيڪڏهن بندو بڇڙائيءَ تي نہ لهي ۽ ان پاڪ ۽ مقدّس هستيءَ جو ناشڪرو نہ ٿئي ۽ غريبن ۽ مسڪينن جو حق نہ ڪائي تہ پالڻهار اڳي کان اڃا وڌيڪ پنهنجي بندي کي ڏيئي ڇڏيندو آهي.

جيتوڻيڪ ظاهري لحاظ سان اصحاب الجنۃ پنهنجي ڪڌي ڪرتوت تي پشيمان ٿيا ۽ پنهنجي خطا جو اعتراف

ڪيائون، پر هن جاءِ تي اهو سوال ٿو اڀري تہ ڇا سچ ۾ اهي پشيمان ٿيا هئا جو جيڪڏهن ٻيهر ڏٺي تعاليٰ کين اهڙي نعمت سان نوازيو تہ ان جو شڪريو بجا آڻيندا يا ٻين قومن وانگر جڏهن مٿن عذاب اچي ڪڙڪيو ٿي تہ پشيمان ٿيندا هئا ۽ غفلت جي ننڊ مان سجاڳ ٿيندا هئا ۽ جيڪڏهن عذاب ٽري ويندو هو تہ وري ساڳيو ڌنڌو شروع ڪندا هئا؟

ان باري ۾ قرآن پاڪ جي مفسّرن جي وچ ۾ پڻ اختلاف پاتو وڃي ٿو، ڪجهہ مفسّرن جو چوڻ آهي تہ: بعد واري آيت جي لحن ۽ لهجي منجهان اها پرک پوي ٿي تہ انهن جي توبہ شرطن جي پوري نہ هجڻ جي ڪري قبول نہ ٿي.[٦٤] ليڪن اڪثر مفسّرن جو چوڻ آهي تہ: انهن اخلاص ۽ سچيءَ دل سان خدا پاڪ جي بارگاهہ ۾ توبہ ڪئي هئي ۽ انهن جي توبہ قبول ٿي.[٦٥]

اهڙي نموني ڪجهہ روايتن ۾ پڻ ملي ٿو تہ خدا پاڪ انهن جي توبہ قبول ڪئي ۽ کين پهريان کان بهتر باغ عنايت ڪيو.[٦٦] جهڙي نموني عبدالله بن مسعود کان روايت آهي تہ: الله سائينءَ انهن جي توبہ قبول ڪئي ۽ پهريان کان ڀلو ۽ سرسبز باغ کين عطا ڪيو.[٦٧]

## اصحاب الجنة جو سر انجام

اصحاب الجنّة سندن پيءُ جي مرتئي کان پوءِ پاڻ ۾ ويهي اهو فيصلو ڪيو تہ هاڻي هن باغ جي اپت ۽ آمدنيءَ منجهان ڪنهن کي بہ ڪجهہ ناهي چکائڻو، اسان پاڻ ٻارن ٻچن وارا آهيون ۽ هن باغ منجهان اسان ۽ اسان جي اهل ۽ عيال جي پورت ئي مس ٿيندي. سو انهن اهو طي ڪيو تہ هڪ ڏينهن صبح جو سويرو جڏهن شهر جو هر غريب غُربو ستو پيو هوندو، اهي سندن باغ ڏانهن ويندا ۽ ماڻهن جي اٿڻ کان پهريان باغ جا ميوا پٽي ۽ منجهس پوک کي لٽي هڪ پاسي ڪندا. خدا پاڪ سندن بد نيتي ۽ لالچ کان ڀليءَ ڀت باخبر هو. پر جڏهن مقرر ڏينهن مطابق سويرو سمورو ساز ۽ سامان کڻي باغ ڏانهن مهاڙ ڪيائون، جڏهن اتي پهتا کڻي ڏسن تہ سندن سرسبز باغ سڙي خاڪ ٿي چڪو آهي. جڏهن خدا پاڪ هنن جي نيتن ۾ خلل ڏٺو تہ الله سائينءَ انهن جي اچڻ کان پهريان عذاب طور آسمان تان هڪ باهہ ۽ وڄ ڪيرائي جنهن ان من موهيندڙ باغ کي ساڙي ناس ڪري ڇڏيو. پوءِ هڪبئي کي ڏسي چوڻ لڳا تہ اسان پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙي هنئي آهي، اسان پالڻهار طرفان ڏنل هن ناياب نعمت جي ناشڪري ڪئي آهي ۽ شيطان اسان کي پنهنجي فريب جي ڦندي ۾ ڦاسائي ڇڏيو هو، دنيا جي جوفي، هٻڇ ۽ لالچ جي ڪري اسان کي اڄ هيءُ ڏينهن ڏسڻو پيو آهي.

پوءِ پالڻهار جي بارگاهہ ۾ توبہ ڪيائون، سندن توبہ قبول ٿيڻ ۽ نہ ٿيڻ بابت مفسّرن ۾ اختلاف پاتو وڃي ٿو، ڪجهہ مفسّر لکن ٿا تہ انهن جي توبہ قبول ڪانہ ٿي، ليڪن اڪثر مفسّر ۽ ان کان علاوه ڪجهہ روايتن ۾ پڻ ملي ٿو تہ انهن خلوص ۽ سچيءَ دل سان رب پاڪ جي بارگاهہ ۾ توبہ ڪئي هئي، تنهنڪري الله ٻاجهاري سندن توبہ کي قبول ڪيو ۽ کين پهريان کان ڀلو ۽ سرسبز باغ عطا ڪيو.

## هن داستان ۾ عبرت آميز نڪتا

١: غريبن، مسڪينن ۽ محتاجن کي سندن حق نہ ڏيڻ سان ربّ جي ذات ڏمرجي ٿي.

٢: هر ڪم لاءِ انشاء الله چوڻ سان اهو خير ۽ سهڻي نموني سان نبري ٿو.

٣. ڏاڍي جي ڏمر کي ڪا بہ قوّت آڏي نہ ٿي اچي سگهي.

۴: خدا پاڪ جي ڏنل نعمت تي ڪڏهن بہ ناشڪري نہ ڪجي.

۵: حريص ۽ لالچي انسان کي هميشہ پشيمانيءَ جو منهن ڏسڻو پوندو آهي.

٦. انسان کي ڌَنَ ۽ مايا تي مغرور نہ ٿيڻ گهرجي.

٧. حق جي مقابلي ۾ باطل هر زماني ۾ هار کاڌي آهي.

٨. اصحاب الجنّة جي باغ مٿان آيل عذاب رُڳو انهن سان ئي مخصوص نہ هو بلڪ جنهن جو بہ اهڙو ڪُڌو ڪردار هوندو اهو اهڙي قسم جي عذاب کان بچي نٿو سگهي.

٩. دولت جو نشو ماڻهوءَ کي ايترو مَگهن ۽ مَست ٿو ڪري ڇڏي جو ان جي خُمار ۾ اچي ڪُڌا ڪم ڪرڻ کان بہ ڪونہ ٿو ڪيٻائي.

١٠: انسان جي لاءِ توبہ جا دروازا سدائين کليل آهن.

١١: جيڪڏهن انسان پنهنجي ڪرتوتن تي پشيمان ٿي پالڻهار جي بارگاهہ ۾ گڙگڙائي توبہ ڪري تہ بيشڪ هو مٿس ٻاجهہ ڪندي سندس خطائن کي بخشي ٿو.

١٢: جيڪڏهن الله سائين ڪنهن کي ڌن ۽ مايا ڏني ٿو تہ ڪيس اهو نہ سمجهڻ گهرجي تہ اهو سندس ئي حصو




عيدولايت، عيد اهلبيت (ع)، عيد اعلان امامت حضرت امير المومنين
علي عليه السلام اوهان سيني کي مبارڪ هجي

تحرير: مولانا نويد حسين چنڊ
(ميرپور ماٿيلو)

# عيد غدير أئمه معصومين (عيلهم السلام) جي سيرت ۾

جنهن بہ قوم ۽ ملت جي درميان جيڪو بہ ڏينهن عيد جو ڏينهن هوندو آهي، تنهن جو بنيادي عنصر، هڪ سعادت ڀريو ۽ خوشي آڻيندڙ واقعو هوندو آهي، جيڪو ڪنهن بہ ڏينهن پيش اچي ان ڏينهن کي باقي تمام ڏينهن کان ممتاز ۽ انوکو بڻائيندو آهي. ان ڪري ئي ماڻهو ان ڏينهن کي عيد جو ڏينهن سمجهي پنهنجي آئين، رسمن ۽ ريتن جي مطابق هر سال پُرجوش طريقي سان ملهائيندا آهن.

اسلامي ثقافت ۾ اهڙي بنيادي عنصر کي خدائي نعمت چيو ويندو آهي، جيڪا انسان جي سعادت ۽ خوشبختي جو سبب بڻجي ان ڏينهن کي عيد جي حيثيت بخشيندي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ هر انسان تي اهو لازم بڻجي ويندو آهي تہ ان نعمت جي عطا ڪندڙ جو شڪريو بجا آڻي ۽ هر سال ان ڏينهن کي ان جي آداب سان زنده رکي. ان معيار مطابق، غدير ئي هڪ اهڙو ڏينهن آهي، جيڪو باقي تمام ڏينهَن ۽ عيدن کان وڌيڪ فضيلت ۽ عظمت وارو آهي؛ ڇاڪاڻ تہ ان ڏينهن الله جو دين ڪامل ٿيو ۽ ان جون نعمتون پوريون ٿيون. ان مطلب کي واضح ڪرڻ جي لاءِ تاريخ جو مختصر جائزو وٺنداسين:

پيغمبر اسلامﷺ جي برڪت ڀري زندگيءَ جا آخري مهينا رحمت جي بادلن جيان گذري رهيا هئا ۽ پاڻﷺ الله جي گهر ڪعبي جي هزارين مهمانن سان گڏ آخري حج (حجة الوداع) انجام ڏيڻ کان پوءِ واپس موٽي رهيا هئا، جڏهن «جحفہ» جي ويجهو غدير خم جي مقام تي پهتا، تہ اوچتو بيهي رهڻ جو حڪم ڏنائون، جنهن کان پوءِ ماڻهو وڏي آواز سان سيني کي رڪجڻ جو چوندا رهيا، جيڪي اڳتي نڪري ويا ۽ جيڪي پوئتي رهجي ويا تن سيني جو انتظار ڪيو ٿي ويو. گرمي جي شدت ايتري هئي جو سج سرن مٿان بيٺل ۽ ساڙي رهيو هو ۽ اهڙي صحرا ۾ نہ تہ ڪو سايو هو نہ ڪا ساوڪ ۽ نہ ئي ڪو وڻ هو. ان بيهڻ جو سبب پيغمبر اڪرمﷺ تي الله جي نازل ٿيندڙ وحي هئي، جنهن ۾ پالڻهار جو ارشاد ٿيو:

﴿يَا أَيُّهَا الرَّسُولُ بَلِّغْ مَا أُنزِلَ إِلَيْكَ مِن رَّبِّكَ وَإِن لَّمْ تَفْعَلْ فَمَا بَلَّغْتَ رِسَالَتَهُ وَاللهُ يَعْصِمُكَ مِنَ النَّاسِ إِنَّ اللهَ لاَ يَهْدِي الْقَوْمَ الْكَافِرِينَ﴾ [1]

اي پيغمبر! جيڪو (پيغام) توڏانهن تنهنجي پالڻهار

غدير جو ڏينهن منهنجي امت جي عيدن مان سڀ کان وڏيڪ فضيلت وارو آهي، هيءُ اهو ڏينهن آهي جنهن ڏينهن الله سائين مون کي حڪم ڏنو تہ پنهنجي ڀاءُ علي بن ابي طالبؑ کي پنهنجي امت لاءِ هدايت جي پرچم طور منصوب ڪريان، تہ جيئن مون کان پوءِ ان ذريعي هدايت پائين ۽ هيءُ اهو ڏينهن آهي جنهن ڏينهن الله دين کي ڪامل ڪيو ۽ نعمت کي منهنجي امت تي پورو ڪيو ۽ ان لاءِ دين اسلام کي پسند ڪيو.

وٺان لاٿو ويو آهي سو پُهچاءِ ۽ جيڪڏهن (ائين) نہ ڪيئي تہ سندس پيغام نہ پهچايئي ۽ الله توکي ماڻهن کان پناهہ ڏيندو ۽ الله ڪافرن جي قوم کي سِڌو رستو نہ ڏيکاريندو.

حاجين جي ان عظيم اجتماع کان پوءِ جڏهن ظهر جي نماز ادا ڪئي وئي تہ پيغمبر اسلامﷺ جن لاءِ اُٺن جي پلاڻن جو منبر ٺاهيو ويو جنهن تي رسول اڪرمﷺ بيهي رهيا ۽ سندن بيهڻ جو انداز پڻ هڪ خاص نوعيت ۽ ڪيفيت جو هو؛ ڇاڪاڻ تہ پاڻ سڳوراﷺ چاهين پيا تہ الله جو پيغام انهن تائين پهچائن ۽ سندن آخري حج ۾ ڪين اهو ٻڌائن تہ رسالت ۽ نبوت جي خال کي فقط امامت ئي پُرينديءِ ۽ توهان سڀ منهنجي ان وصي جي رهبري ۾ هميشہ سعادت پائيندؤ، جيڪو دين جو علمبردار هوندو، جيڪو توهان سڀني کي نجات جي ڪناري لائيندو.

پوءِ پاڻ سڳورنﷺ ان وقت پنهنجي جانشين جي طور تي حضرت علي بن ابي طالبؑ جي امامت جو اعلان ڪيو، جنهن اعلان سان مومن سڀئي خوش ٿيا ۽ ڪافر ۽ منافق مايوس ٿي ويا ۽ الله جو دين ڪامل ٿيو.[2]

ارشاد ٿيو:

﴿اَلْيَوْمَ أَكْمَلْتُ لَكُمْ دِينَكُمْ وَأَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِي وَرَضِيتُ لَكُمُ الإِسْلاَمَ دِينًا﴾ [3]

اڄ اوهان جو دين اوهان لاءِ ڪامل ڪيم ۽ اوهان تي پنهنجي نعمت پوري ڪيم ۽ اوهان لاءِ دين اسلام پسند ڪيم.

اتان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ غدير فقط هڪ تاريخي حيثيت نٿو رکي، بلڪہ غدير هڪ فڪر ۽ عقيدو آهي ۽ هڪ اهڙو نشان آهي جيڪو رسالت جي سلسلي کي اڳتي وڌڻ کي بيان ڪندڙ آهي، جنهن ڏينهن دين ڪامل ٿيو ۽ نعمتون پوريون ٿيون، اهو ئي غدير جي باقي تمام عيدن کان وڌيڪ فضيلت ۽ عظمت جوڳي هجڻ جو راز آهي؛ ڇاڪاڻ تہ ان ڏينهن ۾ پيش ايندڙ ان واقعي قيامت تائين انسان لاءِ سعادت ۽ برڪت ڀري زندگي جي ضمانت ڏني ڇڏي.

## عيد غدير پيغمبر اڪرمﷺ جي سنت

عيد غدير جو آغاز پيغمبر اڪرمﷺ جي زماني کان شروع ٿيو ۽ حقيقت ۾ ان کي عيد قرار ڏيندڙ خود پيغمبر اڪرمﷺ جن ئي آهن؛ ڇاڪاڻ تہ جڏهن پنهنجي آخري حج کان پوءِ غدير خم جي ميدان ۾ حاجين جي اجتماع ۾ حضرت عليؑ کي هڪ خاص خيمي ۾ ويهاريائون تہ باقي سڀني کي جن ۾ قريش ۽ انصار جا بزرگ موجود هئا، حڪم ڏنائون تہ علي عليہ السلام وٽ وڃن ۽ سندس بيعت ڪن ۽ ڪين الله طرفان امامت جي مقام تي فائز ٿيڻ جي مبارڪ ڏين ۽ اهڙي طرح پاڻﷺ پنهنجي گهروارين کي پڻ حڪم ڪيائون تہ اهي بہ حضرت عليؑ جي بيعت ڪن ۽ ڪين مبارڪ ڏين.[4]

اهڙي اهتمام کان پوءِ، پاڻﷺ بہ تمام گهڻا خوش هئا ۽ فرمايائون:

«الحمدُ لِلّه الذي فَضّلنا عَلى جميع العالمين »

سڀئي تعريفون الله جي لاءِ جنهن اسان کي عالَمين تي فضيلت عطا ڪئي.

۽ ان ڏينهن کي تمام مسلمانن لاءِ وڏي فضيلت ۽ عظمت واري اسلامي عيد قرار ڏنائون. جيئن تہ پاڻ فرمايائون:

«يَومَ غَديرِ خُم اَفضَلَ اَعيادِ اُمَّتى وَ هُوَ اليَوم اَمَرَنى اللّهُ تَعالى ذِكرُهُ بِنَصبِ اَخى عَلى بن اَبى طالب ـ عليه السلام ـ عَلَماً لِاُمَّتى يَهتَدونَ بِهِ مِن بَعدى وَ هُوَ اليَوم اَلّذى اَكمَلَ اللّهُ فيهِ الدّين وَ اَتَمَّ عَلى اُمَّتى فيهِ النّعمَه وَ رَضِىَ لَهُمُ الاِسلامَ ديناً» [5]

غدير جو ڏينهن منهنجي امت جي عيدن مان سڀ کان وڏيڪ فضيلت وارو آهي، هيءُ اهو ڏينهن آهي جنهن ڏينهن الله سائين مون کي حڪم ڏنو تہ پنهنجي ڀاءُ علي بن ابي طالبؑ کي پنهنجي امت لاءِ هدايت جي پرچم طور منصوب ڪريان، تہ جيئن مون کان پوءِ ان ذريعي هدايت پائين ۽ هيءُ اهو ڏينهن آهي جنهن ڏينهن الله دين کي ڪامل ڪيو ۽ نعمت کي منهنجي امت تي پورو ڪيو ۽ ان لاءِ دين اسلام کي پسند ڪيو.

امامؑ فرمائن ٿا: غدير جو ڏينهن كمال پائڻ جو ڏينهن آهي ۽ شيطان جو پنهنجي نڪ کي زمين تي گسائڻ جو ڏينهن آهي، غدير شيعن ۽ آل محمدؑ سان محبت كندڙن جي عملن جي قبول ٿيڻ جو ڏينهن آهي.

۽ ان خطبي ۾ امامؑ ان ڏينهن کي اهلبيتؑ جي عيد قرار ڏيندي فرمائن ٿا: غدير جو ڏينهن نيڪ اعمال ۾ جلدي ڪرڻ ۽ پيغمبرﷺ ۽ اهلبيتؑ تي درود پڙهڻ جو ڏينهن آهي، غدير الله تعالىٰ، ملائڪن نبين ۽ وصين جي خوشنودي جو ڏينهن آهي...

پاڻﷺ ان ڏينهن کي عيد قرار ڏيڻ کان پوءِ ماڻهن کي فرمايو: مون کي مبارڪ ڏيو. جيئن تہ پاڻ فرمائن ٿا:

«هنؤوني هنؤوني إن الله تعالى خصني بالنبوة وخص أهل بيتي بالإمامة»[6]

مون کي مبارڪ ڏيو، مون کي مبارڪ ڏيو، الله تعالىٰ مون کي نبوت سان ۽ منهنجي اهلبيتؑ کي امامت سان مخصوص بڻايو آهي».

ان ڏينهن جو عيد هجڻ ايترو تہ واضح هو جو يهودين جي هڪ ٽولي ٻئي خليفي کي چيو: توهان پنهنجي آسماني ڪتاب ۾ هڪ آيت جي تلاوت ڪندا آهيو جيڪڏهن اها آيت اسان يهودين تي نازل ٿئي ها تہ اسان ان ڏينهن تي عيد ملهايون ها.[7]

ٻئي خليفي پڇيو: توهان جي مراد ڪهڙي آيت آهي؟

تہ يهودين کيس چيو: آيت: اليوم ....

خليفي چيو: الله جو قسم! مان ڄاڻان ٿو تہ هيءَ آيت ڪهڙي ڏينهن ۽ ڪهڙي وقت پيغمبرﷺ تي نازل ٿي.[8]

## عيد غدير ۽ ائمہ معصومينؑ

پيغمبر اڪرمﷺ کان علاوه، ائمہ معصومينؑ پڻ ان ڏينهن کي عيد جي نگاهہ سان ڏسندا هئا ۽ هميشہ ان ڏينهن کي عيد طور ملهائيندا هئا ۽ خوشي ڪرڻ جو حڪم ڪندا هئا ۽ ان ڏينهن کي اهلبيتؑ جي عيد چيو ويو آهي. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ائمہ معصومينؑ جي سيرت ۾ پڻ هيءُ ڏينهن وڏي فضيلت ۽ عظمت وارو آهي، جيئن تہ اميرالمؤمنين حضرت عليؑ پنهنجي هڪ خطبي ۾ جنهن سال عيد غدير جو ڏينهن جمعي تي ٿيو هو، فرمايو:

«اَنَّ اللهَ و تعالى جَمَعَ لَكُم مَعشَرَ المُومِنينَ فى هذا اليَومِ عيدَينِ عَظيمَينِ كَبيرَينَ....»[9]

اڄ جي ڏينهن الله تعالىٰ اوهان مومنن لاءِ ٻن وڏين عظمت وارين عيدين کي گڏ ڪيو آهي... تہ جيئن توهان تي احسان مڪمل ڪري ۽ توهان کي ڪمال جي منزل تائين پهچائي ۽ توهان کي انهن جي پٺيان رکي جن ان جي هدايت جي نور سان روشني پاتي آهي. هن (جمعي) جي اجتماع کان پوءِ پنهنجي گهرن ڏانهن موٽو، پنهنجي گهروارن جي معيشت (کاڌ خوراڪ) کي وسيع ڪيو، پنهنجي مومن ڀاءُ سان نيڪي ۽ ڀلائي ڪيو ۽ ان نعمت جي سلسلي ۾ الله سائين جو شڪريو ادا ڪيو جو اوهان تي عنايت ڪيائين. اڄ جي ڏينهن جو ثواب گذريل ۽ ايندڙ تمام عيدن جي برابر ڪيو ويو آهي، هن ڏينهن نيڪي ڪرڻ توهان جي رزق ۾ واڌاري جو سبب ٿيندو ۽ عمر کي وڌائيندو، ان ڏينهن هڪٻئي سان محبت ڪرڻ الله جي رحمت جو ڪارڻ ٿيندو، جيستائين اوهان لاءِ ممڪن هجي پنهنجي گهر وارن ۽ ديني ڀائرن سان گڏ رهو ۽ ملاقات مهل خوشي جو اظهار ڪيو.

امام صادقؑ پڻ غدير جي ڏينهن کي باقي تمام عيدن کان وڌيڪ فضيلت ۽ عظمت وارو سمجهن ٿا، جيئن تہ فرات بن احنف روايت ڪري ٿو: مون امام صادقؑ جي خدمت ۾ عرض ڪيو: منهنجي جان اوهان تي قربان! ڇا مسلمانن لاءِ عيد فطر، عيد قربان، جمعي ۽ عرفہ جي ڏينهن کان علاوه بہ ڪو ٻيو عيد جو ڏينهن آهي؟ تہ امامؑ فرمايو: ها! الله تعالىٰ وٽ تمام عيدن کان وڌيڪ فضيلت ۽ عظمت وارو ڏينهن اهو آهي جنهن ڏينهن الله دين کي ڪامل ڪيو ۽ پنهنجي نبيﷺ تي هيءَ آيت نازل ڪئي: اليوم اڪملت... . مون عرض ڪيو: اهو ڪهڙو ڏينهن آهي؟ فرمايائون: جڏهن بني اسرائيل جي نبين مان ڪنهن چاهيو تہ پنهنجو جانشين مقرر ڪري ۽ پوءِ معين ڪيائين تہ ان ڏينهن کي عيد جو ڏينهن قرار ڏنائين. هيءُ ڏينهن بہ اُهو ئي آهي جنهن ۾ پيغمبر اڪرمﷺ عليؑ کي پنهنجي امت جو هادي بڻايو ۽ اها آيت نازل ٿي ۽ دين ڪامل ٿيو ۽ مومنن تي الله جو نعمتون پوريون ٿيون. مون عرض ڪيو: اهو ڏينهن سال جو ڪهڙو ڏينهن آهي؟ فرمايائون: ڏينهن تہ اڳتي پوئتي ٿيندا رهندا آهن...مون عرض ڪيو: ان ڏينهن ڪهڙا ڪم انجام ڏيڻ گهرجن؟ فرمايائون: اهو ڏينهن عبادت جو ڏينهن آهي، نماز ۽ شڪر بجا آڻڻ ۽ الله جي حمد ۽ ساراهہ ۽ خوشي ڪرڻ جو

ڏينهن آهي.... ۱۰

اهڙي طرح هڪ ٻي روايت ۾ امام صادقؑ جن غدير جي ڏينهن روزو رکڻ ۽ محمد و آل محمدؑ تي درود ۽ صلوات موڪلڻ ۽ انهن ماڻهن کان بيزاري جو حڪم ڪن ٿا جن آل محمدؑ تي ظلم ۽ ستم ڪيو ۽ ان ڏينهن کي باقي تمام عيدن کان وڌيڪ فضيلت وارو سمجهيو. ۱۱

امام رضاؑ پڻ ان ڏينهن کي اهلبيتؑ جي عيد قرار ڏيندي ان کي باقي تمام عيدن کان وڌيڪ فضيلت وارو سمجهن ٿا ۽ ان عيد غدير جي سلسلي ۾ هڪ خطبو ارشاد فرمائن ٿا. جنهن جي آغاز ۾ فرمائن ٿا:

«إِنَّ يَوْمَ الْغَدِيرِ بَيْنَ الْأَضْحَى وَ الْفِطْرِ وَ الْجُمُعَةِ كَالْقَمَرِ بَيْنَ الْكَوَاكِبِ»

بيشڪ غدير جو ڏينهن، عيد قربان، فطر ۽ جمعي جي درميان ائين آهي جيئن چنڊ ستارن جي وچ ۾ هجي.

پوءِ ساڳئي خطبي ۾ امامؑ فرمائن ٿا:

غدير جو ڏينهن ڪمال پائڻ جو ڏينهن آهي ۽ شيطان جو پنهنجي نڪ کي زمين تي گسائڻ جو ڏينهن آهي، غدير شيعن ۽ آل محمدؑ سان محبت ڪندڙن جي عملن جي قبول ٿيڻ جو ڏينهن آهي.

۽ ان خطبي ۾ امامؑ ان ڏينهن کي اهلبيتؑ جي عيد قرار ڏيندي فرمائن ٿا:

غدير جو ڏينهن نيڪ اعمال ۾ جلدي ڪرڻ ۽ پيغمبرؐ ۽ اهلبيتؑ تي درود پڙهڻ جو ڏينهن آهي، غدير الله تعالىٰ، ملائڪن نبين ۽ وصين جي خوشنودي جو ڏينهن آهي ۽ اهلبيتؑ جي عيد جو ڏينهن آهي.

۽ پوءِ فرمايائون:

غدير جو ڏينهن مبارڪ ڏيڻ جو ڏينهن آهي ۽ جڏهن هڪ مؤمن ٻئي مؤمن سان ملاقات ڪري تہ هيئن چوي:

«الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي جَعَلَنَا مِنَ الْمُتَمَسِّكِينَ بِوِلَايَةِ أَمِيرِ الْمُؤْمِنِينَ عَلِيِّ بْنِ أَبِي طَالِبٍ وَ الْأَئِمَّةِ عَلَيْهِمُ السَّلَامُ»

سڀ ساراهون الله جي لاءِ جنهن اسان کي مومنن جي امير علي بن ابي طالبؑ ۽ ائمہ معصومينؑ جي ولايت سان لاڳاپيلن مان بڻايو.

۽ فرمايائون:

غدير ايمان وارن جي چهرن تي مسڪراهٽ جو ڏينهن آهي. ۲۱

**نتيجو:**

ائمہ معصومينؑ جن جي ان بيانن مان معلوم ٿيو تہ سندن سيرت ۾ غدير مسلمانن جي وڏي ۾ وڏي فضيلت ۽ عظمت واري عيد آهي ۽ هيءُ هڪ اهڙو ڏينهن آهي جنهن ڏينهن انسان پنهنجي معنوي زندگي کي ترقي بخشيندي ڪمال جي بلندين تائين پهچي سگهي ٿو: ڇاڪاڻ تہ هيءُ اهو ڏينهن آهي جنهن ڏينهن شيطان پنهنجو نڪ زمين تي گسائي ٿو ۽ ان ڏينهن جو اجر ۽ ثواب ايترو تہ عظيم ڄاتو ويو آهي جو ان کي ڪنهن بہ ٻي هڪ عيد سان نہ بلڪہ باقي سڀني عيدن جي ثواب سان ڀيٽي سگهجي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو ائمہ معصومينؑ ان ڏينهن کي باقي تمام عيدن جي درميان چنڊ سان تشبيہ ڏني جيڪو ستارن ۾ اهڙي طرح هوندو آهي جو ستارا پنهنجو نور ان چنڊ کان ئي وٺندا آهن ۽ ائمہ معصومينؑ ان جي آداب کي بيان ڪري ان کي وڌيڪ عظمت وارو بڻايو ۽ ان کي هميشہ زندہ رکڻ لاءِ ميدان فراهم ڪيو. تنهن ڪري اسان کي گهرجي تہ سندن سيرت تي عمل پيرا ٿي ان ڏينهن کي عيد جي طور تي ملهايون، خوشيون ڪريون ۽ هر سال ان جي تمام آداب کي بجا آڻي زندہ رکون.

**حوالا:**


1. سوره مائده، آيت ٦٧.
2. الغدير ج ۱، ص ۲۷۲ -۲۷۳.
3. ابن مغازي، مناقب ص ۱۹ ; فرائدالسبطين ج ۱ ص ۷۳ باب ۱۲.
4. تاريخ روضة الصفا، ج ۱ ، ص ۵۴۲
5. بحارالانوار، ج ۳۷ص ۱۰۹
6. الغدير ج ۱، ص ۲۷۴
7. انكم تقرؤون آية في كتابكم ---------------
8. الدرالمنثور، ج ۲، ص۲۵۸
9. مصباح المجتهد ص ۵۲۵
10. تفسير فرات كوفي، ج ۱۲۳ ،ص ۱۱۷
11. اصو كافي، ج ۱، ص ۲۰۳
12. اقبال الاعمال ص ۴٦۴



# امام حسين عليه السلام جو قيام سنڌن نگاھ ۾

تحرير: مولانا مقبول احمد معصومي (صو يو ديرو)

سڀ ساراهون ان سهڻي رب لاءِ جنهن اسان جي هدايت لاءِ مولا حسين عليه السلام جهڙي حَسِين هاديءَ کي خلق ڪيو، درود ۽ سلام هجن ان پاڪ پيغمبر ﷺ تي جنهن پنهنجي مقدس زبان ڪي مولا حسين عليه السلام لاءِ خوراڪ قرار ڏنو ۽ درود ۽ سلام هجن خاتون جنّت ۽ سندس عظيم المرتبت شوهر تي جن کي الله تعالي هي حسِين ۽ جميل هديو ڏنو. لعنت ۽ ڦٽڪار هجي انهن انسان نما حيوانن تي جن ڪربل ۾ ڪامل ڪٺا. اما بعد:

ڪربلا جو قصو ايڏي آڳاٽي هجڻ جي باوجود ائين لڳندو آهي جڻ ڪو اڄ ٿيو هجي ان قضئي جي بقا ۽ اهميت ان ڪري نہ آهي جو ڪربلا ۾ هڪ مظلوم انسان قتل ٿي ويو، يا آزاديءَ جو علمبردار مارجي ويو، يا عربن بي گناھ هڪ مهمان ماري وڌو. (جيتوڻيڪ اهي سڀ شيون اهميت جوڳيون ضرور آهن) ليڪن انهن مان ڪا بہ ڳالھ سبب نہ ٿي ٿئي جو ڪربلا جي واقعي کي مِڙني واقعن تي فوقيت حاصل هجي: ڇو تہ اهڙا واقعا تاريخ بشريت ۾ اڻ ڳڻ پيش آيا آهن، جيڪي سڀ جا سڀ تاريخ جي هاضمي هضم ڪري ڇڏيا آهن.

پوءِ ڪربلا واري قرباني جي اهم هجڻ واري نڪتي کي ضروري آهي تہ خود امام حسين عليه السلام جي ڪلام ۾ تلاش ڪجي ۽ اهو بہ اها ڳالھ تسليم ڪرڻ کان پوءِ تہ امام حسين عليه السلام هڪ عام زميني انسان نہ آهي، بلڪ هن ڌرتيءَ تي الله تعالي جو هڪ چونڊيل تام ۽ ڪامل خليفو آهي. جيڪو آيت تطهير(1) آيت ولايت ﴿اِنَّمَا وَلِيُّكُمُ اللّٰهُ...﴾(2)، آيت اڪمال ﴿اَلْيَوْمَ أَكْمَلْتُ لَكُمْ دِينَكُمْ...﴾(3) آيت ابلاغ ﴿يَا أَيُّهَا الرَّسُولُ بَلِّغْ مَا أُنزِلَ إِلَيْكَ...﴾ (4) جهڙن الله جي واضح ۽ پڌرن اعلانن مان پيدا ٿيل آهي.

اهڙي قسم جو ڪامل انسان فرمائي ٿو تہ: «اِشْتَدَّ غَضَبُ اَللهِ عَلَى اَلْيَهُودِ إِذْ جَعَلُوا لَهُ وَلَداً وَ عَلَى اَلنَّصَارَى إِذْ جَعَلُوهُ ثَالِثَ ثَلاَثَةٍ وَ عَلَى اَلْمَجُوسِ إِذْ عَبَدُوا اَلشَّمْسَ وَ اَلْقَمَرَ دُونَهُ وَ اِشْتَدَّ غَضَبُهُ عَلَى قَوْمٍ اِتَّفَقَتْ عَلَى قَتْلِ اِبْنِ بِنْتِ نَبِيِّهِمْ»(5). الله تعاليٰ يهودين تي غضبناڪ ٿيو، ڇو جو انهن (حضرت عزيز نبيءَ کي) الله جو پٽ قرار ڏنو ۽ وري نصاريٰ تي تڏهن غضبناڪ ٿيو جڏهن انهن الله تعاليٰ کي ٽن مان هڪ قرار ڏنو (حضرت عيسيٰ، الله، حضرت مريم الله. ۽ انهن جو خالق الله) ۽ الله جو سخت ترين غضب آهي ان قوم تي جيڪي ان ڳالھ تي گڏ اچي ٿيا آهن تہ پنهنجي نبيءَ جي (اڪيلي) نياڻيءَ جي پٽ کي قتل ڪرڻو آهي».

امام عالي مقام عليه السلام جن پنهنجي هن عظيم ڪلام ۾

امام عالي مقام عليه السلام جن پنهنجي هن عظيم ڪلام ۾ هن امت جي ان بدترين ڪارنامي کي يهودين ۽ نصاريٰ جي فعل سان ملائن ٿا. جن پنهنجي معاشري مان توحيد جهڙي عظيم ۽ بنيادي عنصر کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ وحدانيت واري واحد راهه کان هٽائي ثنويت (ٻن خدائن) ۽ تثليث (ٽن خدائن) جهڙن تباهه ڪندڙ رستن ڏانهن امت کي وٺي ويا...

هن امت جي ان بدترين ڪارنامي کي يهودين ۽ نصاريٰ جي فعل سان ملائن ٿا. جن پنهنجي معاشري مان توحيد جهڙي عظيم ۽ بنيادي عنصر کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ وحدانيت واري واحد راهه کان هٽائي ثنويت (ٻن خدائن) ۽ تثليث (ٽن خدائن) جهڙن تباهه ڪندڙ رستن ڏانهن امت کي وٺي ويا. اهڙيءَ ريت هيءَ امت جيڪا فرزندِ رسول صلي الله عليه وآله جي قتل لاءِ ڪٺي ٿي آهي، در حقيقت اها زمين تان توحيد پرستيءَ کي ختم ڪرڻ چاهي ٿي؛ ڇوته بنواميه جي اول کان ڪوشش ئي اها آهي ته اسلامي عنوانن ۽ اصطلاحن ۾ هيراڦيري ڪري انهن جي جاءِ تي جاهليت وارين اصطلاحن کي رکيو وڃي ته جيئن الٰهي جڙيل اصطلاحن ۽ عنوانن جي معنويت ۽ تقدس ختم ٿي وڃي ۽ عملي طور اهو ڪم معاويه ابن ابي سفيان کان شروع ٿيو جيڪو چوندو هيو ته مون کي بادشاهه ڪري سلام ڪريو «السّلام عليک آيّها الملک»[٦] ته جيئن خليفه الله «امام» يا رسول جهڙا مقدس آسمان کان آيل عنوان ماڻهن جي ذهنن تان مٽجي وڃن ۽ معاويه پنهنجي خطبن ۾ اها وضاحت پڻ ڪندو هو ته بنو هاشم سان اسان جي جنگ روزي ۽ نماز تي نه آهي، بلڪه اسان جي جنگ انهن کان بادشاهي حاصل ڪرڻ آهي؛ يعني: معاويه ٻين لفظن ۾ اهو چوندو هو ته اسان محمد صلي الله عليه وآله کي الٰهي ۽ آسماني نمائندو نه، پر هڪ زميني بادشاهه سمجهندا آهيون. ان نظريي ايترو ڪم ڪيو جو يزيد بن معاويه امتِ مسلم جو امام بڻيو جنهن ٻين لفظن ۾ اسلام جي بنيادي نظريي جي مخالفت ڪئي ۽ چيائين ته: «بنو هاشم بادشاهي حاصل ڪرڻ لاءِ اهو هُل هلايو آهي، نه ڪا وحي نازل ناهي ٿي ۽ نه ئي ڪا غيب مان خبر آئي آهي.»[٧]

امام حسين عليه السلام جن کي جڏهن يزيد جي خليفي ٿيڻ جي خبر پئي ته پاڻ فرمايائون: امت وڏي مصيبت ۾ گرفتار ٿي چڪي آهي، جو يزيد انهن مٿان خليفو ٿيو آهي ۽ پوءِ اهڙي اسلام تي فاتحه پڙهي وڃي.[٨]

اهي تاريخي وضاحتون ان ڳالهه کي پڌرو ٿيون ڪن ته يهودين ۽ نصاريٰ وانگر مسمانن به پنهنجي دين کي مٽائي ڇڏيو هو ۽ قرآني ۽ توحيدي اصول ڦيرائي ڇڏيا هئن، ان ڪري مولا حسين عليه السلام انهن جي عملن جي شباهت يهودي ۽ نصاريٰ سان ڏني آهي، تنهن ڪري ڪربلا واري قرباني وڏي اهم آهي. امام عليه السلام نئين سر اسلام جو بنياد رکيو ۽ ميسارجي ويل اسلام کي پنهنجي مهمِ اوتروئي دين کي زنده ڪرڻ وارو مهم، جيتري الله تعالٰي جي اهميت اوتري ئي ان جي قربانيءَ جي اهميت ۽ ڇو ته توحيد ۽ دين ابدي آهن قربانيءَ جو ذڪر به ابدي ئي رهندو.

ان مذڪوره حالات جي پيش نظر امام حسين عليه السلام يزيد جي بيعت کي نڪرائيندي ان خلاف قيام جو آغاز ڪيو، جنهن ڪري اسان هتي مختصر طور تي امام عليه السلام جي ان قيام کي خود امام عليه السلام جي نگاهه ۾ بيان ڪنداسين ۽ اسان جو هي مطلب ٽن حصن تي مشتمل هوندو، قيام جي ضرورت، قيام جو هدف، ۽ نتيجو.

## قيام جي ضرورت:

ڪربلا جي رستي ۾ جڏهن امام حسين عليه السلام جن جي ملاقات حر رياحي جي لشڪر سان ٿي ته مولا جن فرمايو: «اَيُّهَا النّاسُ؛ اِنَّ رَسُولَ اللهِ صلي الله عليه وآله قالَ: «مَنْ رَاى سُلْطاناً جائِراً مُسْتَحِلاً لِحُرُمِ اللهِ، ناكِثاً لِعَهْدِ اللهِ، مُخالِفاً لِسُنَّةِ رَسُولِ اللهِ، يَعْمَلُ فِى عِبادِاللهِ بِالاِثْمِ وَ الْعُدْوانِ فَلَمْ يُغَيِّرْ عَلَيْهِ بِفِعْلٍ، وَ لاَ قَوْلٍ، كانَ حَقّاً عَلَى اللهِ اَنْ يُدْخِلَهُ مَدْخَلَهُ». الا وَ اِنَّ هؤُلاءِ قَدْ لَزِمُوا طاعَةَ الشَّيْطانِ، وَ تَرَكُوا طاعَةَ الرَّحْمنِ، وَ اَظْهَرُوا الْفَسادَ، وَ عَطَّلُوا الْحُدُودَ وَاسْتَاْثَرُوا بِالْفَىْءِ، وَ اَحَلُّوا حَرامَ اللهِ، وَ حَرَّمُوا حَلالَ اللهِ، وَ اَنَا اَحَقُّ مَنْ غَيَّرَ»[٩] اي انسانو! رسول الله صلي الله عليه وآله جن فرمائن ٿا ته: اگر ڪوئي ڏسي ته بادشاهه ظالم آهي، الله جي حرام کي حلال ڪري رهيو آهي، الله جي واعدي جي خلاف ورزي ڪري رهيو آهي، رسول جي سنّت کي پائمال ڪري رهيو آهي، الله جي ٻانهن سان ظلم ۽ گناهه سان پيش اچي رهيو آهي ۽ ان جي سندس قول ۽ فعل سان مخالفت نه ڪري ته الله کي اهو جڳائي ٿو ته ان کي به ان ظالم بادشاهه سان محشور ڪري. تحقيق هنن (بنو اميو وارن) پاڻ مٿان شيطان جي پيروي کي لازم ڪري ڇڏيو آهي ۽ رحمٰن جي اطاعت کي ترڪ

آءُ خود خواهي، خوشحالي، فساد ۽ ظلم لاءِ مديني مان نہ وڃي رهيو آهيان، آءُ صرف ۽ صرف ان لاءِ ٿو نڪران جيئن نانا جي امت جي اصلاح ڪري سگھان ۽ منهنجو ارادو امر باالمعروف و نهي عن المنڪر جو آهي ۽ چاهيان ٿو تہ نانا رسولﷺ ۽ بابا علي بن ابي طالبؑ جي سيرت تي عمل ڪريان.

ڪري ڇڏيو آهي. فساد کي ڇٽي ڏينهن وانگر ظاهر ڪري چڪا آهن ۽ حدود الهي کي بند ڪري ڇڏيو اٿن، بيت المال کي غارت ڪري ڇڏيو اٿن ۽ الله جي حرام کي حلال ۽ حلال کي حرام سمجهن ٿا تہ ان حالت ۾ مون کان وڌيڪ ڪنهن ۾ لياقت آهي جو انهن خلاف قيام ڪري..؟

وري امام حسينؑ جن ڪربلا جي سرزمين تي پنهنجي اصحاب جي ڪٺ ۾ خطبو ڏيندي فرمائن ٿا: «إِنَّهُ قَدْ نَزَلَ مِنَ ٱلْأَمْرِ مَا تَرَوْنَ، وَإِنَّ ٱلدُّنْيَا قَدْ تَغَيَّرَتْ [وَ تَنَكَّرَتْ] وَأَدْبَرَ مَعْرُوفُهَا وَاِسْتَمَرَّتْ، حَتَّى لَمْ يَبْقَ مِنْهَا إِلاَّ صُبَابَةٌ كَصُبَابَةِ ٱلْإِنَاءِ، وَإِلاَّ خَسِيسُ عَيْشٍ كَالْكَلَإِ ٱلْوَبِيلِ. أَلاَ تَرَوْنَ أَنَّ ٱلْحَقَّ لاَ يُعْمَلُ بِهِ، وَٱلْبَاطِلَ لاَ يُتَنَاهَى عَنْهُ، لِيَرْغَبِ ٱلْمُؤْمِنُ فِي لِقَاءِ ٱللهِ فَإِنِّي لاَ أَرَى ٱلْمَوْتَ إِلاَّ سَعَادَةً، وَ ٱلْحَيَاةَ مَعَ ٱلظَّالِمِينَ إِلاَّ بَرَماً.[10]» اسان جي امت مسلم جي ڳالھ اتي اچي پهتي آهي جو توهان ڏسي رهيا آهيو تہ دنيا ڦري ۽ خراب ٿي چڪي آهي ان مان نيڪيون ترڪ ٿي چڪيون آهن دنيا تي نيڪيون ايتريون تہ ٿورڙيون ٿي چڪيون آهن جيترو ٿانوَ تي آلاڻ باقي وڃي بچندي آهي ان دنيا ۾ زندگيءَ جي پستي ايتري ٿي چڪي آهي جو هڪ بيمار ڪندڙ شيءَ کي کائڻ وانگر آهي. ڇا توهان نہ ڏسي رهيا آهيو تہ حق تي عمل نٿو ڪيو وڃي ۽ باطل کان نٿو روڪيو وڃي. اهڙي حالت ۾ مومن کي موت ٿي طلب ڪرڻ گهرجي ۽ بس مان بہ اهڙي حالت ۾ موت کي ئي سعادت سمجهان ٿو ۽ ظالم سان گڏ زندگي گذارڻ کي ذلت ۽ خواري سمجهان ٿو».

هاڻ جڏهن معاشرو الٰهي اصولن کان ڦري وڃي ۽ ان معاشري جو اڳواڻ يزيد (لعنہ الله) جهڙو شخص هجي تہ ٻئي صورتون موجود آهن، هڪ تہ ان جي بيعت ڪجي ۽ اهڙي معاشري ۾ زندگي گذارجي، يا ٻي صورت ۾ قيام ڪجي چاهي پوءِ قتل ٿي وڃجي. انهن ٻنهي صورتن مان پهرين صورت مان واضح ٿئي ٿو تہ ظالم سان زندگي گذارڻ ذلت ۽ خواري آهي ۽ آخرت ۾ بہ ان سان ئي محشور ٿيڻو پوندو، ان ڪري مولا جن ٻي صورت کي اپنايو ۽ اهو ئي سبب آهي ظالم خلاف قيام لاءِ مولا جن پاڻ کي ئي لائق سمجهن ٿا.

### قيام جو هدف:

حسيني قيام جي هدف واري باب ۾ علماء ۽ محققين جو تمام گهڻو بحث آهي تہ ڇا امامؑ جي قيام واري هدف کي اسين سمجهي سگهون ٿا يا نہ؟ آيا هدف اختياري هيو ۽ الله تعالٰي طرفان هڪ معين ۽ مقرر هدف هيو ۽ جيڪو هدف سمجهيو ٿو وڃي اهو هدف واقعي آهي يا فقط ظاهري آهي؟ تمام ڊگهي بحث ٿيل آهي. اسان هن مقام تي فقط ايترو عرض ڪرڻ مناسب سمجهون ٿا تہ امام حسينؑ انبياء جي طرز تفڪر جا وارث آهن ۽ انبياء ڪرامؑ عام انسانن لاءِ اسوه (نمونہ عمل) هئا ۽ اسوه اهو هوندو آهي جنهن جو عمل ظاهر هجي. امام حسينؑ جن بہ هدايت جا چراغ ۽ سر چشمہ آهن ۽ هدايت بہ انساني فهم ۽ ادراڪ مطابق هجڻ گهرجي، ٻي ڳالھ تہ اسان جي لاءِ اهلبيتؑ حجت آهن، جيئن قرآن ڪريم جو ظهور حجت آهي ورنہ سندن ڪلام جي باطن، اونهائي ۽ حقيقت تائين ڪنهن جي بہ رسائي ممڪن نہ آهي. ان مطابق مولاؑ جي ڪلام مان جيڪو قيام جو هدف ظاهر ٿي رهيو آهي اسين هتي بيان ڪري رهيا آهيون.

امام حسينؑ پنهنجي ڀاءُ محمد بن حنفيہ کي وصيت ڪندي فرمائن ٿا: «واني لَم أخرُج أشِراً وَ لابَطراً وَ لامُفسِداً وَ لاظالِماً وانَّما خَرَجتُ لِطَلَبِ الإصلاحِ في امّة جدّي أُريدُ أن آمُر بِالمَعرُوفِ وَأنهي عَنِ المُنكَرِ وَأسيرَ بِسيرَةِ جَدّي وَ أبي علي بن ابي‌طالب فمَن قَبِلَني بِقَبُولِ الحَقِّ فَاللهُ أولي بِالحَقِّ ومَن رَدّ عَلَيَّ هذا أصبِرُ حَتّي يقضِيَ اللهُ بيني و بين القَومِ وَ هُوَ خَيرُالحاكِمينَ.[11]» آءُ خود خواهي، خوشحالي، فساد ۽ ظلم لاءِ مديني مان نہ وڃي رهيو آهيان، آءُ صرف ۽ صرف ان لاءِ ٿو نڪران جيئن نانا جي امت جي اصلاح ڪري سگھان ۽ منهنجو ارادو امر باالمعروف و نهي عن المنڪر جو آهي ۽ چاهيان ٿو تہ نانا رسولﷺ ۽ بابا علي بن ابي طالبؑ جي سيرت تي عمل ڪريان. پوءِ جنهن اها

مولاؑ جن پنهنجي ان عظيم ڪلام ۾ هڪ اصلي هدف ۽ چار فرعي هدف بيان ڪن ٿا. <u>اصلي مقصد:</u> پنهنجي نانا جي امت مسلم جي اصلاح آهي ۽ <u>فرعي مقصد:</u>١_ امربالمعروف. ٢_ نهي عن المنڪر. ٣_ سيرت رسالت. ۴_ سيرت ولايت آهي.

حقيقت قبول ڪئي( يعني: مون کي قبول ڪيو ) ڇڻ الله کي قبول ڪيائين ۽ اگر رد ڪيائين تہ مان ايتري تائين صبر ڪندس جو الله منهنجي ۽ ان قوم جي وچ ۾ فيصلو ڪري اهوئي بهترين فيصلا ڪرڻ وارو آهي.»

هن مقام تي بهتر آهي تہ مختصر وضاحت پيش ڪئي وڃي تہ جيئن ڳالهہ هر هڪ لاءِ واضح ٿي وڃي. امامؑ جن پنهنجي مقدس ڪلام ۾ انسانن کي ٽن قسمن ۾ تقسيم ڪن ٿا ان تقسيم کي عقل جي بنياد تي هن ريت بيان ڪري سگهجي ٿو: انسان جا زندگيءَ ۾ هدف اٿس يا هدف نہ اٿس جن انسانن جو ڪوبہ هدف نہ هجي ان کي خوش گذران چئبو آهي ۽ اهو ڪنهن بہ قسم جي ذميداري جو احساس نہ ڪندو آهي. بس پنهنجي زندگيءِ ۾ محوِ سفر هوندو آهي ۽ هر ڳالهہ کي « تنهنجو ڇا وڃي » چئي ڪري ٽاري ڇڏيندو آهي اهڙي شخص جي بہ دين ۾ مذمت ڪئي وئي آهي ۽ مولا جن بہ فرمائن ٿا تہ: مان خوش گذرانيءَ لاءِ نٿو نڪران ۽ وري جن جو هدف هوندو آهي انهن جا ٻہ قسم آهن: هڪڙا اهي آهن جن جو هدف ظلم، فساد ۽ ڏاڍ ڏيکارڻ هوندو آهي پنهنجي سلطنت ۽ ڪنٽرول ڄمائڻ لاءِ ظلم ڪندا وتندا آهن، جيئن قرآن ڪريم ۾ الله پاڪ جو ارشاد آهي تہ: ﴿قالَتْ إِنَّ الْمُلُوكَ إِذا دَخَلُوا قَرْيَةً أَفْسَدُوها وَ جَعَلُوا أَعِزَّةَ أَهْلِها أَذِلَّةً وَ كَذلِكَ يَفْعَلُونَ﴾ (١٢) چيائين تہ تحقيق بادشاهہ جڏهن ڪنهن ڳوٺ ۾ گهڙندا آهن تڏهن ان کي اجاڙي ڇڏيندا آهن ۽ اتان جي مان وارن کي خوار ڪري ڇڏيندا آهن ۽ اها ئي بادشاهن جي عادت آهي. مولا جن پنهنجي پاڪيزه ڪلام ۾ فرمائن ٿا تہ منهنجو هدف ظلم ۽ فساد ڪرڻ نہ آهي.

هڪڙا اهي هوندا آهن جن جو هدف زمين تي اصلاح ڪرڻ هوندو آهي، اهي الله جي زمين کي فساد جهڙي موذي مرض کان پاڪ ڪرڻ چاهيندا آهن، اهي ئي زمين تي الله جا خليفا هوندا آهن، مولا حسينؑ جن ان هدف کي «اِنما» جي قلعي ۾ بند ڪندي فرمائن ٿا تہ: منهنجو خروج صرف ئي صرف ان لاءِ آهي تہ نانا جي امت جي اصلاح ڪريان.

مولاؑ جن پنهنجي ان عظيم ڪلام ۾ هڪ اصلي هدف ۽ چار فرعي هدف بيان ڪن ٿا.

<u>اصلي مقصد:</u>

پنهنجي نانا جي امت مسلم جي اصلاح.

<u>فرعي مقصد:</u>

_١_ امربالمعروف، ٢_ نهي عن المنڪر، ٣_ سيرت رسالت، ۴_ سيرت ولايت

اصلاح: «ص،ل،ح» مان ورتل ڪلمو آهي، عربي زبان ۾ ان کي مختلف معنائن ۾ استعمال ڪيو ويو آهي،

١. هڪ دفعو اصلاح مان مراد « صلح » هوندو آهي: يعني: ٻن فردن يا ٻن ڌرين جي درميان ٿيل جهڳڙي کي ختم ڪرائڻ جو نالو صلح ۽ اصلاح آهي.

٢. قوم ۽ ملت ۾ جيڪي عيب يا خرابيون اچي وڃن پوءِ اهي اجتماعي هجن يا انفرادي انهن کي قوم مان پاڪ ڪرڻ جو نالو اصلاح آهي.

٣. اصلاح وارو لفظ انقلاب جي مقابلي ۾ ايندو آهي، جيتوڻيڪ اصلاح ۽ انقلاب ٻنهي جي معنىٰ تبديلي آهي پر انقلاب دفعي (هڪ ئي دفعي) تبديليءَ کي چئبو آهي پوءِ اها ڪيڏي بہ نقصان سان ڇونہ هجي ۽ اصلاح يعني: تدريجي (آهستہ آهستہ) تبديلي آڻڻ کي چئبو آهي. هاڻي امام حسينؑ جيڪا اصلاح فرمائن ٿا ان مان مراد امت مسلم ۾ آيل خرابين کي دور ڪرڻ آهي، جيئن قيام جي ضرورت واري حصي ۾ بيان ڪيل خطبي ۾ گذري آيو تہ: حلال کي حرام، حرام کي حلال، منڪر کي معروف ۽ معروف کي منڪر سمجهيو ٿو وڃي عيب ۽ خرابيون هيون جيڪي امت مسلم ۾ اچي ويون هيون، امام حسينؑ نڪتا تہ جيئن انهن عيبن جي اصلاح ٿي سگهي.

ياد رهي تہ اصلاح مان مراد اسلامي ۽ حسيني اصلاح آهي، ڇوتہ هڪڙي منافقانہ اصلاح بہ هوندي آهي؛ يعني: ڪجهہ منافق اهڙا هوندا آهن جيڪي اصلاح جي عنوان تي فساد ڦهلائيندا آهن، جيئن قرآن ڪريم ۾ ارشاد آهي تہ: ﴿وَإِذَا قِيلَ لَهُمْ لَا تُفْسِدُواْ فِي الْأَرْضِ قَالُوٓاْ إِنَّمَا نَحْنُ

ان منافقانہ اصلاح جو هن وقت بهترين نمونو آمريڪا آهي جيڪو پوري دنيا ۾ اصلاح جي آڙ ۾ فساد ڦهلائي رهيو آهي... جڏهن تہ حسيني اصلاح يعني: قرآن جي حڪومت جيڪا حدود و تعزيرات، قومي ۽ معاشرتي فساد کي روڪڻ لاءِ بهترين هٿيار آهي.

مُصْلِحُونَ أَلا إِنَّهُمْ هُمُ الْمُفْسِدُونَ وَلَكِن لاَّيَشْعُرُونَ﴾[13] ۽ جڏهن کين چئبو آهي تہ ملڪ ۾ فساد نہ ڦيلايو چوندا آهن تہ اسين اصلاح ڪرڻ وارا ٿي آهيون. خبردار! اهي پاڻ فسادي آهن پر نہ سمجهندا آهن.»

ان منافقانہ اصلاح جو هن وقت بهترين نمونو آمريڪا آهي جيڪو پوري دنيا ۾ اصلاح جي آڙ ۾ فساد ڦهلائي رهيو آهي ۽ حقوق بشر جي عنوان تي حدود ۽ تعزيرات جهڙن بهترين اسلامي نڪتن جي مخالفت ڪندو ٿو وتي تہ اهي حقوق بشر جي خلاف آهن ۽ انهن جي اصلاح ٿيڻ گهرجي. جڏهن تہ حسيني اصلاح يعني: قرآن جي حڪومت جيڪا حدود و تعزيرات، قومي ۽ معاشرتي فساد کي روڪڻ لاءِ بهترين هٿيار آهي.

## امر بالمعروف و نهي عن المنڪر:

امام عليه السلام جا هي فرعي هدف پڻ مستقل بحث وانگر آهن پر هن وقت ان کي بيان ڪرڻ کان قاصر آهيون، فقط هڪ روايت تي اڪتفا ڪريون ٿا: مولا اميرالمومنين علي عليه السلام جن فرمائن ٿا: امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر اوهان جي روزيءَ کي گهٽ نٿا ڪن ۽ نہ ئي توهان جي لاءِ موت کر قريب ٿا ڪن، بلڪ انهن کي ترڪ ڪرڻ سبب ٿو ٿئي تہ شرير انسان اوهان مٿان حاڪم ٿي وڃن ۽ اوهان جون دعائون مستجاب نہ ٿين.[14] سن ٥٨ هہ تي مولا حسين عليه السلام جن سني عربن جي علماء، محققين ۽ اشراف زادگان کي خطبو ڏيندي فرمايائون: بنو اميہ اوهان مٿان حاڪم صرف ان لاءِ آهن جو اوهان امربالمعروف ۽ نهي عن المنڪر ترڪ ڪري ڇڏيو آهي.[15]

## سيرت رسالت ۽ ولايت:

امام علي عليه السلام کي جڏهن ٻئي خليفي جي موت کان پوءِ شورا خليفو مقرر پئي ڪري، تہ انهن شرط رکيو هيو تہ اوهان شيخين جي سيرت مطابق عمل ڪندو، مولا جن سخت انڪار ڪندي فرمايو: آءٌ حڪم خدا ۽ سيرت مصطفیٰ صلی الله علیه وآله مطابق عمل ڪندس. اهڙي ريت مولا جن بہ واضح ڪري رهيا آهن تہ امت جي اصلاح رسالت ۽ ولايت جي پيروي کان علاوه ناممڪن آهي.

## نتيجو:

مولا حسين عليه السلام جي هنن ٽن خطبن مان واضح ٿئي ٿو تہ مولا جن جو ارادو هيو تہ:

١ـ حقيقي اسلام کي اموي اسلام کان جدا ڪيو وڃي.

٢ـ رسالت، خلافت ۽ ولايت کي يزيديت واري پليديءَ کان پاڪ ڪيو وڃي.

٣ـ بيت المال کي صحيح استعمال ڪيو وڃي.

٤ـ عوام الناس کي بادشاهن جي ظلمن کان آزادي ڏياري وڃي.

٥ـ خدائي حدود جي صحيح معنیٰ ۾ حفاظت ڪئي وڃي.

٦ـ الله پاڪ جي اطاعت کي عام ۽ شيطان جي پيروي کي ختم ڪيو وڃي.

٧ـ امر باالمعروف ۽ نهي عن المنڪر کي عام ڪيو وڃي.

پوءِ مولا جن فرمائن ٿا: ان حقيقت کي جنهن بہ قبول ڪيو ان الله کي قبول ڪيو ۽ جنهن مخالفت ڪئي ان ۽ منهنجي درميان الله پاڪ خود فيصلو ڪرڻ وارو آهي.

**حوالا:**


١ـ سورت احزاب، آيت نمبر ٣٣.

٢ـ سورت مائده، آيت نمبر ٥٥.

٣ـ سورت مائده، آيت نمبر ٣

٤ـ سورت مائده، آيت نمبر ٦٧.

٥ـ لهوف، ص ١٠١.

٦ـ اخصاص، ص ١٣٩.

٧ـ لهوف، ص ١٨١.

٨ـ لهوف، ص ٢٧.

٩ ـ مقتل مقرم، ص ١٥٦.

١٠ـ مقتل مقرم، ص ٢٣٢.

١١ـ مقتل خوارزمي، ج١، ص ١٨٨.

١٢ـ سورت نمل، آيت نمبر ٣٤.

١٣ـ سورت بقره، آيت نمبر ١١،١٢.

١٤ـ نهج البلاغہ، نامہ ٤٧

١٥ـ بحارالانوار، ج١٠٠ ، ص ٧٩.



السّلام عليك يا ابا عبدالله الحسين

ڪهڙو پيو

# امام حسين (ع) جون مکي کان ڪربلا تائين جون ملاقاتون

تحرير: مولانا عاشق علي چنه (معصومي) (صوپوديرو)

### ١_ شاعر فرزدق

صفاح ۾ مشهور شاعر فرزدق بن غالب بن صعصعه امام سان ملاقات ڪئي ۽ مولا جي خدمت ۾ عرض ڪيائين: مولا جيڪو ڪجهه به اوهان خدا کان طلب ڪريو، خداوند اوهان کي عطا ڪري.

امام حسين عليه السلام جن فرمايو: مون کي عراق جي ماڻهن جا حالات ٻڌايو! فرزدق عرض ڪيو: مولا ماڻهن جون دليون اوهان سان ۽ تلوارون بنو اميه سان آهن.(١) امام عالي مقام عليه السلام جن فرمايو: مَا اَشُكَ فِي اَنَّكَ صَادِقٌ، اَلنَّاسُ عَبِيدُ الدُّنيا وَالدِّينُ لَعِقٌ عَلَى اَلْسِنَتِهِمْ يَحُوطُونَهُ مَا دَرَّتْ بِهِ مَعَايِشُهُمْ فَاِذَا اسْتَنْبِطُوا قَلَّ الدَّيانُونَ؛(٢) ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته اوهين سچا آهيو. ماڻهو دنيا جا غلام (پوڄاري) آهن ۽ دين فقط زبان تي جاري اٿن، جيستائين انهن جي معيشت درست آهي تيستائين اهڙي گفتگو ڪن ٿا. مگر مشڪل وقت ۾ حقيقي ديندار تمام گهٽ ٿي ويندا آهن.

### ٢_ عبدالله بن جعفر

عبدالله بن جعفر مڪه مڪرمه جي حاڪم عمرو بن سعيد وٽ ويو ۽ مولا جي لاءِ امان نامو ورتائين ۽ پاڻ اچي (ذات عرق) نالي هڪ منزل تي امام سان ملاقات ڪيائين ۽ امان نامو امام عالي مقام عليه السلام جي خدمت ۾ پيش ڪيائين.

امان نامي ۾ لکيل هيو ته: توهان هٽ ڪٽي وڃو! مان اوهان لاءِ يزيد کان بيعت وٺي سگهان ٿو. مولا جن امان نامو پڙهي جرتمندانه جواب ڏيندي لکيو: جيڪو به خدا ۽ عمل صالح ڏانهن دعوت ڪري ٿو، ان جي دعوت دشمني ڏانهن هرگز ناهي! ۽ سڀ کان بهترين امان به الله جو امان آهي))(٣) مولا جن مڪي وارن سان رجوع ڪرڻ ڇڏي ڏنو ۽ فرمايائون: مون پنهنجي ناني کي خواب ۾ ڏٺو آهي جن مون کي حڪم فرمايو آهي ته پنهنجي جدوجهد کي جاري رکان ۽ جيڪو ڪجهه مون کي الله جي رسول صلي الله عليه وآله وسلم امر ڪيو آهي ضرور انجام ڏيندس. پوءِ مولا جن عمرو بن سعيد ڏانهن جواب لکيو ۽ عبدالله بن جعفر، يحيي بن سعيد سان گڏ امام عليه السلام کان جدا ٿيا؛ ليڪن عبدالله جا ٻه فرزند عون۽ محمد مولا سان گڏ رهيا ۽ عبدالله پنهنجن پٽن کي هدايت ڪئي ته هميشه امام جي نوڪري ۾ رهن؛ مگر پاڻ عذرخواهي ڪيائين ۽ واپس موٽي ويو(٤)

### ٣_ بشر بن غالب

چوڏهين ذوالحج سومر جي ڏينهن امام حسين عليه السلام جن (ذات عرق) منزل تي پهتا ته بني اسد قبيلي جي بشر بن غالب نالي هڪ شخص سان ملاقات ڪيائون ۽ ڪوفي جي ماڻهن بابت پڇيائون. ان به مولا کي فرزدق وارو جواب ڏنو ته: «دليون اوهان سان ۽ تلوارون بنو اميه سان«مولا جن فرمايو: اوهان سچ فرمايو اي اسدي ڀاءُ! بشر مولا کان هن آيت جي باري ۾ پڇيو: «يَوْمَ نَدْعُوا كُلَّ اُنَاسٍ بِاِمامِهِمْ»(٥) «اهو ڏينهن جنهن ۾ هر ماڻهو کي پنهنجي امام جي پويان اٿاريو ويندو». مولا جن فرمايو: «هُمْ اِمامانِ اِمامٌ هُدى دَعا اِلى هُدى وَاِمامٌ ضَلالَةٌ دَعا اِلى ضَلالَةٍ فَهُدى مَنْ اَجابَهُ اِلَى الْجَنَّةِ وَمَنْ اَجابَهُ اِلَى الضَّلالَةِ دَخَلَ النّارَ»(٦) «امام ٻن قسمن جا آهن: هدايت جو امام (ماڻهن کي) هدايت جي طرف سڏي ٿو ۽ گمراهي جو امام، جيڪو ضلالت جي طرف دعوت ڪري ٿو. جيڪو به هدايت ڪندڙ امام جي پيروي ڪندو اهو جنت الفردوس

زهير پنهنجي زوجہ جو حق مهر ادا ڪري سندس پاءُ سان اماڻي ڇڏيو ۽ چوڻ لڳو: اِنِّي قَدْ وَطَّنْتُ نَفْسِي عَلَى الْمَوْتِ مَعَ الْحُسَيْن. «مان پنهنجي جان کي پنهنجي آقا امام حسين﵇ جي راه ۾ قربان ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو آهي ۽ پنهنجي سائين کي چوڻ لڳو: جيڪو بہ اوهان منجهان مون سان گڏ هلڻ چاهي ٿو آءٌ ان کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃڻ لاءِ تيار آهيان

ويندو ۽ جيڪو بہ گمراه ڪندڙ امام جي پيروي ڪندو اهو جهنم ۾ ويندو. «ان جي باوجود بہ بشر امام جو ساٿي نہ بڻيو. حضرت سيدالشهداء امام حسين﵇ جي شهادت کان پوءِ بشر کي مولا جي مزار مبارڪ تي روئندي ڏٺو ويو ۽ امام جو ساٿ نہ نڀائڻ جي ڪري بي حد پشيمان ٿي رهيو هيو.[٧]

## ۴_ ابوهره

ابو هره ازدي (ثعلبيہ) علائقي ۾ امام﵇ سان ملاقات ڪئي ۽ مولا کان ان مشڪل سفر جو سبب پڇيائين، امام حسين﵇ جن ان جي جواب ۾ فرمايو: «بنو اميہ وارن مال ۽ دولت پنهنجي قبضي ۾ ڪيو مون صبر ڪيو، بي زيب الفاظن سان گستاخي ڪندا رهيا مان برداشت ڪيو ۽ آخرڪار پنهنجي خواهشات کي پوري ڪرڻ لاءِ مون (رسول جي نواسي) جو خون وهائڻ لاءِ آماده ٿي ويا، جنهن ڪري آءٌ پنهنجي جان بچائي هتي پهتو آهيان. اي ابو هُره! آءٌ هڪ نافرمان ۽ گناهگار فرقي جي هٿان قتل ڪيو ويندس ۽ خداند قدوس انهن جي نجس جسمن کي ذلت جو لباس پهرائيندو ۽ سخت ترين شخص انهن جي مٿان حڪومت ڪندو جيڪو انهن کي ذليل ۽ خوار ڪري.[٨]

## ۵_ زهير بن قين

٢١ ذالحج جي ڏينهن مولا جن (زرود) علائقي ۾ پهتا، مولا جن جي خيمہ گاه جي ڀرسان زهير بن قين بَجلي بہ پنهنجا خيما نصب ڪيا هيا، جيڪو پنهنجي خاندان ۽ ڪجھ پاڙيسرين سان گڏ حج جي سفر تان واپس ڪوفي ڏانهن وڃي رهيو هيو. زهير عثماني هيو، مولا جن ڪيس پاڻ وٽ حاضر ٿيڻ لاءِ پيغام موڪليو، مگر هو مولا جي خدمت ۾ حاضر نہ ٿيو.

هن جي مومنہ گهرواري (ديلم يا دُلهم) جيڪا عمرو جي ڌيءُ هئي زهير کي چوڻ لڳي: سبحان الله، رسول اعظمﷺ جي نواسي اوهان ڏانهن نجات جو پيغام موڪليو آهي ۽ اوهين ڪائنات جي سردار وٽ وڃڻ کان انڪار ڪري رهيا آهيو. زهير بجليءَ وانگر اٿيو ۽ مولا جي دربار ۾ حاضر ٿيو اڃان ٿورڙو وقت مَس گذريو تہ زهير کلندي ۽ مسڪرائيندي واپس آيو، هن جي مومنہ گهر واري ڏسي چوڻ لڳي اي سردار! خيبر شڪن جي فرزند آخر اوهان کي ڪهڙي خوشخبري ڏني آهي جو اوهين گلاب جي گل جيان ٽهڪي رهيا آهيو، زهير پنهنجي زوجہ جو حق مهر ادا ڪري سندس پاءُ سان اماڻي ڇڏيو ۽ چوڻ لڳو: اِنِّي قَدْ وَطَّنْتُ نَفْسِي عَلَى الْمَوْتِ مَعَ الْحُسَيْن. «مان پنهنجي جان کي پنهنجي آقا امام حسين﵇ جي راه ۾ قربان ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو آهي ۽ پنهنجي سائين کي چوڻ لڳو: جيڪو بہ اوهان منجهان مون سان گڏ هلڻ چاهي ٿو آءٌ ان کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃڻ لاءِ تيار آهيان ورنہ هيءُ اسان جو آخري ديدار آهي ۽ حديث نقل ڪندي چوڻ لڳو: تہ اسان «بلنجر» (هيءُ علائقو خزر درياء جي ڀرسان آهي) ۾ جنگ ڪري رهيا هياسين، الله اسان کي فتح عطا ڪئي ۽ جڏهن مال غنيمت اسان جي هٿ ۾ آيو تڏهن سلمان باهلي يا (سلمان فارسي) اسان کي چيو: «اِذا اَدْرَكْتُمْ سَيد شَبابِ آلِ مُحَمَّدٍ فَكونُوا اَشَدُّ فَرَحاً بِقِتالِكُمْ مِمّا اَصَبْتُمُ الْيوْمَ مِنَ الْغَنائِمِ».[٩] جڏهن توهان کي آل محمد عليهم السلام جي جوانن جي سردار جو ساٿ نصيب ٿئي، تڏهن ان جو ساٿ ڏئي جنگ ڪرڻ سان جيڪا خوشحالي نصيب ٿيندي اها اڄ جي ڏينهن مالِ غنيمت گڏ ڪرڻ واري خوشحالي کان وڌيڪ هوندي.

## ٦_ نصراني

مقتل جي ڪجھ ڪتابن ۾ ملي ٿو تہ جڏهن مولا جن (ثعلبيہ) پهتا تہ هڪ نصراني پنهنجي والده سان گڏ مولاجن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ مولا جن جو ساٿي بڻجي ڪربلا جي طرف راهي ٿيو.[١٠] ۽ شايد هي نصراني وهب ئي هيو جنهن جو ذڪر مقتل جي مختلف ڪتابن ۾ ملي ٿو.

## ۷_ حُرياحي

٢٧ ذالحج سومر جي ڏينهن مولا جن (ذوحُسَم) منزل

امام حسين عليه السلام (ذوحُسَم) منزل تي پنهنجي لشڪر کي خطاب ڪندي فرمايو تہ: «جيڪو ڪجهہ ٿي رهيو آهي، اهو اوهان ڏسي رهيا آهيو. مگر اوهان تہ ڏسو تہ حق تي عمل نٿو ڪيو وڃي ۽ باطل کان دوري بہ نٿي ڪئي وڃي، اهڙي حالت ۾ مومن کي اهو جڳائي ٿو تہ حق جي راهہ تي رهي الله سان وڃي ملاقات ڪري. آءٌ موت کي شهادت کان علاوه ڪجهہ نہ ٿو ڄاڻان ۽ ظالمن سان گڏ زندگي گذارڻ کي بدنامي ۽ رسوائيءَ کان سواءِ ڪجهہ نہ ٿو سمجهان.

تائين پهتا. ان ڏينهن حر بن يزيد هڪ هزار جي لشڪر سان گڏجي مولا جي قافلي جو رستو روڪيو، حر جو لشڪر پياسو هيو. مولا جن حڪم ڏنو تہ حر جي سموري لشڪر ۽ سندس سوارين کي بہ پاڻيءَ سان سيراب ڪيو وڃي ۽ مولا جن پاڻ بہ پاڻي پيارڻ ۾ مشغول ٿي ويا ايتري تائين جو علي بن طعان ۽ ان جي گهوڙي کي خود مولا جن سيراب ڪيو.

ظهر جي دوران مولا جن هڪ مختصر خطبو پڙهندي فرمايو: آءٌ هرگز اوهان ڏانهن نہ اچان ها، پر اوهان جا خَطَ مون تائين پهتا ۽ انهن ۾ اها التجا ڪئي وئي هئي تہ آءٌ اوهان جي نصرت جي لاءِ اوهان جي طرف اچان، جيڪڏهن اوهين پنهنجي واعدي ۾ سچا آهيو تہ آءٌ اوهان جي شهر اچان پيو ۽ اگر منهنجي اچڻ مان خوش نہ آهيو تہ آءٌ واپس موٽي وڃان. حر مولا جي سامهون خاموش رهيو ۽ مولا جن حڪم ڏنو تہ حجاج بن مسروق آذان ۽ اقامت چوي. پوءِ مولا جن حر کي فرمايو: اوهين پنهنجي اصحاب سان گڏ نماز ادا ڪندو؟ عرض ڪيائين: اسين اوهان جي امامت ۾ نماز ادا ڪنداسين، ظهر جي نماز کان پوءِ هر هڪ پنهنجي پنهنجي جاءِ ڏانهن واپس موٽيو، ان کان پوءِ مولا جن ڪوفي وارن جا خط حر جي سامهون آندا. حرّ جواب ڏنو: اسين خط لکڻ وارن منجهان نہ آهيون ۽ اسان جي اها ذميداري آهي تہ اوهان جي راهہ ۾ رڪاوٽ بڻجي اوهان کي عبيدالله بن زياد جي دربار ۾ وٺي وڃون.

خوارزمي نقل ڪري ٿو: امام حسين عليه السلام جن مسڪرايو ۽ فرمايو: اَلْمَـوْتُ اَدْنیٰ اِلَيـک مِـنْ ذٰلِـک.[١١] «ان صلاح کان وڌيڪ موت تنهنجي قريب آهي». مولا ۽ سندس ساٿي واپس موٽڻ لڳا ليڪن حرّ ۽ سندس لشڪر، مولا جن جو رستو روڪيو، مولا جن فرمايو: تنهنجي والده تنهنجي جنازي تي ويڻ ڪري! توکي ڇا گهرجي؟ حر چيو: اگر توهان کان علاوه ٻيو ڪير ائين ڪلام ڪري ها مان ڪڏهن بہ معاف نہ ڪريان ها، ليڪن خدا جو قسم آءٌ اوهان جي والده جو نالو هرگز نہ وٺندس سواءِ ان جي تہ آءٌ نيڪي حاصل ڪرڻ لاءِ نالو وٺان.[١٢] ان کانپوءِ چوڻ لڳو: تہ آءٌ جنگ ڪرڻ لاءِ مقرر ناهيان ڪيو ويو، بلڪہ مون کي اها ذميداري سونپي وئي آهي تہ آءٌ هرگز اوهان کان جدا نہ ٿيان ايستائين جو اوهان کي ڪوفي وٺي وڃان. ليڪن اگر اوهان ڪوفي ڏانهن نٿا هلڻ چاهيو تہ پوءِ اهڙي راهہ جو انتخاب ڪريو جيڪو ڪوفي تي اچي ختم ٿئي. ايستائين جو اوهان لاءِ ڪوفي جي حاڪم ابن زياد جو ڪو نئون حڪم مون تائين پهچي ۽ توهان بہ يزيد ڏانهن خط لکو تہ شايد صلح جي راهہ پيدا ٿي پوي: ڇاڪاڻ تہ منهنجي لاءِ بہ اوهان سان جنگ ڪرڻ ۽ اوهان جو خون وهائڻ کان بهتر صلح ٿي آهي. امام حسين عليه السلام (ذوحُسَم) منزل تي پنهنجي لشڪر کي خطاب ڪندي فرمايو تہ: اَنَّـهُ قَـدْ نَـزَلَ مِـنَ الْاَمْـرِ مـا قَـدْ تَـرَوْنَ... اَلا تَـرَوْنَ اَنَّ الْحَـقَّ لا يعْمَـلُ بِـهِ وَاَنَّ الْباطِـلَ لا يتَنـاهى عَنْـهُ لِيرْغَـبَ الْمُؤْمِـنُ فى لِقـاءِ اللهِ مُحِقّـاً فَـاِنّى لا اَرَى الْمَـوْتَ اِلّا شَـهادَةً وَلَا الْحَيـاةَ مَـعَ الظّالِمِـينَ اِلّا بَرَمـاً؛[١٣] «جيڪو ڪجهہ ٿي رهيو آهي، اهو اوهان ڏسي رهيا آهيو. مگر اوهان نٿا ڏسو تہ حق تي عمل نٿو ڪيو وڃي ۽ باطل کان دوري بہ نٿي ڪئي وڃي، اهڙي حالت ۾ مومن کي اهو جڳائي ٿو تہ حق جي راهہ تي رهي الله سان وڃي ملاقات ڪري. آءٌ موت کي شهادت کان علاوه ڪجهہ نہ ٿو ڄاڻان ۽ ظالمن سان گڏ زندگي گذارڻ کي بدنامي ۽ رسوائيءَ کان سواءِ ڪجهہ نہ ٿو سمجهان.

حُرّ، امام عالي مقام کي قتل ٿيڻ جو خوف ڏياريو، امام عليه السلام جن فرمايو: اَفَبِالْمَـوْتِ تُخَوِّفُـنِي؟ هَيهـات طـاشَ سَـهْمُک وَخـابَ ظَنُّـک. «مون کي موت کان ڊيڄارين ٿو! يقينا اوهان جو تير غلط نشاني تي آهي ۽ اوهان جو گمان بي بنياد آهي». پاڻ شهادت جي فضيلت ۾ تمام گهڻا اشعار پڙهيائون، انهن مان هڪ شعر کي ذڪر ڪريون ٿا:

سَاَمْضِى وَما بِالْمَوْتِ عارٌ عَلَى الْفَتى
اِذا مـا نَوى حَقّاً وَجاهَدَ مُسْلِم[١٤]

آءٌ وڃان ٿو ۽ موت جوانمرد (بهادر) لاءِ ڪو بہ عيب نہ آهي، مگر ان شرط سان تہ خالص ۽ خدا لاءِ هجي. (البيضہ) منزل تي بہ مولا جن حر ۽ ان جي ساٿين کي

(البيضہ) منزل تي بہ مولا جن حر ۽ ان جي سائين کي خطاب ڪندي فرمايو: «اي انسانو! رسول خداﷺ جن فرمايو: جيڪو شخص بہ اهڙي بادشاهہ کي ڏسي جيڪو ظالم هجي، الله جي طرفان حرام ڪيل ڪمن کي حلال ڪري، الله جي واعدن کي ٽوڙي، رسول خداﷺ جي سنت جي مخالفت ڪري ۽ الله جي ٻانهن مٿان ظلم ڪري پوءِ بہ ان بادشاهہ جي ڪارنامن جي سندس گفتار ۽ ڪردار سان مخالفت نہ ڪري، الله کي جڳائي ٿو تہ اهڙي شخص تي عذاب نازل ڪري»

خطاب ڪندي فرمايو: اَيهَا النّاسُ اِنّ رَسُولَ اللهِ قالَ مَنْ رَاى سُلْطاناً جائِراً مُسْتَحِلًّا لِحَرامِ اللهِ ناكِثاً عَهْدَهُ مُخالِفاً لِسُنَّةِ رَسُولِ اللهِ يعْمَلُ فِي عِبادِ اللهِ بِالْاِثْمِ وَالْعُدْوانِ فَلَمْ يغَيرْ عَلَيهِ بِفِعْلٍ وَلا قَوْلٍ كانَ حَقّاً عَلَى اللهِ اَنْ يدْخِلَهُ مُدْخَلَهُ.[15] «اي انسانو! رسول خداﷺ جن فرمايو: جيڪو شخص بہ اهڙي بادشاهہ کي ڏسي جيڪو ظالم هجي، الله جي طرفان حرام ڪيل ڪمن کي حلال ڪري، الله جي واعدن کي ٽوڙي، رسولِ خداﷺ جي سنت جي مخالفت ڪري ۽ الله جي ٻانهن مٿان ظلم ڪري پوءِ بہ ان بادشاهہ جي ڪارنامن جي سندس گفتار ۽ ڪردار سان مخالفت نہ ڪري، الله کي جڳائي ٿو تہ اهڙي شخص تي عذاب نازل ڪري»

## ٨_ چارسوار

٢٨ ذالحج تي نافع بن هلال، مجمع بن عبدالله، عمرو بن خالد ۽ طِرمّاح، مولا جن سان مليا. حر چوڻ لڳو: هي چار ماڻهو ڪوفي جي ماڻهن منجهان آهن. آءٌ انهن کي روڪيان ٿو يا ڪوفي واپس موڪليان ٿو. مولا جن فرمايو: آءٌ اوهان کي هرگز ائين ڪرڻ جي اجازت ڪونہ ڏيندس ۽ آءٌ خود انهن جي حفاظت ڪندس؛ ڇوتہ اهي منهنجا مددگار آهن، منهنجن انهن صحابن وانگر جيڪي مڪي کان مون سان ڪٺي آهن، بس جيڪڏهن اوهين ان واعدي تي مضبوط آهيو جيڪو مون سان ڪيو اٿوَ تہ پوءِ انهن کي ڇڏي ڏيو ورنہ آءٌ اوهان سان جنگ ڪندس. حر انهن کي روڪڻ کان باز آيو.

مولا جن انهن کان پڇيو! اوهان ڪوفي جي باري ۾ ڇا ٿا ڄاڻو؟ مجمع چوڻ لڳو: ڪوفي جي سرمائيدارن کي بي حساب رشوت ڏني اٿائون ۽ انهن جي اکين کي مال ۽ دنيا جي لالچ سان پُر ڪيو اٿائون تہ جيئن انهن جي دلين ۾ بني اميہ جي محبت کي ويهارين ۽ دنيا جي لالچ ڏئي ڪري انهن جي سينن ۾ اوهان لاءِ نفرت جي باهہ جا آڙاهہ تيار ڪيا اٿئون، مگر سيني جي دل ۾ اوهان جي محبت جو مڄ ڀري رهيو آهي، ليڪن افسوس جو سڀاڻي انهن جون تلوارون اوهان جي خلاف ئي استعمال ٿينديون..

مولا جن ان منزل تي قيس بن مسهر صيداوي جي شهادت کان آگاهہ ٿيا ۽ مولا جن جي اکين مان لُڙڪ لڙي آيا ۽ هن آيت «فَمِنْهُمْ مَنْ قَضى نَحْبَهُ»[16] جي تلاوت کان پوءِ فرمايائون: «اَللّهُمَّ اجْعَلْ لَنا وَلِشيعَتِنا مَنْزِلاً كَريماً عِنْدَكَ وَاَجْمَعْ بَينَنا وَاِياهُمْ فِي مُسْتَقَرِّ رَحْمَتِكَ»[17] خداوندا! (جنت کي) اسان لاءِ ۽ اسان جي شيعن لاءِ پنهنجي دربار ۾ جڳهہ قرار ڏي، اسان کي ۽ انهن کي پنهنجي رحمت جي سائي ۾ رکُ.

## ٩_ عبيدالله بن حر

قصرِ بني مقاتل ۾ حضرت امام حسين عليه السلام جن حجّاج بن مسروق کي عبيدالله بن حر جعفي ڏانهن موڪليو، عبيدالله پڇيو: اي حجّاج بن مسروق ڪهڙو پيغام آندو اٿوَ؟ چيائين: تحفو ۽ ڪرامت اگر اوهان قبول ڪريو! هيءُ حسين عليه السلام آهي جنهن پنهنجي نصرت لاءِ اوهان کي انتخاب ڪيو آهي، اگر اُن جي مدد ڪندين عظيم اجر جو مستحق ٿيندين ۽ اگر قتل ڪيو وڃين تہ شهادت جي سعيد منزل تي فائز ٿيندين.

عبيدالله چيو: خدا جو قسم! مون ڪوفي ۾ ڏٺو تہ هڪ وڏو لشڪر حسين عليه السلام سان جنگ ڪرڻ لاءِ تيار هيو ۽ مون ڏٺو تہ ڪوفي ۾ شيعا بي يارومددگار هيا، ان مان آءٌ سمجهي ويَس تہ حسين عليه السلام ڪُٺو ويندو ۽ ڇو تہ مون وٽ ايتري طاقت ناهي جو حسين عليه السلام جو ساٿ ڏيان ۽ آءٌ راضي ناهيان تہ هو مون کي ڏسي يا مان هُن کي ڏسان. حجّاج بن مسروق، امام عليه السلام کي عبيدالله جو جواب ٻڌايو. مولا جن اهلبيت جا ڪجهہ افراد ۽ ڪجهہ انصار پاڻ سان گڏ ڪري عبيدالله جي خيمي ۾ آيا، عبيدالله مولا کي ڏسي حيران ٿي ڪري چوڻ لڳو: مان پنهنجي پوري زندگي ۾ حسين عليه السلام جهڙو عظيم انسان ناهي ڏٺو، جڏهن منهنجي نظر هن شخص تي پئي سندس ظاهري وجود ۾ ايتري تہ هيبت ۽ ڪشش هئي جو دنيا ۾ ڪابہ شيءِ ايتري باڪمال نہ ڏٺي اٿم، مون ڏٺو تہ مولا جن جڏهن هلي رهيا هيا تہ ننڍڙا ٻار توڙي جوان حاجين وانگر مولا جي چوڌاري

منهنجي خاندان جي افراد کي قتل ڪرائي ڇڏيندو! مولا جن جڏهن ڏٺو تہ عمر پنهنجي ناپاڪ ارادي کان ڪڏهن بہ باز نہ ايندو، پنهنجي جاءِ تان اٿيا ۽ فرمايائون: توکي ڇا ٿيندو؟ الله سائين تنهنجو روح جلد ئي قبض ڪري ۽ قيامت جي ڏينهن توکي نہ بخشي، مون کي ان ڪريم جو قسم جنهن جي قدرت ۾ منهنجي جان آهي، مان ڄاڻان ٿو تہ توکي عراق جي تمام گهٽ ڪڻڪ نصيب ٿيندي. يعني: تمام جلدي توکي الله جي عدالت ۾ اچڻو آهي. عمر بن سعد ٺٺول واري انداز ۾ چوڻ لڳو: اسان لاءِ جَوَ صحيح آهن![22]

ڪجهہ راوين ائين لکيو آهي تہ امام عالي مقام عليه السلام جن عمر کي فرمايو: تون مون کي قتل ڪندين ۽ اهو خيال ٿو ڪرين تہ ابن زياد توکي رَي ۽ گرگان جي حڪومت ڏئي ڇڏيندو! مون کي الله ربُّ العزت جو قسم ائين ڪڏهن بہ نٿو ٿي سگهي ۽ تنهنجي اها آرزو ڪڏهن بہ پوري ڪونہ ٿيندي! جيڪو ڪجهہ تون ڪرڻ چاهين ٿو انجام ڏي، پر منهنجي شهادت کان پوءِ هڪ لمحو بہ تون خوشي سان گذاري نہ سگهندين. آءٌ ڏسي رهيو آهيان تہ تنهنجو سر ڪوفي ۾ نيزي تي بلند ڪيو اٿئون ۽ ڪوفي جا ٻار تنهنجي سر جي طرف پٿر اڇلائي راند ڪري رهيا آهن.[23]

جيڪو ڪجهہ بيان ڪيوسين ان مان اهو روشن آهي تہ امام عالي مقام عليه السلام پنهنجي ملاقاتن ۾ پنهنجي قيام جي مقصد يعني: امت جي اصلاح، يزيد جهڙي بدڪار جي بيعت کان انڪار ۽ ڪوفين جي دعوت تي حاضر ٿيڻ کي واضح لفظن ۾ بيان ڪيو ۽ امام عليه السلام جن يزيد ۽ مروان جهڙن بدڪار مخالفن جي سامهون جرئت ۽ همّت جو مظاهرو ڪيو. ان کان سواءِ زهير بن قين ۽ حر بن يزيد رياحي جهڙن جي هدايت ڪئي. ۽ عبدالله بن عمر، عبيدالله بن حر جعفي ۽ عمر بن سعد جهڙن تي حجت تمام ڪئي. مولا جن ڪجهہ ملاقاتون ڪوفي ۽ مخالفن جا حالات معلوم ڪرڻ لاءِ ڪيون، مختصر لفظن ۾ ائين چئجي تہ: «امام حسين عليه السلام جن امت جي اصلاح، ماڻهن جي هدايت، حجت پوري ڪرڻ ۽ پنهنجي قيام جي مقصدن کي روشن ۽ بيان ڪرڻ لاءِ هر قسم جي ڪوشش ڪئي.

**حوالا:**


١_ قُلُوبُ الناسِ مَعَکَ وَسُيوفُهُمْ مَعَ بَنِي أمَيةَ.

٢_ بُغية الطالب، عمر بن احمد، بيروت، دار الفڪر، ج ٦، ص ٢٦١٤؛ تاملي در نهضت عاشورا، ص ٧٨؛ ڪامل ابن اثير، ج ٤، ص ٤٠.

٣_ تاملي درنهضت عاشورا، ص ٧٦.

٤_ ابصار العين، محمّد سماوي، قم، بصيرتي، ص ٣٩؛ الامام حسين و اصحابہ، فضل علي قزويني، قم، باقري، ص ٦٤؛ قصہ ڪربلا، ص ١٦٩.

٥_ اسراء/٧١.

٦_ الفتوح، ترجمہ محمّد بن احمد هروي، تهران، انتشارات آموزش انقلاب اسلامي، ١٣٧٢ ش، ج ٥، ص ١٢٠.

٧_ ترجمة الحسين، ص ٨٨؛ مثير الاحزان، ص ٤٢؛ قصہ ڪربلا، ص ١٧٠.

٨_ الفتوح، ج ٥، ص ١٢٣، ڪجهہ فرق سان در البداية والنهاية، ج ٨، ص ١٨٣.

٩_ حياة الامام الحسين عليہ السلام، ج ٣، ص ٦٦؛ ارشاد مفيد، ج ٢، ص ٧٣؛ قصہ ٨٤ - ٨٥.ڪربلا، ص ١٧٩؛ الاستيعاب، ج ٢، ص ٦٣٢.

١٠_ ڏسو: الامام الحسين واصحابہ، ص ١٧٠.

١١_ مقتل الحسين، خوارزمي، قم، مڪتبة المفيد، ج ١، ص ٢٣٣.

١٢_ حر مولا جي جواب ۾ ادب جي رعايت ڪئي، ۽ اها ادب جي رعايت ۽ مولا جي پيروي ڪرڻ ۽ مولا امام حسين عليه السلام جي خطبات ۽ شفاعت تي اعتماد ڪرڻ ئي حر جي هدايت جو مقدمو بڻيو.

١٣_ تاريخ طبري، ج ٥، ص ٤٠٣.

١٤_ ڪامل ابن اثير، ج ٤، ص ٤٨؛ قصہ ڪربلا، ص ١٩٦.

١٥_ مقتل الحسين، مقرم، ص ١٨٤.

١٦_ احزاب/٢٣.

١٧_ ڪامل ابن اثير، ج ٤، ص ٤٩؛ الفتوح، ج ٥، ص ١٤٧.

١٨_ عبيدالله بن حر ماضي ۾ عثمان جي حامين منجهان هيو ۽ جنگ صفين ۾ خود معاويہ جي سپاهين منجهان هيو ۽ اميرالمومنين علي عليه السلام جي شهادت کان پوءِ ڪوفي ۾ رهڻ لڳو. (وسيلة الدارين، موسوي، بيروت، مؤسسة الاعلمي، ص ٦٧.

١٩_ زهير بن قين ۽ عبيدالله بن حر جيڪي ٻئي عثماني هيا، ٻنهي جي امام حسين عليه السلام سان ملاقات جي پيٽ ڪئي وڃي تہ معلوم ٿئي ٿو تہ سعادت جو انتخاب ڪرڻ خود انسان جي پنهنجي هٿ ۾ آهي ليڪن ان ۾ جرئت ۽ همت جو هجڻ تمام ضروري آهي.

٢٠_ مقتل الحسين، مقرّم، ص ١٨٩، الفتوح، ج ٥، ص ١٣١ - ١٣٣؛ تاملي در نهضت عاشورا، همان، ص ٨٩.

٢١_ ثواب الاعمال و عقاب الاعمال، شيخ صدوق، تهران، مڪتبة الصدوق، ص ٣٠٨؛ قصہ ڪربلا، ص ٢٠٦.

٢٢_ بحار الانوار، ج ٤٤، ص ٣٨٨.

٢٣_ سفينة البحار، ج ٢، ص ٢٧٠؛ قصہ ڪربلا، ص ٢٣٥ -

## خدا شناسي

# توحيد افعالي (١)

## توحيد جي قسمن ۽ انهن جي دليلن بابت بحث

تحرير: مولانا نويد حسين چنه (ميرپور ماٿيلو)

توحيد بابت ذڪر ٿيل گذريل مضمونن مان واضح ٿيو تہ توحيد جا ٻہ قسم آهن هڪ نظريي ۽ عقيدي سان لاڳاپيل توحيد نظري ۽ ٻيو عمل سان لاڳاپيل توحيد عملي. توحيد نظري ٽن قسمن ۾ ورهائجي ٿي: توحيد ذاتي، توحيد صفاتي ۽ توحيد افعالي. توحيد ذاتي ۽ صفاتي جي بيان کان پوءِ هن مضمون ۾ توحيد افعالي بابت وضاحت پيش ڪنداسين، توحيد افعالي جو عقيدو ٽي مرحلا رکندڙ آهي جن کي هيٺ وضاحت سان پيش ڪجي ٿو:

### توحيد افعالي مان مراد

اسلامي توحيد جي عقيدي مطابق، هن عالم ۾ حقيقي ۽ هر اعتبار سان مستقل مؤثر ۽ فاعل، الله تعاليٰ جي ذات آهي. ان کان علاوه ٻيو ڪو بہ موجود، ذاتي طور تي مستقل مؤثر (يعني انجام ڏيڻ جي ڪامل حيثيت) نٿو رکي، بلڪ ڪائنات ۾ جنهن بہ موجود کان جيڪو بہ اثر آهي ان اثر جو حقيقي مؤثر خدا جي ذات آهي، اها ئي «توحيد افعالي» جي معنيٰ آهي.

ان عقيدي مطابق، خدا پنهنجي افعال ۽ ڪمن جهڙوڪ: خلق ڪرڻ، روزي ڏيڻ وغيره جي انجام ۾ ٻئي ڪنهن جي بہ مدد ۽ شراڪت کان بي نياز آهي ۽ ٻئي ڪنهن بہ موجود پاران فعل ۽ ڪم کي انجام ڏيڻ، خدا جي فاعيلت جي ئي هيٺيان ۽ ان جي تسلسل ۾ آهي.

ان اعتبار سان «توحيد افعالي» ٻن بنيادي اصولن تي قائم آهي:

الف) الله تعاليٰ سندس ڪمن جي انجام ڏيڻ ۾ واحد ۽ اڪيلو آهي جو ڪوبہ سائس شريڪ ناهي، بلڪ ان لاءِ فعل جي انجام ۾ ڪنهن ٻئي جي شريڪ هجڻ جو تصور ڪرڻ ئي محال آهي.

ب) خدا کان سواءِ ٻيو ڪوبہ موجود پنهنجي فعل ۽ ڪم کي انجام ڏيڻ ۾ مستقل ناهي ۽ ڪائنات ۾ ڪوبہ فعل الله جي ارادي ۽ مشيّت کان علاوه انجام نٿو ٿئي؛ تنهنڪري حقيقي مؤثر خدا جي ذات آهي. ۽ اها ئي هن مشهور جملي «لا حول و لا قوة الا بالله» جي معنيٰ آهي.[1]

### ڪجھ سوال ۽ انهن جا جواب

جڏهن توحيد افعالي جي عميق ۽ گهري معنيٰ ان مطلب کي روشن ڪندڙ آهي تہ ڪائنات ۾ حقيقي مؤثر خدا جي ذات ئي آهي تہ پوءِ ممڪن آهي ڪجھ سوال ذهن جي صفحي تي تري اچن تہ:

#### ١. خدا ۽ مخلوق جي فاعيلت ۾ ڪهڙو فرق؟

جيڪڏهن توحيد افعالي جي ان مطلب کي قبول ڪيوسين تہ الله ئي مؤثر آهي ۽ ڪائنات ۾ جيڪو ڪجھ انجام ٿئي ٿو تنهن جو انجام ڏيندڙ الله جي ئي ذات جي آهي تہ پوءِ باقي موجودات کان جاري ٿيندڙ ڪم، اثر ۽ فاعيلت بابت ڇا چونداسين؟ پوءِ انهن جو فاعل هجڻ ۽ اثر رکڻ ڪهڙي معنيٰ ۾ آهي؟ ڇاڪاڻ تہ پنهنجي چوڌاري، جڏهن ڏسون ٿا تہ ڪيترين ئي اهڙيون شيون موجود آهن جيڪي اثر رکندڙ آهن، انهن کان ڪو نہ ڪو فعل ۽ ڪم ظاهر ٿئي ٿو؛ جهڙوڪ: باھ ساڙي ٿي، يا دوا انسان کي شفا بخشي ٿي، يا انسان والدين جي صورت ۾ سندس نسل کي اڳتي وڌائيندڙ آهي وغيره. پوءِ ڪهڙي آڌار تي، چئون ٿا تہ انجام ڏيندڙ ۽ مؤثر رڳو

انسان جيڪو هر ڪم پنهنجي ارادي سان انجام ڏيندو آهي، قرآن ان ٻنهي قسمن جي اثر کي الله جي فاعليت ۽ ان جي تاثير هيٺ ڄاڻي ٿو. يعني ائين ناهي تہ انسان يا ڪائنات جي ٻي ڪابہ مخلوق پنهنجا ڪم انجام ڏيڻ ۾ مستقل آهي اهڙي طرح جو انهن جي فاعل هجڻ واري اها حيثيت الله جي فاعل ۽ مؤثر هجڻ واري حيثيت جي ڀيٽ ۾ هجي، نہ هرگز ائين ناهي.

الله جي ئي ذات آهي؟ ۽ ٻين کان ظاهر ٿيندڙ اثرن کي ڪيئن الله تعالیٰ ڏانهن نسبت ڏينداسين؟

ان مسئلي جي حل لاءِ فاعليت جي ٻن قسمن فاعليت «عرضي ۽ طولي» کي سمجهڻو پوندو؛ ڇاڪاڻ تہ هڪ فاعل ۽ مؤثر جو سندس فعل ۽ اثر ۾ مؤثر هجڻ کي جڏهن ٻئي فاعل ۽ مؤثر جي نسبت پيٽيو ويندو تہ اهو ٻن صورتن مان ڪنهن هڪ صورت مطابق هوندو:

الف) يا تہ اهي ٻئي پنهنجي پنهنجي اثر ۾ مستقل هوندا: مثال جي طور تي، ٻہ ڄڻا يا ٻن کان وڌيڪ جڏهن گڏجي ڪا وزني شيءِ هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تي منتقل ڪن تہ اتي هر هڪ شخص پنهنجي پنهنجي اعتبار سان مستقل اثر رکي ٿو، اهڙي صورت ۾ هر هڪ مستقل ۽ الڳ الڳ حيثيت سان فاعل ۽ اثر رکندڙ آهي، يعني منجهائن ڪنهن جي بہ فاعليت ڪنهن ٻئي جي تسلسل ۾ ۽ ان جي فاعليت هيٺ ناهي هوندي. ان کي علمي اصطلاح ۾ «**عرضي فاعليت**» چوندا آهن.

ب) يا منجهائن هڪ جو اثر ۽ فاعليت، ٻئي جي فاعليت هيٺ ۽ ان جي تسلسل ۾ هوندي آهي نہ ان جي برابر ۾، جتي ٻہ فاعل ۽ مؤثر ڪنهن هڪ فعل يا اثر جي نسبت مستقل نہ هوندا آهن، بلڪہ هڪ مستقل هوندو ۽ ٻيو ان مستقل ۽ حقيقي فاعل جي تاثير ۽ فاعليت جي هيٺ ۽ ان جي تسلسل ۾ هوندو. ان کي علمي اصطلاح ۾ «**طولي فاعليت**» چوندا آهن.

تمام مخلوقات جي فاعليت ۽ انهن کان اثر جو ظاهر ٿيڻ مثال طور تي باهہ کان ساڙڻ جو اثر يا دوا مان شفا ملڻ جو اثر وغيره، حقيقت ۾ فاعليت جي طولي قسم منجهان آهي، يعني اهو ئي ساڙڻ وارو اثر يا شفا وارو اثر جيتوڻيڪ باهہ ۽ دوا جو آهي پر حقيقت ۾ اهو ئي اثر خدا جو آهي ۽ حقيقي فاعل ۽ اثر بخشيندڙ ان جي ذات آهي ۽ دوا جو شفا ڏيڻ ۽ باهہ جو ساڙڻ وغيره الله جي فاعليت ۽ تاثير هيٺ آهي؛ ڇاڪاڻ تہ ان جي ئي ارادي سان باهہ ساڙڻ جو عمل ڪندي آهي ۽ ان جي ئي ارادي سان دوا شفا جو عمل انجام ڏيندي آهي. ٻين لفظن ۾ مخلوقات جا اثر سندن ذاتي ناهن، بلڪہ خدا کان عطا ٿيل ڪين تاثير جو نتيجو آهن، سو ظاهري طور تي باهہ جي ساڙڻ واري اثر کي خود باهہ جو اثر چيو ويندو آهي، پر حقيقي اعتبار سان اهو خدا جو ئي اثر آهي اهڙي طريقي سان ٻيا سڀ ڪائنات ۾ وجود پائيندڙ اثر ۽ فعل.

ان اعتبار سان، قرآن مجيد ڪيترن ئي ٻين جي فاعليت ۽ انهن پاران ڪنهن ڪم کي انجام ڏيڻ ۽ انهن جي ڪنهن بہ اثر کي الله جي ذات ڏانهن نسبت ڏي ٿو پوءِ چاهي اهو هن ڪائنات جي ڪا اهڙي شيءِ هجي جيڪا ارادي رکڻ کان بنا ڪو ڪم انجام ڏيندي آهي جهڙوڪ: آسمان جو مينهن وسائڻ وارو عمل، وڻن جو ڦل ڏيڻ وارو ڪم وغيره، يا چاهي اها پنهنجي ارادي سان انجام ڏيندڙ هجي جهڙوڪ: انسان جيڪو هر ڪم پنهنجي ارادي سان انجام ڏيندو آهي، قرآن ان ٻنهي قسمن جي اثر کي الله جي فاعليت ۽ ان جي تاثير هيٺ ڄاڻي ٿو، يعني ائين ناهي تہ انسان يا ڪائنات جي ٻي ڪابہ مخلوق پنهنجا ڪم انجام ڏيڻ ۾ مستقل آهي اهڙي طرح جو انهن جي فاعل هجڻ واري اها حيثيت الله جي فاعل ۽ مؤثر هجڻ واري حيثيت جي ڀيٽ ۾ هجي، نہ هرگز ائين ناهي.

ان مطلب کي ذهن ڏانهن ڪجهہ ويجهو ڪرڻ لاءِ مثال پيش ڪندس تہ:

جڏهن هڪ دفتر ۾ ٻہ ڄڻا ڪم ڪندڙ هجن ۽ انهن مان هڪ ٻئي جو رئيس ۽ وڏو هجي جيڪو ان کي حڪم ڏيندڙ آهي ۽ ٻيو ان جو نوڪر هجي تہ هاڻي جيڪڏهن رئيس جي هوندي جڏهن نوڪر ڪو بہ دفتر ۾ ڪم ڪندو جيڪو ان جي حوالي ٿيو آهي تہ هو سندس اهڙي فعل، ڪم ۽ اثر رکڻ ۾ مستقل ناهي ۽ ان جو فاعل بڻجي ڪو ڪم انجام ڏيڻ سندس رئيس جي ڀيٽ ۾ ناهي هوندو، ۽ عاقل ماڻهو بہ نوڪر جي اهڙن ڪمن کي ان جي رئيس جا ئي ڪم چوندا. سو اهڙي طرح هن ڪائنات جي تڪويني نظام ۾ پڻ مرتبا رکيل آهن جو جيڪو بہ فاعل ۽ مؤثر آهي ۽ ڪو ڪم ڪندڙ آهي تہ سندس اها فاعليت ۽ تاثير، الله جي ارادي سان قائم آهي نہ ان جي ڀيٽ ۾، تنهنڪري

هن مادي جهان ۾ جيتوڻيڪ ڪن واسطن جي گهرج هوندي آهي، پر اهي واسطا الله جي فاعليت ۽ ان جي تاثير ۾ ڪابہ دخالت ناهن رکندا. فقط ان مادي شيءِ کي قابل بڻائيندا آهن. ۽ الله پنهنجي حڪمت جي آڌار تي، هن مادي جهان کي ڪن مخصوص خاصيتن ۽ محدوديتن سان خلقيو آهي، ۽ پنهنجي تڪويني قانونن مطابق، ان ۾ هڪ خاص نظام رکيو آهي، پر هن مادي جهان جي نظام جي محدوديت جو مطلب ڪڏهن بہ اهو ناهي جو الله پڻ ان محدوديتن سان محدود ٿي پئي.

بئي ڪنهن بہ انجام ڏيندڙ جو ڪم الله جي تڪويني ارادي سان ئي جڙيل آهي. تنهنڪري چوندا آهيون: «ولا حول ولا قوة الا بالله العلي العظيم» عظيم ربّ کان سواءِ نہ ڪا طاقت آهي ۽ نہ ڪا قدرت.

## 2. خدا جي ڪن ڪمن ۾ واسطن جو ڪردار

ٻيو سوال جيڪو هتي اڀري ٿو سو هي آهي تہ: جيڪڏهن الله سائين توحيد افعالي جي آڌار تي، پنهنجي ڪمن ۾ ٻي مخلوق جي مدد کان بي نياز ۽ مستقل آهي تہ:

**«جو پنهنجي ڪن ڪمن کي مخلوقات جي واسطي سان انجام ڏيندو آهي؟»**

مثال جي طور تي خلق ڪرڻ الله جي ڪمن مان هڪ ڪم آهي، پر هڪ وڻ جي خلقت ۾ ڪجھ ٻين جي دخالت ۽ انهن جو واسطو ٿيڻ ضروري آهي جهڙوڪ: سج جي روشني، مٽي، پاڻي، هوا وغيره. جن کان سواءِ ان وڻ جو وجود ممڪن ناهي. سو اهڙي صورت ۾ الله کي ئي سندس فعل ۾ مستقل سمجهڻ اهڙيءَ طرح جو ٻيو ڪوبہ سندس فعل ۾ مدد نٿو ڪري ۽ ٻي ڪنهن بہ شيءِ جو واسطو وچ ۾ ناهي، ڪيئن صحيح ٿي سگهي ٿو؟

تنهن جو جواب هن ريت آهي تہ:

الله سائين جا جيڪي بہ ڪم آهن سي ٻن قسمن جا آهن:

### پهريون: ماديت کان مٿاهون جهان:

هڪ جهان اهڙو آهي جيڪو مادي کان بلڪل خالي آهي، جتي الله جو ڪم ڪنهن واسطي جي ذريعي ناهي ٿيندو، بلڪ الله ارادو ڪندو آهي تہ اهو ڪم ٿي پوندو آهي، سو هڪ غير مادي ۽ مجرد مخلوق جي تخليق ۾ ڪابہ شيءِ واسطو نٿي بڻجي. ڪڏهن اهڙي جهان کي «عالم امر» سان پڻ ياد ڪيو ويو ويندو آهي.

### ٻيو: مادي جهان

ٻيو هي اسان جو مادي جهان آهي جتي اسان زندگيءَ گذاري رهيا آهيون. جنهن کي علمي اصطلاح ۾ «عالم خلق» سڏيو ويندو آهي. چوتہ هي جهان مادي آهي سو ان اعتبار سان ان منجھ ڪنهن بہ شيءِ جي تخليق غير مادي جهان ۾ هڪ مجرد ۽ مادو نہ رکندڙ شيءِ جي تخليق کان بلڪل مختلف هوندي. ٻنهي جهانن جي مختلف هجڻ جي هڪ صورت اها آهي تہ هن مادي جهان ۾ الله جيڪو بہ ارادو ڪندو آهي سو هڪ خاص نظام هيٺ هوندو آهي، ۽ مادي جهان جي خاصيت اها آهي جو جڏهن بہ ڪا شيءِ وجود ۾ ايندي آهي تہ ان لاءِ ڪجھ شيون مقدمو ۽ ماحول فراهم ڪنديون آهن جن کان سواءِ ان جو وجود ممڪن ناهي هوندو. سو ان آڌار تي، الله سائين بہ جڏهن هن جهان ۾ ڪنهن شيءِ جي وجود جو ارادو ڪندو آهي تہ ان لاءِ ڪن مقدمن جي ضرورت پوندي آهي، پر اها ڳالھ پڻ ذهن ۾ رهي تہ اهي ٻيون تمام مقدمو بڻجندڙ شيون رڳو هن مادي عالم کي ان قابل بڻائڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن تہ الله پاران ايندڙ فيض کي قبول ڪري سگهي، تنهنڪري واسطو ٿيندڙ اهي تمام شيون الله جي فاعليت ۽ ان جي تاثير ۾ ڪا دخالت ناهن رکنديون. ٻين لفظن ۾ اهي مقدما ۽ اهي واسطا رڳو ان مادي شيءِ کي ان قابل بڻائينديون آهن جو الله کيس وجود بخشي، ان ڪري جيڪڏهن اهي واسطا نہ هوندا تہ اها مادي شيءِ پنهنجي خلق ٿيڻ ۽ وجود پائڻ ۾ الله جي فيض ۽ اثر جي قابليت پيدا نہ ڪري سگهندي ۽ نتيجي ۾ وجود پائي نہ سگهندي.

ان مان معلوم ٿيو تہ هن مادي جهان ۾ جيتوڻيڪ ڪن واسطن جي گهرج هوندي آهي، پر اهي واسطا الله جي فاعليت ۽ ان جي تاثير ۾ ڪابہ دخالت ناهن رکندا. فقط ان مادي شيءِ کي قابل بڻائيندا آهن. ۽ الله پنهنجي حڪمت جي آڌار تي، هن مادي جهان کي ڪن مخصوص خاصيتن ۽ محدوديتن سان خلقيو آهي، ۽ پنهنجي تڪويني قانونن مطابق، ان ۾ هڪ خاص نظام رکيو آهي، پر هن مادي جهان جي نظام جي محدوديت جو مطلب ڪڏهن بہ اهو ناهي جو الله پڻ ان محدوديتن سان محدود ٿي پئي، بلڪ هن جهان جي موجود ۽ رائج نظام ۽ سسٽم کان مٿاهين

مسلمانن ۾، شيعہ مذهب وارا ائمہ معصومين عليهم السلام جن جي هدايت سان ان مسئلي ۾ توحيد افعالي ۽ انسان جي اختيار ٻنهيءَ کي قبول ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا. اهڙيءَ طرح جو نہ الله جي توحيد افعالي محدود ٿئي ۽ نہ ئي انسان کان سندس اختيار کسيو وڃي.

نوعيت جي ڪا داخلت ڪري تہ هو ان ڳالھ تي پڻ قادر آهي جو ان عادي ۽ رائج نظام کي ٽوڙيندي پنهنجي مشيت کي حقيقت بخشي.[2]

## 3. توحيد افعالي ۽ انسان جو اختيار

هڪ ٻيو اهم سوال جيڪو توحيد افعالي جي هن بحث هيٺ اڀري ٿو سو هي آهي تہ:

توحيد افعالي جي مطابق، هن ڪائنات ۾ جيڪو بہ فعل ۽ ڪم ٿئي ٿو ان جي نسبت خدا ڏانهن ئي ڏجي ٿي؛ يعني: ان جي ئي ارادي سان آهي، پوءِ ان صورت ۾، انسان جيان اختيار رکندڙ مخلوق جا ڪم پڻ حقيقت ۾ الله جا ڪم سڏيا ويندا ۽ انهن جي نسبت ان ڏانهن ئي هوندي، اهڙيءَ صورت ۾ انسان جو فعل ۽ ڪم جيڪڏهن الله جو فعل آهي تہ پوءِ انسان جو مختار هجڻ ۽ پنهنجي ئي اختيار ۽ ارادي سان انجام ڏيڻ جو ڇا مطلب آهي؟ ان صورت ۾ انسان مختار نہ بلڪ مجبور ڇيو ويندو؟

ان جي جواب ۾ عرض ڪنداسين تہ:

هي هڪ اڳاٽي بحث آهي تہ انسان جي اختيار سان توحيد افعالي جو ڪهڙو رابطو آهي. ان مسئلي ۾ درست پرڪ پيدا نہ ڪرڻ جي ڪري مسلمانن ۾ ٻہ نظريا وجود ۾ آيا:

اشعري مذهب وارن الله جي اهڙي وحدانيت کي انسان جي اختيار واري مسئلي سان مطابقت نہ رکندڙ ڄاڻايو ۽ سندن نظر مطابق، انسان جا ڪم الله جي مخلوق ۽ الله جا ئي فعل ۽ ڪم آهن، ۽ انسان جو ارادو ۽ اختيار منجهن ڪابہ دخالت نٿو رکي.[3]

۽ ٻئي پاسي کان معتزلي مذهبن جي فرقي، اهو عقيدو پيدا ڪيو تہ الله، اهڙن ڪمن کي انسان جي حوالي ڪيو آهي ۽ انسان پنهنجي اختيار سان اهي ڪم انجام ڏيندو آهي ۽ انهن ۾ الله جي ڪابہ دخالت ناهي.[4]

ٻنهيءَ نظرين کي جيڪڏهن غور سان ڏٺو ويندو تہ اها پروڙ پوندي تہ اشعري «جبر» جا قائل ٿي ويا؛ يعني انسان پنهنجي ڪمن ۾ مجبور آهي. جڏهن تہ معتزلي «تفويض» جا قائل ٿي ويا؛ يعني سڀ ڪم انسان جي حوالي آهن ۽ الله جي ڪابہ تاثير ۽ ڪابہ دخالت ناهي. انهن ٻنهيءَ نظرين جو ڪارڻ مسئلي بابت صحيح پرڪ ۽ شناخت جو نہ هجڻ آهي. جيتوڻيڪ ان مسئلي جي وضاحت اڳتي ايندڙ «جبر ۽ اختيار» جي بحث ۾ تفصيل سان بيان ڪنداسين، پر هتي رڳو هڪ نڪتي ڏانهن اشارو ڪنداسين تہ جيئن ذهن ۾ آيل ان سوال کي مختصر بيان سان حل ڪري سگهجي، اهو هي تہ:

مسلمانن ۾، شيعہ مذهب وارا ائمہ معصومين عليهم السلام جن جي هدايت سان ان مسئلي ۾ توحيد افعالي ۽ انسان جي اختيار ٻنهيءَ کي قبول ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا، اهڙيءَ طرح جو نہ الله جي توحيد افعالي محدود ٿئي ۽ نہ ئي انسان کان سندس اختيار کسيو وڃي. جنهن جو تفصيل ان شاء الله «جبر ۽ اختيار» جي بحث ۾ ايندو.

## توحيد افعالي تي دليل

جڏهن توحيد افعالي جي معنيٰ واضح ٿي ۽ ان بابت ڪجهہ سوالن کي پڻ حل ڪري آياسين تہ هاڻي ضروري ٿئي ٿو تہ الله جي اهڙيءَ وحدانيت کي دليل سان واڪو ڪجي.

توحيد افعالي ۾ ٻہ ڳالهيون نظر هيٺ گذريون:

الف) الله تعالىٰ سندس ڪمن جي انجام ڏيڻ ۾ واحد ۽ اڪيلو آهي ۽ ڪوبہ ساڻس شريڪ ناهي.

ب) خدا کان سواءِ ٻيو ڪوبہ موجود پنهنجي فعل ۽ ڪم جي انجام ڏيڻ ۾ مستقل ناهي ۽ ڪائنات ۾ ڪوبہ فعل الله جي ارادي ۽ مشيّت کان علاوه انجام نٿو ٿئي؛ تنهنڪري حقيقي مؤثر خدا جي ذات آهي.

### پهرئين مطلب جي دليل اها آهي تہ:

الله سائين جي ڪمال کي بيان ڪندڙ هڪ صفت اها آهي تہ ان جي ذات واجب الوجود ۽ ڪامل مطلق آهي جنهن کي گذريل بحثن ۾ ثابت پڻ ڪيو ويو آهي. يعني جنهن جي ذات عين وجود آهي ۽ سندس ذات منجهہ ڪوبہ نقص ناهي ۽ نہ ئي ڪا محدوديت آهي، اهڙيءَ صورت ۾

معصومين عليهم السلام ۽ اولياء سان توسل ڪرڻ ذڪر ٽيل توحيد جي معنيٰ سان ٽڪراءُ ان وقت رکندو جڏهن ڪو شخص معصوم ۽ ڪنهن خدا جي ولي کي الله کان الڳ هڪ مستقل حيثيت ڏئي توسل ڪري. پر جيڪڏهن اهو عقيدو رکي انهن کان توسل ڪجي ته هي اهي هستيون آهن جن کي الله پنهنجو ولي بڻايو آهي ۽ انهن کي پنهنجي فيض ۽ رحمتن جو ذريعو قرار ڏنو آهي ۽ ماڻهن کي پڻ اهڙين هستين کي وسيلي بڻائڻ جو حڪم ڪيو آهي ته ٽڪراءُ نه رکندو.

جيڪڏهن اهو چيو وڃي ته الله پنهنجي ڪمن ۾ مستقل ناهي ته ان وقت هو سندس فعل ۾ ٻئي جو محتاج ٿي پوندو، ۽ ٻئي جو محتاج ٿيڻ ان جي ڪمال سان ٺهڪي نٿو رکي: ڇاڪاڻ ته عقل اهو حڪم ڪندو ته جيڪو ٻئي جو محتاج آهي اهو ناقص آهي، ۽ جوته الله جي ذات واجب الوجود ۽ ڪمال مطلق آهي، هڪ اهڙي ذات آهي جنهن ۾ ڪوبه نقص ناهي ته پوءِ اهو قبول ڪرڻو پوندو ته الله پنهنجي ڪمن ۾ اڪيلو آهي ۽ ان جو ڪوبه شريڪ ناهي ۽ اها ئي توحيد افعالي جي بيان ٿيل ٻن بنيادي اصولن مان هڪ اصول جي معنيٰ آهي.

**ٻئي مطلب جي دليل اها آهي ته:**

اڳ ۾ بيان ڪري آيا آهيون ته:

١. الله جي ذات «علة العلل» آهي: يعني اهڙي ذات آهي جيڪا ٻين سڀني سببن ۽ علتن جي پڻ علت آهي ۽ انهن سڀني سببن کان مٿاهون سبب آهي. پوءِ جڏهن ٻيا سڀ الله جي نسبت معلول ۽ مخلوق جي حيثيت رکن ٿا ته ان جو مطلب اهي سڀ پنهنجي وجود ۾ مستقل ناهن بلڪ انهن جو وجود الله جي وجود سان وابسته آهي، جيڪڏهن الله پنهنجو رابطو انهن کان ٽوڙي ته هي سڀ ڪجهه به ناهن، پوءِ جڏهن الله کان علاوه سڀ ان جي مخلوق ۽ پنهنجي وجود ۾ ان سان وابسته ۽ جڙيل آهن ته اهي پنهنجي فعل ۽ ڪمن ۾ پڻ مستقل نه هوندا. ان آڌار تي مخلوق جهڙي طرح پنهنجي وجود ۾ وابسته ۽ جڙيل آهي ۽ مستقل ناهي اهڙيءَ طرح پنهنجي فعل، اثر ۽ ڪم ۾ پڻ وابسته ۽ جڙيل آهي مستقل ناهي.

## توحيد افعالي جو انسان جي زندگيءَ ۾ ڪردار

توحيد افعالي جو عقيدو انسان جي زندگيءَ تي اهم اثر رکندڙ آهي ۽ هن جهان ۽ ڪائنات جي هڪ خاص رابطي کي شڪل بخشيندڙ آهي: ڇاڪاڻ ته جيڪو شخص توحيد افعالي جو عقيدو رکي ٿو ۽ سندس نظريي مطابق، الله ئي اڪيلو هر ڪم جو حقيقي سبب آهي ته پوءِ اهو شخص الله جي مشيت ۽ ارادو مڙني ڪمن مٿان ڦهليل ۽ حاڪم سمجهي ٿو، اهڙي شخص جي نظر ۾، ڪائنات ۾ هر ڇرپر ۽ تبديلي الله جي ارادي سان ۽ ان جي ئي فاعليت هيٺ واقع ٿئي ٿي.

ان سان گڏوگڏ توحيد افعالي جو هي عقيدو انسان جي عمل ۽ ڪردار تي پڻ گهرو اثر انداز رکي ٿو، جو سدائين الله تي توڪل ڪندي نظر اچي ٿو ۽ ان کان ئي مدد گهري ٿو ۽ ان کان ئي اميد رکي ٿو.

ممڪن آهي ڪنهن جي ذهن ۾ اهو سوال تري اچي ته جيڪڏهن توحيد افعالي جي نتيجي ۾ انسان رڳو الله کان ئي اميد رکي سگهي ٿو ۽ فقط ان کان ئي مدد گهري سگهي ٿو ته پوءِ معصومين عليهم السلام ۽ اولياء کان توسل ڪرڻ ۽ انهن کي وسيلو قرار ڏيڻ جو مطلب ڇا آهي؟

تنهن جي جواب ۾ چونداسين ته: معصومين عليهم السلام ۽ اولياء سان توسل ڪرڻ ذڪر ٽيل توحيد جي معنيٰ سان ٽڪراءُ ان وقت رکندو جڏهن ڪو شخص معصوم ۽ ڪنهن خدا جي ولي کي الله کان الڳ هڪ مستقل حيثيت ڏئي توسل ڪري. يعني انهن کي مستقل سمجهڻ ۽ الله جي اذن ۽ اجازت جو محتاج نه سمجهڻ وارو عقيدو رکي ڪائنن توسل ڪرڻ درست ناهي، پر جيڪڏهن اهو عقيدو رکي انهن کان توسل ڪجي ته هي اهي هستيون آهن جن کي الله پنهنجو ولي بڻايو آهي ۽ انهن کي پنهنجي فيض ۽ رحمتن جو ذريعو قرار ڏنو آهي ۽ ماڻهن کي پڻ اهڙين هستين کي وسيلي بڻائڻ جو حڪم ڪيو آهي ته پوءِ اهو عقيدو توحيد سان ٽڪراءُ نه رکندو، بلڪ اهو عمل پڻ حقيقت ۾ الله جي ئي اطاعت شمار ٿيندو جو انسان الله جي حڪم تي عمل ڪندي اهڙين هستين کي پنهنجي عمل ۾ وسيلو قرار ڏي ٿو.[٥]

## توحيد افعالي جا قسم

توحيد افعالي جي معنيٰ ۾ ڄاڻي آياسين ته مراد الله جي سندس ڪمن ۾ وحدانيت آهي، يعني جهڙيءَ طرح هو ذات ۾ اڪيلو آهي اهڙيءَ طرح سندس ڪم ۾ پڻ سندس ڪو شريڪ ناهي. پوءِ الله جي افعال کي مختلفن عنوانن

توحيد افعالي جو هڪ قسم، خالقيت ۾ اڪيلو ۽ واحد هجڻ آهي. يعني اهو عقيدو رکڻ ته حقيقي خالق، فقط الله جي ذات آهي. ٻيا سڀ ان جي ئي مخلوق آهن. الله جي خالقيت جي ڀيٽ ۾ اهڙو ڪو ٻيو موجود ناهي جيڪو ان جيان مستقل خالق هجي يا الله جي خالقيت ۾ سندس شريڪ هجي.

جهڙوڪ: تخليق، تدبير (رب هجڻ)، رزق ڏيڻ، هدايت ڪرڻ وغيره ۾ تقسيم ڪري سگهجي ٿو، علم ڪلام سان لاڳاپو رکندڙ عالم سڳورا، توحيد افعالي بابت جن قسمن کي ذڪر ڪن ٿا تن مان اهم هي آهن:

خالقيت ۾ توحيد، ربوبيت ۾ توحيد، مالڪيت ۾ توحيد، حاڪميت ۽ ولايت ۾ توحيد ۽ رازقيت ۾ توحيد.

مذڪوره قسمن کي هيٺ واضح ڪنداسين:

## 1. توحيد خالقيت

توحيد افعالي جو هڪ قسم، خالقيت ۾ اڪيلو ۽ واحد هجڻ آهي. يعني اهو عقيدو رکڻ ته حقيقي خالق، فقط الله جي ذات آهي. ٻيا سڀ ان جي ئي مخلوق آهن. الله جي خالقيت جي ڀيٽ ۾ اهڙو ڪو ٻيو موجود ناهي جيڪو ان جيان مستقل خالق هجي يا الله جي خالقيت ۾ سندس شريڪ هجي.

هميشه انسان لاءِ هن جهان بابت ڪيترائي سوال جنم وٺندا آهن: انهن مان هڪ اهم سوال هن جهان جي خلقت جو هوندو آهي ته اسان مٿان سايو ڪندڙ ستارن سان ڀريل آسمان، نور نچاور ڪندڙ سج ۽ اهڙيءَ طرح هي پورو سنسار ڪنهن جوڙيو آهي؟ ان جو خالق ۽ مبدا (آغاز ڪندڙ) ڪير آهي؟ اهڙن سوالن جو جواب خالقيت ۾ توحيد واري عقيدي سان وابسته آهي.

جڏهن اسان الله جي توحيد ذاتي کي بيان ڪيوسين ۽ اهو واضح ٿيو ته الله پنهنجي ذات ۾ اڪيلو آهي ڪو سندس شريڪ ناهي ۽ نه ئي ڪا اهڙي هستي آهي جيڪا ان جيان هجي، ته پوءِ توحيد خالقيت ۾ ڪنهن به اعتبار سان شڪ نٿو ڪري سگهجي ته هو اڪيلو خالق آهي؛ ڇاڪاڻ ته ان جي ڀيٽ ۾ ان جيان ڪوبه نه آهي جو ان جو شريڪ ٿي سگهي.

۽ اهڙي طرح پڻ اڳ ۾ بيان ٿيو ته الله جي ذات واجب الوجود ذات آهي هڪ اهڙي ذات جيڪا سڀني جي علت آهي باقي سڀ ان جي مخلوق آهن ته پوءِ ان ئي ذات جو اڪيلو حقيقي خالق هجڻ واضح ٿي وڃي ٿو.

### توحيد خالقيت عقلي نگاهه ۾

خدا جي وجود کي ثابت ڪندڙ دليلن مان هڪ دليل جنهن جي تفصيل اڳ ۾ بيان ٿي چڪي آهي، ”برهان امڪان ۽ وجوب“ جو دليل آهي. ان دليل ۾ بيان ڪيوسين ته ڪنهن به موجود شيءِ کي جڏهن پنهنجي وجود سان ڀيٽيو ويندو ته ٻه صورتون نظر اينديون:

(۱) يا اهو وجود ان لاءِ ضروري هوندو، يعني ان جي ذات جي تقاضا اها آهي ته هو هميشه موجود هجي ۽ پنهنجي وجود ۾ غير جو محتاج نه هجي، ان کي واجب الوجود چئبو آهي. ۽ واجب الوجود جي ڪابه علت نه هوندي آهي؛ ڇوته هو پنهنجي وجود ۾ ڪنهن جو محتاج نه آهي.

(۲) يا اها شيءِ پنهنجي ذات ۾ جي لحاظ کان، پنهنجي وجود ۾ ٻئي جي محتاج هوندي آهي، سو اهڙي قسم جي هر شيءِ کي ممڪن الوجود چئبو آهي ۽ اها هميشه هڪ علت ۽ سبب جي محتاج رهندي آهي جيڪو ڪيس وجود عنايت ڪري. ۽ اهڙي شيءِ مٿان امڪان جهڙي صفت جو ٺپو لڳل آهي جيڪو ڪڏهن به ڪانئس جدا نٿو ٿي سگهي، تنهن ڪري جيڪڏهن ممڪن الوجود نالي ڪابه شيءِ وجود ۾ ايندي آهي ته تڏهن به ان جي ذات پنهنجي امڪان واري صفت تي قائم آهي؛ يعني: هي شيءِ پنهنجي وجود ۾ مستقل ناهي ان جو وجود ان جي علت ۽ ان جي خالق سان جڙيل ۽ وابسته آهي.[6] بلڪ هميشه پنهنجي بقاء لاءِ علت جي محتاج رهي ٿي.

پوءِ جڏهن الله جي ذات کان سواءِ ٻي پوري مخلوق ممڪن الوجود آهي جنهن کي الله وجود ڏنو آهي ۽ ان مخلوق جو وجود، الله جي ذات سان ئي وابسته ۽ جڙيل آهي ڪنهن به لحاظ کان مستقل ناهي ته پوءِ ان جو فعل، اثر ۽ ڪم پڻ الله جي ذات سان ئي وابسته رهندو، ان اعتبار سان الله کان سواءِ عقلي لحاظ کان، ڪنهن به ٻئي خالق جو تصور ئي ممڪن ناهي جيڪو پنهنجي خالقيت ۾ مستقل هجي.

پر ان ڳالھ ڏانھن پڻ ڌيان رھي تہ: جيڪڏھن مخلوقات مان ڪو ڪنھن شيء ڪي خلق ڪري ٿو تہ ان جي اھا تخليق، الله جي خالقيت ۾ واحد ھجڻ واري نظريي سان ٽڪراءُ نٿي رکي؛ ڇاڪاڻ تہ ٻين جي تخليق الله جي خالقيت جي ڀيٽ ۾ ان جي برابر ۾ ناھي بلڪ الله جي ارادي ۽ مشيت جي تسلسل ھيٺ ۽ ان جي پٺيان ۾ آھي.

## توحيد خالقيت قرآن ۽ حديث ۾

قرآن مجيد ۾ پڻ ڪيترين ئي آيتن ۾ الله جي ان توحيد خالقيت کي بيان ڪيو ويو آھي، نموني طور ڪجھ آيتن کي ھيٺ بيان ڪجي ٿو:

﴿ذَلِكُمُ اللهُ رَبُّكُمْ لا إِلَـهَ إِلاَّ هُوَ خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ﴾ [7]

اھو اوھان جو پالڻھار آھي، اُن ڪانسواءِ ڪو عبادت جو لائق نہ آھي، ھو ھر شيءِ کي خلق ڪندڙ آھي.

﴿هَلْ مِنْ خَالِقٍ غَيْرُ اللهِ يَرْزُقُكُم مِّنَ السَّمَاء وَالأَرْضِ﴾ [8]

ڇا الله ڪانسواءِ ڪو خلق ڪندڙ آھي؟ جيڪو آسمان ۽ زمين مان اوھان کي روزي ڏئي ٿو.

﴿أَلاَ لَهُ الْخَلْقُ وَالأَمْرُ﴾ [9]

آگاھ رھو تہ خلقت ۽ امر ان جو ئي آھي.

﴿وَهُوَ الَّذِي خَلَقَ السَّمَاوَاتِ وَالأَرْضَ بِالْحَقِّ﴾ [10]

۽ اُھو ئي آھي جنھن آسمانن ۽ زمين کي رِٿ سان بڻايو آھي.

انھن آيتن جي اعتبار سان، جڏھن قرآن جي نگاھ سان خالقيت رڳو الله جي ذات سان مخصوص آھي تہ پوءِ ٻيو ڪوبہ ڪا شيءِ مستقل حيثيت سان خلق نٿو ڪري سگھي، جيئن تہ ارشاد ٿيو:

﴿إِنَّ الَّذِينَ تَدْعُونَ مِن دُونِ اللهِ لَن يَخْلُقُوا ذُبَابًا وَلَوِ اجْتَمَعُوا لَهُ﴾ [11]

بيشڪ الله ڪانسواءِ جن کي پڪاريندا آھيو سي ڪا مَک پيدا نہ ڪندا آھن جيتوڻيڪ اُن (جي بڻائڻ) لاءِ گھڻا گڏ ٿين.

۽ الله جي ذات جھڙيءَ طرح مخلوق جي وجود کي خلق ڪندڙ آھي اھڙيءَ طرح ان جي بقاء جو پڻ سبب آھي، ارشاد آھي:

﴿اللهُ خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ وَكِيلٌ﴾ [12]

الله (ئي) سڀ ڪنھن شيءِ جو خلقيندڙ آھي، ۽ اُھو سڀ ڪنھن شيءِ جي سنڀال ڪندڙ آھي.

يعني ھر شيءِ پنھنجي وجود اچڻ ۾ ۽ اھڙيءَ طرح پنھنجي باقي رھڻ ۾ الله جي محتاج آھي.[13] علامہ طباطبائي متين آيت جي ھن جملي: «وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ وَكِيلٌ» جي معنيٰ ڪندي لکن ٿا:

ھو ھر شيءِ کي وجود بخشيندڙ آھي ۽ مڙني ڪمن جي تدبير ان وٽ ئي آھي، ۽ ھو ئي ان جي وجود ۽ حيات (بقاء) کي نظم بخشيندڙ آھي.[14]

اھڙيءَ طرح ڪيتريون ئي ٻيون آيتون آھن جن ۾ ڪن خاص شين جھڙوڪ: انسان،[15] ڏينھن رات، سج ۽ چنڊ،[16] جانور ۽ حيوان،[17] جن[18] وغيره جو خالق رب جي ذات کي ڄاڻايو ويو آھي.

احاديث ۾ پڻ ذڪر ٿيو آھي:

امام عليؑ فرمائن ٿا:

«الحمد لله خلق الخلائق بقدرتہ» [19]

سڀ ساراھون الله لاءِ جنھن مخلوقات کي سندس قدرت سان خلق خليو.

۽ پڻ فرمايائون:

«الحمد لله خالق العباد» [20]

سڀ ساراھون الله لاءِ جنھن مڙني ٻانھن کي خلق ڪيو.

پھرئين جملي ۾ امامؑ جن پوري خلقت کي الله جي نسبت قدرت ڏانھن ڏين ٿا ۽ ٻئي جملي ۾ تمام ٻانھن جي خلقت جي نسبت الله ڏانھن ڏين ٿا.

## ڌيان طلب ڳالھ

پر ان ڳالھ ڏانھن پڻ ڌيان رھي تہ: جيڪڏھن مخلوقات مان ڪو ڪنھن شيءِ کي خلق ڪري ٿو تہ ان جي اھا تخليق، الله جي خالقيت ۾ واحد ھجڻ واري نظريي سان ٽڪراءُ نٿي رکي؛ ڇاڪاڻ تہ ٻين جي تخليق الله جي خالقيت جي ڀيٽ ۾ ان جي برابر ۾ ناھي بلڪ الله جي ارادي ۽ مشيت جي تسلسل ھيٺ ۽ ان جي پٺيان آھي. يعني جوتہ الله ٻين سيني کي خلق ڪيو آھي ۽ انھن جو ڪو بہ ڪم خدا جي ئي تڪويني ارادي ۽ مشيت سان وجود ۾ اچي ٿو تہ پوءِ اھي پنھنجي اھڙن تخليق جي ڪمن ۾ پڻ مستقل ڪونہ سڏيا ويندا. جيئن تہ ارشاد آھي:

﴿أَفَرَأَيْتُم مَّا تُمْنُونَ. أَأَنتُمْ تَخْلُقُونَهُ أَمْ نَحْنُ الْخَالِقُونَ﴾ [21]

ڇا (گھروارين جي رحم ۾) جيڪا مني ھاريو ٿا تنھن

ڏانهن ڏيان ڪيو اٿو؟ ڇا توهان ان کي خلق ڪيو ٿا؟ يا اسين خلق ڪندڙ آهيون؟

۽ جيڪڏهن ڪجھ آيتن ۾ جيڪڏهن خلقڻ واري مسئلي کي ڪنهن انسان جهڙوڪ: حضرت عيسىٰ ڏانهن نسبت ڏني وئي آهي تہ اهو بہ الله جي اذن، مشيت ۽ ارادي سان آهي، جيئن تہ ارشاد ٿيو:

﴿وَإِذْ تَخْلُقُ مِنَ الطِّينِ كَهَيْئَةِ الطَّيْرِ بِإِذْنِي فَتَنفُخُ فِيهَا فَتَكُونُ طَيْرًا بِإِذْنِي﴾ [22]

۽ جڏهن منهنجي حڪم سان مٽيءَ مان پکيءَ جي شڪل جهڙو بڻايئي پوءِ منجهس ڦوڪيئي تہ مُنهنجي حڪم سان پکي ٿيو.

نتيجو اهو نڪتو تہ خالقيت ۾ توحيد جو مطلب اهو آهي تہ هن سنسار کي جوڙيندڙ ذات فقط الله جي ذات آهي، جنهن جو سندس خلقڻ ۾ ڪوبہ شريڪ ناهي، جيڪڏهن خلقڻ کي ڪنهن ٻئي ڏانهن نسبت ڏني وئي آهي تہ اها بہ مستقل معنىٰ جي لحاظ کان نہ بلڪہ الله جي اذن ۽ ارادي سان لاڳاپيل آهي.

## حوالا:

1. محمد سعيدي مهر، آموزش ڪلام اسلامي، ج ۱، ص ۱۰۱.
2. جنهن جي تفصيل علم ڪلام ۾ اعجاز ۽ معجزي جي بحث ۾ ڏسي سگهو ٿا.
3. تفتازاني، سعد الدين، شرح العقايد النسفية، ص ۱۳۶؛ شرح المقاصد، ص ۲۱۹.
4. عبدالجبار معتزلي، شرح اصول خمسہ، ص ۳۲۳.
5. مصباح يزدي، محمد تقي، آموزش عقايد، ص ۱۳۹.
6. عبد الله جوادي آملي، تبيين براهين اثبات خدا، ص
7. انعام، آيت ۱۰۲.
8. فاطر، آيت ۳.
9. اعراف، ۵٤.
10. انعام، آيت ۷۳.
11. حج، آيت ۷۳.
12. زمر، آيت ٦۲.
13. جوادي آملي، عبد الله، توحيد در قرآن، ص ٤۰۰.
14. الميزان، ج ۷، ص ۳۰۱.
15. نحل،آيت ٤.
16. انبياء، آيت ۳۳.
17. نحل، آيت ۵؛ نور، آيت ٤۵.
18. رحمن، آيت ۱۵.
19. نهج البلاغہ، خطبو، ۱۸۳
20. ساڳيو، خطبو، ۱٦۳.
21. واقعہ، آيت ۵۸ ۽ ۵۹.
22. مائده، آيت ۱۱۰.

حضرت اميرالمؤمنين علي عليہ السلام جي سندن فرزند حضرت امام حسن عليہ السلام کي ڪيل وصيتن منجهان

### هڪ وصيت

هيءَ آهي تہ:

«إِنَّمَا قَلْبُ الْحَدَثِ كَالْأَرْضِ الْخَالِيَةِ مَا أُلْقِيَ فِيهَا مِنْ شَيْءٍ قَبِلَتْهُ فَبَادَرْتُكَ بِالْأَدَبِ قَبْلَ أَنْ يَقْسُوَ قَلْبُكَ وَ يَشْتَغِلَ لُبُّكَ»

يعني:

نوجوان جي دل اهڙي خالي زمين وانگر هوندي آهي، جيڪا ان جي صلاحيت رکي ٿي جو ان ۾ جيڪو بہ ڇٽيو وڃي، تنهن کي هو قبول ڪري ٿي، تنهن ڪري مون تنهنجي دل سخت ٿيڻ ۽ تنهنجو فڪر ٻين ڪمن ۾ مشغول ٿيڻ کان پهرين تربيت ڪرڻ ۾ جلدي ڪئي.

(نهج البلاغہ، خط ۱۳)

سوال و جواب

# نبي پاڪ ﷺ جو زمانو ۽ اسلام جو ڪامل ٿيڻ

تحرير، مولانا **اطهر علي گوپانگ** (مطهري) (ٺري ميرواه)

**سوال: دين اسلام جنهن کي اسان ڪامل دين چئون ٿا سو ڇو شروع کان ئي انسانن لاءِ موڪليو نه ويو ۽ ايتري دير ٿيندي رهي جو آخري نبي ﷺ اچن ۽ ڇو ڪافي صديون گذرڻ کان پوءِ ڪامل دين رڳو نبي پاڪ ﷺ جي زماني ۾ موڪليو ويو؟ اڳين مائٽن کي اسلام جهڙي عظيم دين کان ڇو محروم ڪيو ويو؟ ڇا انهن کي ڪمال تي پهچڻ جو حق نه هيو؟**

**جواب:**

سوال جي جواب لاءِ ڪجهه ڳالهين ڏانهن ڌيان ڏيڻ لازمي آهي:

١. رب سائين جي طرفان جيڪي به آسماني دين آيا آهن انهن ۾ ٽي ڳالهيون مشترڪ آهن، جن ڳالهين جي گهڻي پرچار ڪئي اٿن:

١. خدا تي ايمان ٢. اڳئين جهان ۾ ابدي زندگي تي ايمان. ٣. خدا طرفان انسان جي دنيا ۾ هدايت ۽ آخرت ۾ سعادت لاءِ موڪليل نبين تي ايمان.

دين جي حقيقت هن ۾ آهي ته انسان پنهنجو پاڻ کي خدا جي حوالي ڪري ۽ پنهنجي ڪنهن به قسم جي مرضي نه هلائي بلڪ ان جي هر ان ڳالهه ۾ جيڪا ان جي موڪليل نبين طرفان انسانن تائين پهتي آهي اطاعت ڪري. قرآن ڪڏهن به دين جي لفظ کي اديان جمع جي صورت ۾ ڪتب نه آندو آهي، بلڪ مفرد ئي آندو اٿس جيئن ارشاد ٿئي ٿو: ﴿ان الدين عند الله الاسلام﴾ الله وٽ پسنديده دين اسلام آهي ۽ اسلام جو مطلب آهي پنهنجو پاڻ کي رب آڏو جهڪائي ڇڏڻ. قرآن جو دين کي اسلام چوڻ جو مقصد اهو نه آهي ته هر زماني ۾ آدم عليه السلام کان وٺي خاتم النبيين١ تائين دين هن نالي سان مشهور رهيو آهي، بلڪ مقصد هي آهي ته دين هڪ اهڙي حقيقت جو نالو آهي جنهن لاءِ اسلام جو لفظ چوڻ ئي بهتر آهي.

٢. ٻي ڳالهه جنهن ڏانهن ڌيان ڏيڻ لازمي آهي اها هيءَ آهي ته ڪائنات ۾ جيڪي به انسان آهن جتان جا به رهاڪو هجن امير هجن يا غريب، پڙهيل لکيل هجن يا اڻ پڙهيل، ڪارا هجن يا پورا، ڪهڙي به رنگ ۽ نسل جا مالڪ هجن مڙني جي فطرت ۽ حقيقت هڪ آهي جيڪا تبديل ناهي ٿيڻي. هاڻي ان حالات ۾ دين جي اچڻ جو سبب آهي انسان جي تربيت ڪرڻ ۽ کيس حقيقي سعادت تائين پهچائڻ. تنهن جي ڪري هڪ کان وڌيڪ دين هجڻ جي ضرورت نه آهي: ڇاڪاڻ ته مڙني انسانن جي حقيقت هڪ آهي ۽ اها فطرت آهي جيڪڏهن انسان جي اندر ڪا شيءِ تبديل ٿئي ٿي ته اها رڳو ان جي طبيعت آهي جنهن جي ڪري هن دنيا جي زندگي گذارڻ جون ريتون رسمون طور ۽ طريقا به تبديل ٿين ٿا، نه ته سڀني جي فطرت هڪ آهي، تنهن ڪري انهن جي ان سعادت لاءِ رب سائين جيڪو چاهي ٿو اهو هڪ ئي دين هجڻ جي ضرورت آهي.

٣. جڏهن دين هڪ ئي آهي ته پوءِ موسىٰ عليه السلام جو دين،

هر زماني ۾ اهو ئي ساڳيو دين آيو آهي جنهن جو آخري نبي جي زماني ۾ اسلام نالو پيو.
جيڪو بہ دين جنهن بہ زماني وارن لاءِ الله سائين موڪليو اهو انهن جي لاءِ ڪامل ۽ مڪمل آهي. ڪنهن بہ قسم جي الله سائين انهن جي باري ۾ ڪا ڪسر نہ آهي ڇڏي جو اهو چوڻ جو حق رکندا هجن تہ اسان کي اسلام جهڙي نعمت کان محروم ڇو ڪيو ويو؟

عيسىٰ ؑ جو دين ۽ ابراهيم ؑ جو دين ڇو ٿو ڇيو وڃي؟ ان جو جواب هيءُ آهي تہ جيڪڏهن اهو اختلاف نظر اچي ٿو تہ شريعت جي ڪجهہ ننڍڙن مسئلن ۾ آهي خود دين جي بنيادي اصولن ۾ ڪنهن بہ قسم جو اختلاف نہ آهي؛ ڇاڪاڻ تہ اهو فطرت جي مطابق آهي جيڪا ثابت ۽ هميشہ رهڻ واري آهي.

جنهن جو نتيجو اهو ٿو نڪري تہ پنهنجي پنهنجي زماني ۾ سڀ شريعتون انسان جي تڪامل ۽ سعادت لاءِ بهترين ۽ ڪامل رستو رهيون آهن. تنهن ڪري ان مان ثابت ٿئي ٿو تہ خدائي دين جيڪي بہ آيا آهن انهن ۾ ڪنهن بہ قسم جو اختلاف نہ آهي جيڪڏهن اختلاف آهي تہ بہ اهو ننڍڙن مسئلن ۾ آهي جيڪي زماني ۽ علائقي جي حالات سان مختلف ٿين ٿا. باقي دين ان زماني ۾ بہ ساڳيو ئي رهيو آهي رڳو شريعت جي ننڍڙن مسئلن ۾ ٿورو اختلاف رهيو آهي جنهن جو تعلق زماني ۽ مڪان جي تبديلي سان گڏوگڏ انسان جي طبيعت سان آهي.

انهن ڳالهين جي واضح ٿيڻ کان پوءِ هاڻ اچجي سوال جي جواب تي تہ ڇاجي ڪري پهرين انسانن لاءِ اسلام جيڪو ڪامل دين آهي موڪليو نہ ويو؟،ان ڳالهہ جو سبب ٻہ ڳالهيون آهن:

١. جامع ۽ ڪامل قانون جي حفاظت ڪرڻ لاءِ اڳئين زماني جو انسان تيار نہ هو. جنهن جي تفصيل هن ريت آهي تہ اڳئين زماني وارن ماڻهن ۾ فڪر، عقل ۽ سوچ ايتري ترقي نہ ڪئي هئي جو زندگي جي ڪامل قانون جي حفاظت ڪري سگهن ها. تنهن ڪري گهرج هن ڳالهہ جي هئي تہ نبوت جي سلسلي کي آهستي آهستي هلائڻ سان انسان جي هدايت ۽ سعادت لاءِ نبي ايندا رهن تہ جيئن انسان خدائي ڪامل قانون جي سگهہ پيدا ڪري سگهي.

٢.حالات جي تبديلي: جنهن جو تفصيل هن ريت آهي تہ انسانن جي زندگي جا حالات مختلف سرزمينن ۾ هڪ جهڙا نہ هئا بلڪہ تمام گهڻا مختلف هئا زندگي جي اهڙن لاهن چاڙهن ۾ جيڪڏهن نبي اچي ڪري هزارن جا هزار سال اڳ ۾ ئي هن زماني جا اونها مسئلا ٻڌائي وڃن ها تہ انهن جي ڳالهين کي مذاق سمجهيو وڃي ها تہ هي ڪهڙي قسم جون ڳالهيون ڪري ويو آهي ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي. ٻي ڳالهہ تہ انهن ماڻهن کي انهن ڏسيل ڳالهين جو ڪوبہ قدر نہ ٿئي ها. ان کان علاوه هن زماني تائين جيڪو آخري زمانو آهي انهن قانونن جي حفاظت ڪرڻ بہ مشڪل ٿي وڃي ها.

پر جنهن زماني ۾ اسلام ظاهر ٿيو انسان فڪري حوالي سان ايتري ترقي ڪري چڪو هو جو پهرين ڳالهہ تہ ڪامل ۽ جامع قانون جي حفاظت جي سگهہ رکي پيو. ٻي ڳالهہ تہ نبي اڪرم ﷺ کان بعد ۾ ائمہ ؑ جي رهنمائي سان ۽ انهن کان پوءِ دين جي معرفت رکڻ وارن جي ذريعي دين جي تفسير ڪري سگهي پيو.

**نچوڙ:**

١. هر زماني ۾ اهو ئي ساڳيو دين آيو آهي جنهن جو آخري نبي جي زماني ۾ اسلام نالو پيو.

٢. جيڪو بہ دين جنهن بہ زماني وارن لاءِ الله سائين موڪليو اهو انهن جي لاءِ ڪامل ۽ مڪمل آهي. ڪنهن بہ قسم جي الله سائين انهن جي باري ۾ ڪا ڪسر نہ آهي ڇڏي جو اهو چوڻ جو حق رکندا هجن تہ اسان کي اسلام جهڙي نعمت کان محروم ڇو ڪيو ويو؟

٣. هر نبي جو امتي اگر ان زماني جي دين ۽ شريعت تي عمل ڪري زندگي گذاري ويو آهي تہ اهو ڪنهن بہ ڪمال کان محروم ناهي رهيو؛ ڇاڪاڻ تہ ان الله جي ڏسيل اصولن مطابق زندگي گذاري هي جهان ڇڏيو آهي.

٤. تنهن ڪري اهو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي تہ الله ڪنهن بہ امت کي ڪمال تي پهچڻ کان محروم رکيو هجي ۽ ڪمال رڳو آخري نبي جي امت سان مخصوص هجي.

# تعليمات نهج البلاغه (12)




## انساني ڪمال جا اعلىٰ اصول (حصو ٻيو)

تحرير: مولانا نائب علي رند (ڪميلي) (ٽنڊو غلام علي، بدين)

انسان الله تعالىٰ جي اها مخلوق آهي جنهن کي اشرف المخلوقات جهڙي عظيم عنوان سان ياد ڪيو ويو آهي، جنهن جي ئي آڌار تي خداوند عالم کيس سندس خليفو ڪري چونڊيو ۽ قيامت تائين هادي هجڻ جي ذميواري بہ انسانن مان ڪن منتخب هستين جي حوالي ڪئي وئي. البت ان اشرف المخلوقات واري مقام تائين پهچڻ لاءِ انسان لڳاتار جفاڪشي، محنت ۽ اڻ ٿڪ ڪوشش جو محتاج آهي، تنهن جو مطلب تہ جنهن انسان کي الله سائين فطري طور تي اهو اعزاز عطا ڪيو آهي تہ ان کي ڪمال جي منزلن تائين بہ پهچائي سگهي ٿو، تہ وري ٻئي پاسي خدا نخواستہ جيڪڏهن ڪنهن لغزش جو شڪار ٿي ويو تہ ايترو پست ٿي وڃي ٿو جو «اسفل السالفين» تائين وڃي پهچي ٿو. تنهن ڪري انسان جي ان اعلىٰ معيار کي باقي رکڻ جي لاءِ قرآن ۽ احاديث ۾ مختلف معيار ٻڌايا ويا آهن جن تي هلي انسان «اعلىٰ عليين» جي مقام تي فائز ٿي سگهي ٿو. حضرت امير المومنين علي عليه السلام سندن بي مثال ڪلام ذريعي ان مرتبي تائين پهچڻ لاءِ ڪيترائي اعلىٰ اصول بيان ڪيا آهن. ان سلسلي ۾ اسان «پهرئين حصي» ۾ ان اصولن مان «ادب، آزادي، استقامت (ثابت قدمي) ۽ بلند همتي» تي مختصر وضاحت پيش ڪري چڪا آهيون ۽ هن حصي ۾ انساني ڪمال جي اعلىٰ اصول جي عنوان تحت ڪجهہ ٻين اصولن کي پيش ڪيون ٿا.

### حڪمت

حڪمت جي معنىٰ، مضبوطي، پائيداري، نظريي ۽ عمل ۾ سنئين واٽ تي هجڻ آهي.[1]

فلسفي حضرات حڪمت کي ٻن قسمن ۾ تقسيم ڪيو آهي:

١: حڪمت نظري: جنهن جو مطلب آهي شين جي اهڙي ڄاڻ ۽ پرک پيدا ڪرڻ جيئن ان شيءِ جي حقيقت آهي.

٢: حڪمت عملي: ان جو مطلب آهي انسان اهو ڄاڻي ۽ پرکي تہ سندس اختياري افعال ڪيئن هجڻ گهرجن؟ هيءُ انساني ڪمال جو تمام اعلىٰ اصول آهي جو جيڪڏهن ڪنهن انسان جي اندر اهو اصول (حڪمت) اچي وڃي تہ اهو صحيح نموني سمجهي سگهي ٿو تہ "حڪمت نظري" جو مقصد ۽ هدف ايمان ۽ حڪمت عملي جو مقصد ۽ هدف عمل صالح آهي. صاحبِ حڪمت انسان جي هر شيءِ پنهنجي جاءِ تي صحيح، مضبوط ۽ پائيدار هوندي آهي. حقيقت ۾ ان جو فڪر ۽ عمل اهڙو هوندو آهي جيڪو کيس پاڪيزه زندگي جي طرف وٺي ويندو آهي ۽ کيس عظيم زندگيءَ تي فائز ڪندو آهي. حضرت اميرالمومنين علي عليه السلام انساني زندگيءَ ۾ جيڪو حڪمت جو مقام آهي ان بابت فرمائن ٿا:

«وَاعْلَمُوا أَنَّهُ لَيْسَ مِنْ شَيْءٍ إِلاَّ وَيَكَادُ صَاحِبُهُ يَشْبَعُ مِنْهُ وَيَمَلُّهُ إِلاَّ الْحَيَاةَ فَإِنَّهُ لاَ يَجِدُ فِي الْمَوْتِ رَاحَةً وَإِنَّمَا ذَلِكَ بِمَنْزِلَةِ الْحِكْمَةِ الَّتِي هِيَ حَيَاةٌ لِلْقَلْبِ الْمَيِّتِ وَبَصَرٌ لِلْعَيْنِ الْعَمْيَاءِ وَسَمْعٌ لِلأُذُنِ الصَّمَّاءِ وَرِيٌّ لِلظَّمْآنِ وَفِيهَا الْغِنَى كُلُّهُ وَالسَّلاَمَةُ.»[2]

آگاهہ رهو تہ ڪا بہ اهڙي شيءِ ناهي، جنهن مان انسان سيراب نہ ٿيندو هجي ۽ ان مان ٿڪندو نہ هجي، سواءِ

حڪمت بلند ۽ عظيم زندگيءَ جو بنياد آهي. هر شيءِ فنا ٿيڻ واري آهي ۽ انسان فطري طور تي فنا ٿيندڙ شين کان پري ڀڄندو آهي ۽ هو جاوداني ۽ هميشہ رهڻ جو طالب آهي. جنهن جي ڪري هو هميشہ رهڻ وارين شين سان هميشہ انس رکي ٿو. انسان زندگي جو شيدائي آهي. جڏهن تہ امير بيان جي بيان ۾ حڪمت کي زندگيءَ جو نالو ڏنو ويو آهي. نور چيو ويو آهي. ٻڌڻ جي طاقت ۽ حقيقت جي پياسي لاءِ سيراب ڪندڙ سرچشمي سان ياد ڪيو ويو آهي.

زندگيءَ جي: ڇاڪاڻ تہ انسان موت ۾ آساني نہ محسوس ٿو ڪري. اها (زندگي) حڪمت وانگر آهي جيڪا مرده دل جي (لاءِ) زندگي، انڌي اک جي لاءِ نور، ٻوڙي ڪن لاءِ ٻڌڻ جي طاقت ۽ (حقيقت جي) پياسي شخص کي سيراب ڪندڙ آهي. ان ۾ مڪمل بي نيازي ۽ سلامتي آهي.

حڪمت بلند ۽ عظيم زندگيءَ جو بنياد آهي. هر شيءِ فنا ٿيڻ واري آهي ۽ انسان فطري طور تي فنا ٿيندڙ شين کان پري ڀڄندو آهي ۽ هو جاوداني ۽ هميشہ رهڻ جو طالب آهي، جنهن جي ڪري هو هميشہ رهڻ وارين شين سان هميشہ انس رکي ٿو. انسان زندگي جو شيدائي آهي، جڏهن تہ امير بيان جي بيان ۾ حڪمت کي زندگيءَ جو نالو ڏنو ويو آهي، نور چيو ويو آهي، ٻڌڻ جي طاقت ۽ حقيقت جي پياسي لاءِ سيراب ڪندڙ سرچشمي سان ياد ڪيو ويو آهي. تنهن جو مطلب تہ حڪمت اها شيءِ آهي جيڪا انسان کي سندس فطري تقاضائن جي نزديڪ ڪري ٿي صاحبِ حڪمت انسان جلدي ڪمال تائين پهچي ٿو: ڇاڪاڻ تہ جڏهن انسان جو فڪر ۽ سندس عمل ان رستي تي هلي پوي جيڪو حڪيم پالڻهار مقرر ڪيو آهي تہ اهو انسان تيزي سان پنهنجي مقصد تائين پهچي وڃي ٿو.

تنهن ڪري پاڻ سندن فرزند امام حسن عليه السلام کي زندگيءَ جي طور طريقن جي سِکيا ڏيڻ وقت فرمائن ٿا: «فَأَحْيِ قَلْبَكَ بِالْمَوْعِظَةِ، وَأَمِتْهُ بِالزُّهْدِ، وَقَوِّهِ بِالْيَقِينِ، وَنَوِّرْهُ بِالْحِكْمَةِ»[٣] يعني: پنهنجي دل کي نصيحت سان زنده ڪر، زُهد سان (ان جي خواهشن کي) مار، يقين سان طاقتور ڪر ۽ حڪمت سان ان کي نوراني بڻاءِ.

جيڪڏهن انسان جي دل حڪمت جي نور کان خالي ٿي وڃي تہ اهو جاهليت واري زندگيءَ گذارڻ لڳي ٿو. جيڪڏهن سندس تربيت حڪمت جي معيارن مطابق نہ ٿئي تہ انسانيت مان نڪري حيوانيت جي زندگي گذارڻ شروع ڪري ٿو. پوءِ اهو دليون هوندي بہ ناهي سمجهندو، اکيون هوندي بہ ناهي ڏسندو، ڪن هوندي بہ ناهي ٻڌندو. جيئن قرآن مجيد اهڙي انسان جي لاءِ ارشاد فرمايو آهي: « لَهُمْ قُلُوبٌ لَا يَفْقَهُونَ بِهَا وَلَهُمْ أَعْيُنٌ لَا يُبْصِرُونَ بِهَا وَلَهُمْ آذَانٌ لَا يَسْمَعُونَ بِهَا »[٤] اهو انسان قرآن جي تعبير مطابق جانورن مثل بلڪ جانورن کان بدتر ٿي ويندو آهي.[٥] حضرت امام علي عليه السلام جاهليت واري زماني جي انسان ڏانهن اشارو ڪندي اهڙي تعبير استعمال ڪئي آهي: «لَمْ يَسْتَضِيئُوا بِأَضْوَاءِ الْحِكْمَةِ وَ لَمْ يَقْدَحُوا بِزِنَادِ الْعُلُومِ الثَّاقِبَةِ فَهُمْ فِي ذَلِكَ كَالْأَنْعَامِ السَّائِمَةِ وَ الصُّخُورِ الْقَاسِيَةِ»[٦] يعني: انهن (جاهليت جي زماني وارن انسانن) حڪمت جي روشنين مان روشني نہ ورتي ۽ علمن جي چمڪندڙ شعلن مان پاڻ کي نوراني نہ ڪيائون، انهيءَ ڪري اهي جهنگ ۾ چرڻ وارن جانورن ۽ سخت پٿرن وانگر هيا. (جنهن جي مٿان ڪا بہ سبزي ڦٽي نہ ٿي سگهي).

حڪمت کان خالي انسان کي جهنگ ۾ چرڻ واري حيوان سان تشبيہ ڏني وئي آهي جنهن جي خاصيت رڳو اها هوندي آهي جو هو رڳو پنهنجي پيٽ جي پالنا ۾ پورو هوندو آهي ان کان سواءِ ان کي ڪنهن جي پرواهہ ناهي هوندي. ڪڏهن تہ هو پنهنجي پيٽ جي پوڄا ۾ ايترو مست ٿي ويندو آهي جو پنهنجي زندگي بہ وڃائي ويهندو آهي. جاهليت واري زماني جي انسان جو مثال بہ ان جانور وارو آهي جيڪو رڳو سندس انانيت ۽ هٺ ڌرمي ۾ ايڏو مست ٿي چڪو هو جو پنهنجي انانيت جي پٺيان اهڙا ڪارناما ڪرڻ کان بہ نہ ڪيٻائيندو هو جنهن تي انسانيت جا لڱ ڪانڊارجي وڃن. اهو ئي سبب آهي جو ان جو فڪر ايترو تہ پست هو جو ڪيس گهر ۾ نياڻي رکڻ جو ڪير طعنو ڏئي ان کان اڳ ۾ ئي پنهنجي جگر جي ٽڪڙي کي زنده زنده دفن ڪرڻ کان نہ ڪيٻائيندو هو: ڇاڪاڻ تہ ان جو اندر حڪمت جي نور کان خالي ٿي چڪو ۽ اهو پٿر کان بہ وڌيڪ سخت ٿي چڪو هو. اهو ئي سبب آهي جو الله تعالىٰ پنهنجي پيغمبر کي جيڪي دعوت جا اصول ٻڌايا ان ۾ پهرين پهرين حڪمت جو ذڪر ڪيو اٿس. ان سلسلي ۾ ارشاد ٿيو:

﴿ادْعُ إِلَىٰ سَبِيلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَالْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ وَجَادِلْهُم

رحمت انساني ڪمال جي اعلیٰ اصولن مان هڪ اصول آهي جيترو انسان ۾ رحمت جا جلوا وڌيڪ پسڻ ۾ ايندا اوترو ئي انسان ۾ الله جي طرفان عطا ٿيل برڪت وڌيڪ جلوه گر ٿيندي. تنهن ڪري حضرت علي؈ فرمائن ٿا: «اِكْتَسَبُوا فِيهَا الرَّحْمَةَ» يعني: انهن (الله جي ولين) هن دنيا ۾ الله جي رحمت کي حاصل ڪيو. الله سائين هن دنيا جو نظام رحمت ۽ مهرباني تي رکيو آهي؛ جيئن ارشاد ٿئي ٿو: ﴿كَتَبَ رَبُّكُمْ عَلَى نَفْسِهِ الرَّحْمَةَ﴾

بِالَّتِي هِيَ أَحْسَنُ﴾ [٧] پنهنجي پالڻهار جي رستي ڏانهن حڪمت، نيڪ نصيحت سان سڏ ۽ سهڻي طريقي سان ساڻن بحث مباحثو ڪر.

حضرت علي؈ هڪ ٻئي مقام تي جاهليت واري زماني جي ان انڌيري کي بيان ڪندي پيغمبر اسلامﷺ جي حڪمت آميز دعوت ڏانهن هن ريت اشارو ڪن ٿا: «بَعَثَهُ وَ النَّاسُ ضُلَّالٌ فِي حَيْرَةٍ وَ حَاطِبُونَ فِي فِتْنَةٍ قَدِ اسْتَهْوَتْهُمُ الْأَهْوَاءُ وَ اسْتَزَلَّتْهُمُ الْكِبْرِيَاءُ وَ اسْتَخَفَّتْهُمُ الْجَاهِلِيَّةُ الْجَهْلَاءُ حَيَارَى فِي زَلْزَالٍ مِنَ الْأَمْرِ وَ بَلَاءٍ مِنَ الْجَهْلِ فَبَالَغَ ص فِي النَّصِيحَةِ وَ مَضَى عَلَى الطَّرِيقَةِ وَ دَعَا إِلَى الْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ» [٨] الله سائين کين ان وقت موڪليو جڏهن ماڻهو حيراني ۽ پريشاني جي عالم ۾ گمراهه ۽ فتني جي رستي تي لڙيل هيا. کين نفساني خواهش وڪوڙي ورتو هو. وڏائي کين لغزش جو شڪار ڪري ڇڏيو هو. جاهلن واري جهالت کين رسوا ڪري ڇڏيو هو. زندگيءَ جي معاملن ۽ جهالت جي مصيبت ۾ حيران ۽ پريشان هيا. ان وقت پاڻﷺ انتهاء درجي جي نصيحت ڪيائون، سڌين واٽ تي هليا ۽ حڪمت ۽ نيڪ نصيحت وسيلي دعوت ڏنائون.

## رحمت (رحم دلي)

عربي لغت ۾ رحمت جي معنیٰ، احسان ۽ بخشش ڪرڻ آهي، يعني: احسان ۽ بخشش هڪ موجود کان ٻئي موجود تائين پهچي. هڪ موجود ٻئي موجود کي سندس مهرباني، بخشش ۽ احسان جي دائري ۾ داخل ڪري. البته انسان جي حوالي سان هڪ ٻي شيءِ به وڏائي بيان ڪئي وئي آهي، اها هيءَ آهي ته انهن سڀني خصلتن سان گڏوگڏ انسان جي دل به نرم هجي؛ يعني: جڏهن چئون ٿا فلاڻو انسان رحمت جو مالڪ (رحم دل) آهي يعني: بخشش ۽ مهرباني کان علاوه ان جي دل به نرم آهي، جنهن جي ڪري ٻين جي مشڪلات آڏو اثر انداز ٿئي ٿو.[٩]

هن مقام تي اسان جيڪو رحمت کي هڪ انساني ڪمال جي اصول طور بيان ڪري رهيا آهيون اتي رحمت مان انهن سڀني صفتن ۽ خصلتن جو مجموعو مراد آهي؛ يعني: انسان انسانيت جي ان مقام تي پهچي جو ٻين کي پنهنجي مهرباني، احسان ۽ بخشش ۾ شامل ڪري ۽ ٻين جي حوالي سان نرم دل جو مالڪ هجي. ان معنیٰ ۾ رحمت انساني ڪمال جي اعلیٰ اصولن مان هڪ اصول آهي جيترو انسان ۾ رحمت جا جلوا وڌيڪ پسڻ ۾ ايندا اوترو ئي انسان ۾ الله جي طرفان عطا ٿيل برڪت وڌيڪ جلوه گر ٿيندي. تنهن ڪري حضرت علي؈ فرمائن ٿا: «اِكْتَسَبُوا فِيهَا الرَّحْمَةَ» [١٠] يعني: انهن (الله جي ولين) هن دنيا ۾ الله جي رحمت کي حاصل ڪيو.

الله سائين هن دنيا جو نظام رحمت ۽ مهرباني تي رکيو آهي؛ جيئن ارشاد ٿئي ٿو: ﴿كَتَبَ رَبُّكُمْ عَلَى نَفْسِهِ الرَّحْمَةَ﴾ [١١] توهان جي پالڻهار رحمت کي پاڻ مٿان مقرر ڪري ڇڏيو آهي.

تنهن ڪري جيڪڏهن ڪمال جو طالب انسان خدائي نظام تي مشتمل جهان ۾ زندگي گذاري ٿو ته ڪيس گهرجي رحمت ۽ مهرباني سان زندگي گذاري. حضرت علي؈ فرمائن ٿا ته: جڏهن پيغمبر اسلامﷺ مون کي يمن جي طرف موڪليو ته فرمايائون: «كُنْ بِالْمُؤْمِنِينَ رَحِيماً» [١٢] مومنن سان مهرباني سان پيش اچجان.

اهڙي ريت حضرت علي؈ جن به حضرت مالڪ اشتر کي جيڪو خط لکيو هو ان ۾ کين مهرباني سان پيش اچڻ جي تاڪيد فرمايائون: «وَ أَشْعِرْ قَلْبَكَ الرَّحْمَةَ لِلرَّعِيَّةِ وَ الْمَحَبَّةَ لَهُمْ وَ اللُّطْفَ بِهِمْ» [١٣] پنهنجي دل کي عوام جي لاءِ رحمت، محبت ۽ مهرباني سان لبريز ڪر.

پاڻ ماڻهن جي معاملن کي سمجهائڻ جي لاءِ رحم دلي ۽ مهرباني کي مرڪزي ڪردار جي حيثيت سان پيش ڪن ٿا: ڇاڪاڻ ته هيءُ اهو وسيلو آهي جنهن سان سرڪش مان سرڪش انسان کي به سڌين واٽ تي اچڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي. ڪيترائي انسان آهن جيڪي فقط مدمقابل جي مهرباني ۽ نرم مزاجي کي ڏسي سندس مذهب کي قبول ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي ويندا آهن. اهو ئي سبب آهي جو پاڻ گناهگار انسان سان به پيش اچڻ لاءِ رحم دلي، نرم مزاجي ۽ مهرباني جو دستور ڏيندي فرمائن ٿا: «وَ

هڪ دفعو ابن ملجم کي ڏنائون تہ عمرو بن معديڪرب جو هيءُ شعر پڙهڻ لڳا، جيڪو هن  قيس بن مڪسوح مرادي جي باري ۾ پڙهيو هو:
آئون ان جي بخشش (يا ان جي زندگي) ٿو چاهيان ۽ هو مون کي قتل ڪرڻ جي پٺيان آهي. تنهنجو بهانو تنهنجي مرادي دوست وٽ ڇا آهي؟

إِنَّمَا يَنْبَغِي لِأَهْلِ الْعِصْمَةِ وَ الْمَصْنُوعِ إِلَيْهِمْ فِي السَّلَامَةِ أَنْ يَرْحَمُوا أَهْلَ الذُّنُوبِ وَ الْمَعْصِيَةِ وَ يَكُونَ الشُّكْرُ هُوَ الْغَالِبَ عَلَيْهِمْ وَ الْحَاجِزَ لَهُمْ عَنْهُم» [١٤] جيڪي ماڻهو گناهن کان آجا آهن کين گهرجي تہ گناهگارن ۽ نافرمانن سان رحم دلي سان پيش اچن ۽ (ان نعمت جي ڪري) شڪر انهن جي مٿان ڇانيل هجي ۽ (اهو شڪر کين) ماڻهن (جا عيب ڪڍڻ) کان کين روڪي رکي.

انسان ۾ رحمت جو ڪمال سندس وجود کي ايترو وسيع ڪري ٿو جو ان جي آڌار تي سيني سان رحم دلي سان پيش اچي ٿو ۽ مهرباني ڪري ٿو. گناهگارن ۽ سندن مخالفن لاءِ بہ دلسوزي ڪري ٿو. ان سان ئي الله جون رحمتون ان انسان جي شاملِ حال ٿين ٿيون ۽ اهو انسان انهن خصلتن جي آڌار تي خدائي صفتن جو ويس سندس روح مٿان پائي ٿو. پيغمبر اسلام ﷺ جن کان پوءِ حضرت علي عليه السلام جن ان حقيقت جا اعليٰ مثالَ هيا: جهڙي ريت تاريخ ۾ ملي ٿو تہ جيتوڻيڪ کين خبر هئي تہ سندن شهادت ابن ملجم جي هٿان ٿيندي. [١٥] ان جي باوجود جڏهن هڪ دفعو ابن ملجم کي ڏنائون تہ عمرو بن معديڪرب جو هيءُ شعر پڙهڻ لڳا، جيڪو هن  قيس بن مڪسوح مرادي جي باري ۾ پڙهيو هو:

«اريد حبائه (حياته) و يريد قتلي»
عذيرک من خليلک من مراد. [١٦]

يعني: آئون ان جي بخشش (يا ان جي زندگي) ٿو چاهيان ۽ هو مون کي قتل ڪرڻ جي پٺيان آهي. تنهنجو بهانو تنهنجي مرادي دوست وٽ ڇا آهي؟

جڏهن کين ابن ملجم ضربت هنئي تہ پاڻ سندس قاتل جي حوالي سان هن ريت وصيت ڪيائون: جيڪڏهن آئون زنده رهيس تہ پنهنجي حق جي حوالي سان سيني کان وڌيڪ آئون پاڻ ئي مناسب آهيان (تہ کيس بخش ڪيان يا ڪانئس بدلو وٺان) ۽ جيڪڏهن مري ويس تہ کيس هڪ ضربت کان وڌيڪ نہ هڻجو. [١٧]

سندن رحم دلي، محبت ۽ مهرباني جو اعليٰ مثال سندن اهو آخري وصيت نامو آهي جنهن ۾ پاڻ امام حسن عليه السلام ۽ امام حسين عليه السلام کي وصيت ڪندي فرمائن ٿا: «يَا بَنِي عَبْدِ الْمُطَّلِبِ لَا أُلْفِيَنَّكُمْ تَخُوضُونَ دِمَاءَ الْمُسْلِمِينَ خَوْضاً تَقُولُونَ قُتِلَ أَمِيرُ الْمُؤْمِنِينَ [قُتِلَ أَمِيرُ الْمُؤْمِنِينَ] أَلَا لَا تَقْتُلُنَّ بِي إِلَّا قَاتِلِي انْظُرُوا إِذَا أَنَا مِتُّ مِنْ ضَرْبَتِهِ هَذِهِ فَاضْرِبُوهُ ضَرْبَةً بِضَرْبَةٍ وَ لَا تُمَثِّلُوا بِالرَّجُلِ فَإِنِّي سَمِعْتُ رَسُولَ اللَّهِ ص يَقُولُ إِيَّاكُمْ وَ الْمُثْلَةَ وَ لَوْ بِالْكَلْبِ الْعَقُور» [١٨]

اي عبدالمطلب جي اولاد! آئون توهان کان هرگز ان ڳالھ کي پسند نہ ٿو ڪيان جو توهان مسلمانن جي خونن ۾ بلڪل غرق ٿي وڃو. (انهن جي خون سان پنهنجا هٿ آلوده ڪيو) اهو چئو تہ: امير المومنين کي قتل ڪيو ويو آهي. (تنهن ڪري اسان سيني کان بدلو وٺنداسين). خبردار! منهنجي قاتل کان سواءِ ڪنهن کي بہ قتل نہ ڪجو. ڏسو جيڪڏهن هن ضربت سان هن دنيا مان هليو وڃان تہ کيس هڪ ئي ضربت هڻجو. ان جي هٿن، پيرن ۽ ٻين عضون کي ٽڪرا ٽڪرا نہ ڪجو؛ ڇاڪاڻ تہ رسول الله ﷺ جن کان ٻڌم تہ پاڻ فرمايائون: ڪنهن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري مارڻ کان پاسو ڪيو، پوءِ ڇاهي اهو ڇتو ڪتو ئي ڇو نہ هجي.

## شجاعت

شجاعت انهن انساني ڪمالن منجهان آهي جنهن کان بغير ڪڏهن بہ انسان عزت ڀري زندگي نہ ٿو گذاري سگهي. ماڻ ڀري زندگي شجاعت جي اصول تي ئي ٻيٺل آهي؛ اهڙي ريت جو ان خصلت جي نہ هجڻ يا گهٽجي وڃڻ سان انساني معاشرو تباهي جو شڪار ٿي وڃي ٿو. شجاعت هڪ اهڙو ڪمال آهي جنهن سان انسان جي اندر هڪ اهڙي حالت وجود ۾ اچي ٿي جنهن سان هو خوف جي مٿان غلبو حاصل ڪندو آهي ۽ بزدلي تي ڪنٽرول ڪندو آهي. جيستائين ڪنهن ڪم بابت انسان جي اندر خوف ۽ هراس واري صورتحال پاتي ويندي آهي، تيستائين اهو ڪمال جي طرف پرواز نہ ٿو ڪري سگهي. شجاعت هڪ اهڙو ڪمال آهي جيڪو انسان کي چڱي عمل ڏانهن قدم

> شجاعت اهڙي خصلت آهي جنهن سان انسان اجاين وهمن ۽ خيالن تي ڪنٽرول ڪري ٿو. ان سان گڏوگڏ اهو به سمجهڻ گهرجي ته شجاعت جو مطلب آهي انسان کي جتي رڪجڻ گهرجي اتي رڪجي وڃي، صبر جو مظاهرو ڪري، حق جي رستي تي ثابت قدم ٿيڻ، ان کي صبر ۽ حوصلي سان قبول ڪرڻ، الله جي راهه ۾ جهاد، ڪمال حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪوشش ڪرڻ، هر ڳالهه کي پنهنجي مقام تي زبان تي آڻڻ ۽ ڪنهن مقام تي پنهنجي زبان تي ڪنٽرول ڪرڻ ... اهي سڀ ڳالهيون شجاعت جون محتاج آهن.

ڪٽڻ ۽ ان تي پائيدار رهڻ تي آماده ڪندو آهي. حضرت امير المومنين علي عليه السلام ان سلسلي ۾ فرمائن ٿا: «إِذَا هِبْتَ أَمْراً فَقَعْ فِيهِ فَإِنَّ شِدَّةَ تَوَقِّيهِ أَعْظَمُ مِمَّا تَخَافُ مِنْهُ»[19] جڏهن ڪنهن ڪم کان ڊڄين ته ان ۾ قدم رک؛ ڇاڪاڻ ته ان کي سخت سمجهڻ ان کان وڌيڪ برو آهي جو ان کان خوف کائين (۽ ان کي انجام نه ڏين).

شجاعت اهڙي خصلت آهي جنهن سان انسان اجاين وهمن ۽ خيالن تي ڪنٽرول ڪري ٿو. ان سان گڏوگڏ اهو به سمجهڻ گهرجي ته شجاعت جو مطلب آهي انسان کي جتي رڪجڻ گهرجي اتي رڪجي وڃي، صبر جو مظاهرو ڪري. حق جي رستي تي ثابت قدم ٿيڻ، ان کي صبر ۽ حوصلي سان قبول ڪرڻ، الله جي راهه ۾ جهاد، ڪمال حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪوشش ڪرڻ، هر ڳالهه کي پنهنجي مقام تي زبان تي آڻڻ ۽ ڪنهن مقام تي پنهنجي زبان تي ڪنٽرول ڪرڻ، ماڻهن سان مختلف موقعن تي مخلتف اندازن سان پيش اچڻ اهي سڀ ڳالهيون شجاعت جون محتاج آهن. ان جو مطلب ته شجاعت رڳو جنگ جي ميدان ۾ دشمن آڏو ڄمي وڙهڻ جو نالو ناهي، بلڪ هيءُ هڪ وسيع مفهوم آهي جنهن جي هر ميدان تي ضرورت آهي. امام علي عليه السلام سڀ کان وڌيڪ شجاع ۽ بهادر انسان جي لاءِ هي لفظ استعمال ٿا ڪن: «أَشْجَعُ النَّاسِ مَنْ غَلَبَ الْجَهْلَ بِالْحِلْم»[20] سيني کان وڌيڪ شجاع ۽ بهادر انسان اهو آهي جيڪو بردباري جي ذريعي جهالت ۽ ناداني تي غالب اچي وڃي. جهڙي ريت هڪ ٻئي مقام تي پاڻ صبر کي شجاعت جو نالو ڏيندي فرمائن ٿا: «الصَّبْرُ شَجَاعَة»[21] صبر شجاعت آهي.

شجاعت انسان جي قدر ۽ منزلت کي سڃاڻڻ جو بهترين معيار آهي؛ ڇاڪاڻ ته شجاعت انسان جي زندگيءَ جي سخت مرحلن ۾ ان جي ڪردار کي عڪاسي ڪري ٿي. شجاعت اهو گوهر آهي جيڪو انسان کي ڪو به اجايو ۽ مصلحت کان خالي قدم کڻڻ کان روڪي ٿو. انسان جي ترقي ۽ لاءِ ميدان فراهم ڪري ٿو. امام علي عليه السلام جن جي زندگي پڻ شجاعت جهڙي انساني ڪمال کي سڃاڻڻ جي لاءِ بهترين نمونہ عمل آهي. پاڻ سندن پوري زندگيءَ ۾ جتي به ڪو قدم کڻندو هوندو هو، ان کان ڪڏهن به نه ڪيٻائيندا هيا ۽ پوري شجاعت سان اهو ڪم انجام ڏيندا هيا. ابن ابي الحديد معتزلي سندن شجاعت بابت لکي ٿو: سندن شجاعت اهڙي هئي جو پاڻ کان پهرين جيڪي به شجاع ۽ بهادر انسان هيا، انهن جو ذڪر ئي ختم ٿي ويو ۽ ڪائنن پوءِ به جيڪي شجاع ۽ بهادر آيندا انهن جو ذڪر به سندن ذڪر جي ڪري مٽجي ويو. هر بهادر جي بهادري وٽن ختم ٿئي ٿي ۽ شجاعت جي ميدان ۾ مشرق توڙي مغرب ۾ سندن نالو ئي ورتو وڃي ٿو.[22]

حضرت علي عليه السلام سندن شجاعت جي باري ۾ فرمائن ٿا: «وَ ايْمُ اللهِ لَقَدْ كُنْتُ مِنْ سَاقَتِهَا حَتَّى تَوَلَّتْ بِحَذَافِيرِهَا وَ اسْتَوْسَقَتْ فِي قِيَادِهَا مَا ضَعُفْتُ وَ لَا جَبُنْتُ وَ لَا خُنْتُ وَ لَا وَهَنْت».[23]

الله جو قسم! آئون اسلام جي لشڪر اڳيان هوندو هيس ۽ ڪفر جي لشڪر کي پوئتي ڌڪيندو رهيس ايستائين جو سڀ جا سڀ پوئتي ڌڪجي ويا ۽ اسلام جي پرچم هيٺ اچي ويا. ان رستي تي ڪڏهن به ڪمزور نه ٿيس، بزدلي نه ڏيکاريم، خيانت نه ڪيم ۽ ڪا سستي نه ڪيم.

سندن نگاهه ۾ جنگ جي ميدان ۾ وڏي کان وڏي بهادر جي اها نشاني آهي ۽ جتي وري شجاعت جي تقاضا صبر ۽ بردباري هجي ته اتي به پاڻ وڏي شجاعت جو مظاهرو ڪيائون جيئن پيغمبر اسلام صلي الله عليه وآله وسلم جي وفات کان پوءِ سقيفي جي مسئلي ۾ جنهن صبر ۽ بردباري جو مظاهرو ڪيائون اهو وقت جي نزاڪت کي نظر ۾ رکندي سندن شجاعت جو بهترين مثال آهي. پاڻ ان حالات ۾ سندن صبر ۽ بردباري سان جهڙي طريقي اسلامي اتحاد جي حفاظت ڪيائون اهو هر مسلمان جي لاءِ نمونہ عمل آهي. پاڻ ان سلسلي ۾ فرمائن ٿا: «فَإِنْ أَقُلْ يَقُولُوا حَرَصَ عَلَى الْمُلْكِ وَ إِنْ أَسْكُتْ يَقُولُوا جَزِعَ مِنَ الْمَوْتِ هَيْهَاتَ بَعْدَ اللَّتَيَّا وَ الَّتِي وَ اللهِ لَابْنُ أَبِي طَالِبٍ آنَسُ بِالْمَوْتِ مِنَ الطِّفْلِ بِثَدْيِ أُمِّهِ».[24]

جيڪڏهن ڳالهيان ٿو ته چون ٿا: حڪومت جي لالچ

شجاعت سالم زندگي جي لاءِ انسان جي بهترين مددگار آهي. حضرت عليؑ ان سلسلي ۾ فرمائن ٿا: «الشَّجَاعَةُ نُصْرَةٌ حَاضِرَةٌ وَ فَضِيلَةٌ ظَاهِرَة» شجاعت حاضر ۽ آماده مدد آهي ۽ پڌري فضيلت آهي.
اها شجاعت آهي جيڪا انسان کي وقت جي تقاضائن مطابق مختلف ميدانن تي اهڙو قدم کڻڻ تي آماده ڪندي آهي جيڪو ڪيس ڪمال تائين پهچائڻ لاءِ ميدان فراهم ڪري ٿو.

اٿس ۽ جيڪڏهن خاموش ٿي ويهان ٿو ته چون ٿا: موت جو خوف اٿس. هيڏن معاملن (جنگين) کان پوءِ به (آئون موت کان ٿو ڊڄان!!) الله جو قسم ابوطالب جو فرزند موت سان ائين مانوس آهي جيئن کير پياڪ ٻار ماءُ جي پستان سان مانوس هوندو آهي.

پاڻ سندن حڪومت جي دوران پڻ جڏهن مختلف سرڪش ٽولا سندن عدالت جي سامهون اٽڪي بيهي رهيا ته به پاڻ وڏي شجاعت سان عدالت جي پابندي ڪندا رهيا ۽ ان سلسلي ۾ فرمايائون: «لَوْ تَظَاهَرَتِ الْعَرَبُ عَلَى قِتَالِي لَمَا وَلَّيْتُ عَنْهَا»[25] الله جو قسم جيڪڏهن سيئي عرب مون سان جنگ جوٽي هڪٻئي جي مدد ڪن ته به انهن کان فرار نه ڪندس.

شجاعت سالم زندگي جي لاءِ انسان جي بهترين مددگار آهي. حضرت عليؑ ان سلسلي ۾ فرمائن ٿا: «الشَّجَاعَةُ نُصْرَةٌ حَاضِرَةٌ وَ فَضِيلَةٌ ظَاهِرَةٌ»[26] شجاعت حاضر ۽ آماده مدد آهي ۽ پڌري فضيلت آهي.

اها شجاعت آهي جيڪا انسان کي وقت جي تقاضائن مطابق مختلف ميدانن تي اهڙو قدم کڻڻ تي آماده ڪندي آهي جيڪو ڪيس ڪمال تائين پهچائڻ لاءِ ميدان فراهم ڪري ٿو.

**حوالا:**


١. فرهنگ لغات و اصطلاحات و تعبيرات عرفاني، سيد جعفر سجادي، ص ١٧٧_١٧٩.
٢. نهج البلاغه، خطبو ١٣٣.
٣. نهج البلاغه، خط ٣١.
٤. سورت اعراف، آيت ١٧٩.
٥. سورت اعراف، آيت ١٧٩.
٦. نهج البلاغه، خطبو ١٠٨.
٧. سورت نحل، آيت ١٢٥.
٨. نهج البلاغه، خطبو ٩٥.
٩. معجم مقاييس اللغة، احمد بن فارس، ج ٢، ص٤٩٨؛ لسان العرب، ابن منظور ج ٥، ص١٧٣_١٧٥.
١٠. نهج البلاغه، حڪمت ١٣١.
١١. سورت انعام، آيت ٥٤.
١٢. نهج البلاغه، خط ٥٣.
١٣. نهج البلاغه، خط ٥٣.
١٤. نهج البلاغه، خطبو ١٤٠.
١٥. مقتل امير المومنين علي بن ابيطالب، عبيد ابن ابي الدنيا، ص٤١.
١٦. الطبقات الڪبرىٰ، ج ٣، ص ٣٤.
١٧. ڪشف الغمة في معرفة الائمة، ج ١، ص٢٦١.
١٨. نهج البلاغه، خط ٤٧.
١٩. نهج البلاغه، حڪمت ١٧٥.
٢٠. شرح غرر الحڪم، ج ٢، ص٤٥٠.
٢١. نهج البلاغه، حڪمت ٤.
٢٢. شرح نهج البلاغه، ج ١، ص ٢٠(٢١.
٢٣. نهج البلاغه، خطبو، ١٤.
٢٤. نهج البلاغه، خطبو ٥.
٢٥. نهج البلاغه، خط ٤٥.
٢٦. شرح غرر الحڪم، ج ٢، ص٣٠.



# خدا ۽ انسان جي درميان جو رابطو

## دعاء عرفه جي روشني ۾

تحرير: مولانا غلام قاسم چانڊيو (تسنيمي) (ڪوٽڙي)

انسان هميشه کان ڄاڻي ٿو ته هو هڪ ضعيف مخلوق آهي، مختلف قسم جي پريشانين ۽ ڪائنات جي حادثن آڏو بيوس ۽ لاچار آهي تنهنڪري ڪري ڪيس اهڙي سهاري جي ضرورت آهي جيڪو سيني کان وڏيڪ سگهارو، قدرتمند، بي نياز ۽ مٿانهون هجي. دعا جي حقيقت اها ئي آهي ته انسان ان لم يزل ولا يزال پالڻهار کان سوال ڪري جنهن وٽ هر شيء آهي جڏهن ته سندس غير وٽ ڪجهه به نه آهي.

دعا ۾ جيڪا شيء اهميت واري آهي اها هيء آهي ته انسان پنهنجي محتاجي ۽ الله سائين جي بي نيازي کي سمجهي؛ يعني: دعا ۾ انسان کي «خود شناسي» ۽ «خدا شناسي» جو سبق ملي ٿو. خود شناسي يعني: انسان اهو سمجهي ته هو نه پنهنجي نفعي جو مالڪ آهي ۽ نه نقصان جو «لا اَملِكُ لِنَفسي نفعاً وَلا ضرّاً»[1] خدا شناسي مان مراد اها آهي ته انسان اهو سمجهي ته سيني نيڪين ۽ ڀلاين جو سرچشمو الله سائين جي ذات آهي ۽ انسان اندر اهو احساس جيترو مضبوط ٿيندو ايترو سندس پالڻهار سان رابطو پائيدار ٿيندو.

ائمه عليهم السلام کان منقول دعائن جو معرفت ڀريو درس اهو ئي آهي، ڪائنن نقل ٿيل دعائون رازن ۽ اسرارن جو ڀنڊار ۽ مجموعو آهن، جن ۾ انسان ۽ خدا جي رابطي بابت ڪيترين ئي حقيقتن کي بيان ڪيو ويو آهي. اسان هن مختصر لکڻي ۾، امام حسينؑ ۽ امام سجادؑ جي دعا عرفه جي روشني ۾ انسان ۽ خدا جي رابطي کي واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين. اها دعا ۹ ذو الحج تي پڙهي ويندي آهي، خاص طور تي حج جو شرف ماڻيندڙ حاجي سڳورا عرفات جي ميدان تي ان کي پڙهندا آهن.

### ١. عابد ۽ معبود وارو رابطو

عام انسان پنهنجي روزانه جي زندگي ۾ اها خواهش رکندا آهن ته ڪنهن وڏي عهدي واري وٽ ڪا حيثيت ٺائين، ان سان اچ وڃ رکن ۽ سانس دعا سلام جو رستو برقرار رهي. جڏهن ته مخلوق مان ڪو به ڪنهن به شيء جو حقيقي مالڪ نه آهي ۽ نه ئي ڪو ذاتي طور تي ڪنهن عهدي جي لائق ئي آهي، جنهن وٽ جيڪو به آهي اهو مٿس رب جو فيض ۽ ڪرم آهي. تنهنڪري اهڙي رب سان بندگي جو رابطو هڪ انمول حقيقت آهي.

بندگي ۽ عبادت ڪندڙ کي عابد، جڏهن ته جنهن جي بندگي ڪئي وڃي ان کي معبود چيو ويندو آهي. بيشڪ بي نياز رب جي بندگي ۽ سندس آڏو نوڙت مان جهڪي سجدو ڪرڻ هڪ عظيم شرف آهي، جيڪو خوش قسمت ماڻهن کي ئي نصيب ٿيندو آهي؛ ڇو جو حديث قدسي ۾ لائقِ عبادت معبودِ بر حق جو فرمان آهي ته جڏهن مان ڪنهن تي ناراض ٿيندو آهيان ته ڪائنس پنهنجي ذڪر جي مناس ڪسي ڇڏيندو آهيان. مطلب ته عبادت جو انمول گوهر به ان کي عطا ٿيندو جنهن جي چونڊ خود خدا ڪري.

عبادت ۽ بندگي جي اهميت

قرآن پاڪ جي ڪيترين آيتن ۽ مختلف حديثن ۾ انسان جي تخليق جو هڪ مقصد عبادت ۽ بندگي بيان ڪيو ويو آهي: ﴿وَمـا خَلَقْـتُ الْجِـنَّ وَالإِنْـسَ إلاَّ لِيَعْبُـدُون﴾[2] ۽ مون جنن ۽ انسانن کي رڳو هن لاء پيدا ڪيو آهي ته منهنجي عبادت ڪن.

عبادت لغت ۾ اطاعت ۽ بندگي کي چوندا آهن جڏهن

دعا کي هک عبادت بلک عبادت جو مغز کوٺيو ويو آهي، الدعاءُ مخ العبادة. دعا عبادت جو مرکز ۽ روح آهي. ان بنياد تي دعا، عبد کي معبود سان ملائي ٿي، دعا وسيلي عبد پنهنجي عاجزي ۽ معبود جي بي نيازي کي سهڻي نموني پرکي سگهي ٿو. امام سجادؑ جي دعاءِ عرفہ ۾ آهي تہ: پالڻهار! مان ئي تنهنجو اهو ٻانهو آهيان جنهن کي پيدا ڪرڻ کان اڳ ۽ پوءِ نعمتون عطا ڪيئي ...

تہ اصطلاح ۾ الله سائين جي حڪم جو خيال رکڻ ۽ سندس اطاعت ڪرڻ کي چئبو آهي. عبادت جي اهميت لاءِ ايترو ئي ڪافي اهي جو پاڪ پالڻهار عبادت ۽ بندگي کي پرهيزگاري ۽ پنهنجي قرب ۽ ويجهي ٿيڻ جو سبب ڄاڻايو آهي: ﴿يـا أَيُّهَـا النّـاسُ اعْبُـدُوا رَبَّكُـمُ الَّذي خَلَقَكُـمْ وَ الَّذيـنَ مِـنْ قَبْلِكُـمْ لَعَلَّكُـمْ تَتَّقُـونَ﴾[3] اي انسانو! پنهنجي پالڻهار جي بندگي ڪريو جنهن اوهان کي ۽ انهن کي جيڪي اوهان کان اڳ هئا پيدا ڪيو آهي، من اوهين پرهيزگار ٿيو.

دعا کي هک عبادت بلک عبادت جو مغز کوٺيو ويو آهي، الدعاءُ مخ العبادة. دعا عبادت جو مرکز ۽ روح آهي. ان بنياد تي دعا، عبد کي معبود سان ملائي ٿي، دعا وسيلي عبد پنهنجي عاجزي ۽ معبود جي بي نيازي کي سهڻي نموني پرکي سگهي ٿو.

امام سجادؑ جي دعاءِ عرفہ ۾ آهي تہ:

اَللَّهُـمَّ وَ أَنَـا عَبْـدُکَ الَّذِی أَنْعَمْـتَ عَلَيْـهِ قَبْـلَ خَلْقِـکَ لَهُ وَ بَعْـدَ خَلْقِـکَ إِيَّـاهُ، فَجَعَلْتَـهُ مِمَّـنْ هَدَيْتَـهُ لِدِينِـکَ، وَ وَفَّقْتَـهُ لِحَقِّـکَ.

پالڻهار! مان ئي تنهنجو اهو ٻانهو آهيان جنهن کي پيدا ڪرڻ کان اڳ ۽ پوءِ نعمتون عطا ڪيئي. جنهن کي تو انهن ۾ شمار ڪيو جن کي دين ڏانهن هدايت ڪيئي، جنهن کي تو پنهنجي حق جي توفيق ڏني.

امام حسينؑ جي دعاءِ عرفہ ۾ آهي تہ:

أَنْـتَ الَّذِی مَنَنْـتَ، أَنْـتَ الَّذِی أَنْعَمْـتَ، أَنْـتَ الَّذِی أَحْسَـنْتَ، أَنْـتَ الَّذِی أَجْمَلْـتَ.

اي منهنجا مالک تون اهو آهين جنهن احسان ڪيا. جنهن نعمتون ڏنيون ۽ ڀلائي ڪيئي. تون اهو آهين جنهن مون کي سٺو ڄاتو.

## ٢. آمر ۽ ماموروارو رابطو

آمر يعني: حڪم ڏيڻ وارو، مامور يعني: جنهن کي حڪم ڏنو وڃي. ان ۾ ڪو شک نہ آهي تہ الله سائين حڪيم آهي ۽ سندس تمام ڪم حڪمت تي ٻڌل آهن، سندس ڪو بہ عمل بغير حڪمت جي نہ آهي. انسان کي ٻڌائڻ ۾ بہ ڪا نہ ڪا حڪمت ۽ راز آهي، عالمن بيان ڪيو آهي تہ اهو راز انسان کي ڪمال تائين پهچائڻ آهي. البت ڪمال تائين پهچڻ ۽ تڪامل جو سفر طئي ڪرڻ لاءِ انسان کي ضروري ڪم انجام ڏيڻا پوندا ۽ رڪاوٽن کي دور ڪرڻو پوندو. مطلب تہ مطلوب ۽ گهربل ڪمن لاءِ همت ڪرڻي پوندي ۽ رڪاوٽن کان بچڻ جو بہ خيال ڪرڻو پوندو. رب پاک ڪمال جي رستن ۽ اسان لاءِ ان جي گهرجن بابت بهتر ڄاڻي ٿو، ان ڪري ان ڪريم پالڻهار شريعت جي صورت ۾ اسان کي ڪمال جو مڪمل نقشو آماده ڪري ڏنو آهي. ڪجهہ ڪمن کي واجب ڪيو اٿس ۽ ڪجهہ کي حرام ٻڌايو اٿس. ڪجهہ افعال ضروري انجام ڏيڻا آهن ۽ ڪجهہ کان ضروري پاسو ڪرڻو آهي. ان بنياد تي ئي اسان اماميہ جو نظريو آهي تہ احڪام مصلحت ۽ مفسدي تي مشتمل هوندا آهن، شريعت جي هر حڪم پٺيان ڪو نہ ڪو فلسفو، راز ۽ سبب ضرور آهي.

متين بيان جي روشني ۾ خدا کي ئي اهو جڳائي ٿو جو انسان کي امر يا نهي ڪري، ڪنهن ڪم جو حڪم ڪري يا ڪنهن ڪم کان روڪي. ان کان پوءِ اها انسان جي ذميواري آهي تہ رب جي حڪمن جي پيروي ڪري، ڪين عملي جامو پهرائي. عملي ميدان ۾ رب جي راضپي جو مڪمل طور انتظام ڪري. پر افسوس انسان جهالت، ناداني، نفساني خواهشات، شيطاني گمراهي ۽ دنيا جي ٺوڪي ۾ اچي ڪري پنهنجي ڪريم رب جي نافرماني ڪري ٿو. اهڙي نموني پنهنجي منزل ۽ حقيقي مقصد کان دور ٿي وڃي ٿو. رحمان رب کي ڇڏي سرڪش ۽ گمراه شيطان جو ساٿي ٻڻجي وڃي ٿو.

اهڙي حڪم نہ مڃيندڙ انسان جو حال امام حسينؑ هن ريت بيان ڪيو آهي:

آءٌ اهو آهيان جنهن خطا ڪئي. آءٌ اهو آهيان جنهن گناهن جو ارادو ڪيو. آءٌ اهو آهيان جنهن کان جهالت ٿي.

پر انهن دعائن جي روشني ۾ هڪ اهم ڳالهه اها به سمجهه ۾ اچي ٿي ته گناهگار ۽ سرڪش انسان ۾ فرق آهي. سرڪش انسان، غرور ۽ بغاوت جي بنياد تي حڪم جي نافرماني ڪري ٿو. جڏهن ته عام ماڻهو گهڻو ڪري نفساني خواهشات يا ٻين ڪن مادي يا معنوي ڪمزورين سببان گناهه ڪري ويهندا آهن. ۽ ان کان پوءِ پشيمان ٿيندا آهن.

آءٌ اهو ئي آهيان جنهن کان ڀل ٿي، آءٌ اهو ئي آهيان جنهن ڄاڻي واڻي گناهه ڪيا.

امام سجادؑ جي دعا ۾ آهي ته: مان ئي اهو آهيان جنهن کي تو حڪم ڏنو پر مون اطاعت نه ڪئي، مان ئي اهو آهيان جنهن کي تو دوري ڪرڻ جو حڪم ڏنو پر مون دوري نه ڪئي. مان ئي اهو آهيان جنهن کي تو گناهن کان روڪيو پر مون تنهنجي مخالفت ڪئي.

پر انهن دعائن جي روشني ۾ هڪ اهم ڳالهه اها به سمجهه ۾ اچي ٿي ته گناهگار ۽ سرڪش انسان ۾ فرق آهي. سرڪش انسان، غرور ۽ بغاوت جي بنياد تي حڪم جي نافرماني ڪري ٿو. جڏهن ته عام ماڻهو گهڻو ڪري نفساني خواهشات يا ٻين ڪن مادي يا معنوي ڪمزورين سببان گناهه ڪري ويهندا آهن. ۽ ان کان پوءِ پشيمان ٿيندا آهن.

امام سجادؑ جي دعا ۾ اهو مطلب هن لفظن سان بيان ٿيو آهي:

هيءَ (گناهه ۽ نافرماني) نه تو سان دشمني ڪري ۽ نه وري تنهنجي مقابلي ۾ تڪبر جي ڪري ڪيائين، پر نفساني خواهش ان کي ان طرف دعوت ڏني جن کان تو روڪيو ۽ ڊيڄاريو هيو ۽ تنهنجي دشمن ۽ ان جي دشمن (شيطان ملعون) انهن ڪمن ۾ ان جي مدد ڪئي.

اهڙو انسان جڏهن پنهنجي گناهه ۽ غلطي کي ياد ڪري ٿو ته مٿس پشيمان ٿيندي، رب جي بارگاهه ۾ ائين ٿو ٻاڏائي:

۽ هاڻي آءٌ تنهنجي اڳيان آهيان بلڪل خوار ۽ ذليل، روئڻ وارو، ٻاڏائيندڙ، ڏڪندڙ، ڊڄندڙ، انهن وڏن گناهن جو اعتراف ڪندي جن جو بار مون پنهنجي مٿان کنيو آهي. ۽ انهن وڏين خطائن جو جيڪي مون ڪيون آهن تنهنجي درگذريءَ جي دامن ۾ پناهه گهرندي ۽ تنهنجي رحمت جو سهارو ڳوليندي ۽ هيءُ يقين رکندي ته ڪو به پناهه ڏيڻ وارو (تنهنجي عذاب کان) مون کي پناهه نٿو ڏئي سگهي ۽ ڪو به بچائڻ وارو (تنهنجي غضب کان) مون کي بچائي نه ٿو سگهي.[۴]

## ۳. سائل ۽ مسئول وارو رابطو

سائل يعني: درخواست ڪرڻ وارو، حاجت گهرڻ وارو، هٿ ٽنگڻ وارو، فقير ۽ محتاج، جڏهن ته مسئول يعني: جنهن کان حاجت گهري وڃي ۽ سوال ڪيو وڃي. هاڻي سوال ڪڏهن زبان سان ڪيو ويندو آهي ۽ ڪڏهن حالت دعا گهرڻ جهڙي هوندي آهي. مطلب ته سوال ڪڏهن قولي هوندو آهي ته ڪڏهن «حالي». ان ٻي معنيٰ ڏانهن قرآن شريف جي هيءَ آيت اشارو ڪري رهي آهي:

﴿يَسْأَلُهُ مَنْ فِي السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ كُلَّ يَوْمٍ هُوَ فِي شَأْنٍ﴾[۵]

جيڪو به آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو سڀ الله کان گهرندو آهي، هر ڏينهن اُهو ڪم ۾ آهي.

ظاهر آهي ته ڪائنات جي هر شي پنهنجي وجود ۽ ان جي بقاء لاءِ هر لحظي رب جي رحمت جي محتاج آهي. جيڪڏهن گهڙي ڪن لاءِ به سندس رحمت جي ڇانو نه هجي ته هيءُ سڄو سنسار نيستيءَ جي اس ۾ ناس ٿي وڃي.

اهم نڪتو هيءُ به آهي ته پاڪ پالڻهار کان سوال ڪرڻ ۽ ٻين کان سوال ڪرڻ ۾ بنيادي فرق آهي. الله سائين دعا گهرڻ جو حڪم به پاڻ ڏنو آهي ته دعا جي قبوليت جي ضمانت به پاڻ ڏني اٿس. ان حوالي سان امام علي عليه السلام جو فرمان آهي ته:

يقين ڪر ته جنهن جي طاقت ۾ آسمانن ۽ زمين جا خزانا آهن، تنهن تو کي دعا گهرڻ جي اجازت ڏني ڇڏي آهي ۽ قبول ڪرڻ جو ذمو کنيو اٿس ۽ حڪم ڪيو اٿس ته توهان گهرو ته هو توهان کي ڏني.[۶]

ان بابت مولا امام حسين عليه السلام جي دعاءِ عرفه ۾ آهي ته:

اي الله! بيشڪ تون ويجهو آهين، جنهن کي پڪاريو وڃي ۽ تون جلد پڪار کي ٻڌڻ وارو آهين. هر معاف ڪرڻ واري کان وڌيڪ ڪريم آهين ۽ عطا ڪرڻ وارن مان وڌيڪ ڏيڻ وارو آهين. ۽ آخرت ۾ رحم ڪرڻ وارو آهين.

ظاهر آهي تہ ڪائنات جي هر شي پنهنجي وجود ۽ ان جي بقاء لاء هر لحظي رب جي رحمت جي محتاج آهي. جيڪڏهن گهڙي ڪن لاء بہ سندس رحمت جي ڇانو نہ هجي تہ هيءُ سڄو سنسار نيستيءَ جي اس ۾ ناس ٿي وڃي.

اهم نڪتو هيءُ بہ آهي تہ پاڪ پالڻهار کان سوال ڪرڻ ۽ ٻين کان سوال ڪرڻ ۾ بنيادي فرق آهي. الله سائين دعا گهرڻ جو حڪم بہ پاڻ ڏنو آهي تہ دعا جي قبوليت جي ضمانت بہ پاڻ ڏني اٿس.

تو جهڙو ڪير بہ نہ آهي. جنهن کان سوال ڪجي. تو جهڙو ڪير بہ نہ آهي جنهن تي ڀروسو ڪجي. مون دعا ڪئي تو قبول ڪئي. مون گهريو تو عطا ڪيو.

امام زين العابدين عليه السلام جي دعا ۾ بہ ڪيترا ئي اهڙا جملا آهن تہ: يا الله مان تو کان ئي سوال ڪريان ٿو.

ان مان ڄاڻ ملي ٿي تہ پاڪ پالڻهار بهترين عطا ڪندڙ، سيني جي دعا ٻڌندڙ، مڙني جو سڏ ورائيندڙ ۽ حاجتن کي پورو ڪندڙ آهي. ايڏي سخا ۽ عطا کان پوءِ بہ سندس خزانن ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪا گهٽتائي نٿي اچي؛ جيئن تہ دعاءِ جوشن ڪبير ۾ ملي ٿو تہ:

يا من لا تزيده كثرة العطاءِ الا جودا و كرما؛ اي اها ذات جنهن جي سخاوت ۽ عطا سان سندس ڪرمنوازيءَ ۾ مزيد واڌارو ئي اچي ٿو. (۽ ان ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪا ڪوٽ ۽ ڪمي نٿي ٿئي)

### ۴. شاڪر ۽ مشڪور وارو رابطو

شاڪر يعني: شڪر ڪرڻ وارو. جڏهن تہ شڪر جي معنىٰ آهي احسان ۽ ٿوري ڪندڙ جي سڃاڻپ ۽ قدرداني ڪرڻ. ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ انسان مٿان جيترا احسان رب جا آهن ايترا ڪنهن جا بہ نہ آهن. رب پاڪ انسان کي ايترين تہ نعمتون عطا ڪيون آهن جو انسان ڳڻڻ چاهي تہ ڳڻي بہ نٿو سگهي. ظاهر آهي تہ نعمت ملڻ تي منعم ۽ محسن جو شڪريو ادا ڪرڻ هڪ فطري عمل آهي. الله سائين جي عطا ڪيل اڻ ڳڻ نعمتن لاء اڻ ڳڻ شڪر جي ضرورت آهي. جڏهن تہ حقيقي معنىٰ ۾ انسان رب جي هڪ نعمت جو بہ شڪر ادا نٿو ڪري سگهي؛ جيئن تہ امام حسين عليہ السلام جي دعاءِ عرفہ ۾ آهي تہ:

«شاهدي ڏيان ٿو تہ جيڪڏهن آءٌ ارادو بہ ڪيان ۽ ڪوشش بہ ڪيان تہ قيامت تائين زنده رهي تنهنجي ڪنهن بہ هڪ نعمت جو شڪر ادا ڪيان، تہ اهو ناممڪن آهي. مگر ممڪن تڏهن آهي جڏهن تون احسان ڪرين. ۽ اهو تنهنجو احسان ڪرڻ بہ هڪ شڪر جو طلبگار آهي.»

شڪر جي حوالي سان اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ شڪر رڳو زبان سان ناهي ڪبو بلڪ زبان سان گڏ دل ۽ ٻين عضون سان بہ رب جو شڪر ادا ڪجي. دل ۾ اهو يقين ڪجي تہ سڀ ڀلايون رب طرفان آهن، اسان جو پنهنجو ڪجھ نہ آهي. عضون سان الله جي نعمت کي ائين ئي استعمال ڪجي جيئن رب چاهي ٿو.

سيني کان وڏي دلچسپ ڳالهہ هيءُ بہ آهي تہ جيترو اسان شڪر ڪنداسين، ايترو ئي اهو ڪريم رب اسان مٿان پنهنجي نعمتن ۾ واڌارو ڪندو، جيئن تہ سندس ارشاد آهي: لئن شڪرتم لازيدنڪم؛ جيڪڏهن اوهين (منهنجو) شڪرانو ڪندؤ تہ اوهان کي ضرور وڌيڪ ڏيندس.[٧]

بهرحال پاڪ امامن کان منقول سڀ دعائون ۽ خاص طور تي دعاءِ عرفہ معرفت جو سمنڊ آهن، جن ۾ اسان جي لاءِ ڪيترا درس سمايل آهن. دعا جي تعليم بہ انسان جي تربيت جو اهم وسيلو ۽ ذريعو آهي، جنهن جي چونڊ پاڪ امامن پنهنجي دور جي تقاضائن کي نظر ۾ رکندي ڪئي. دعا آهي تہ پاڪ پالڻهار اسان کي ائمہ عليهم السلام جي تعليم ڏنل دعائن کي پنهنجي عملي زندگي ۾ نافذ ڪرڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

**حوالا:**


١. سورت اعراف، آيت ١٨٨.
٢. سورت ذاريات، آيت ٥٦
٣. سورت بقره، آيت ٢١
٤. دعاءِ عرفہ، امام سجاد.
٥. سورت رحمن، آيت ٢٩
٦. نهج البلاغہ، خط٣١.
٧. سورت ابراهيم، آيت٧



# اسلام جي نگاهه ۾ بهترين گهراڻو ۽ ڪٽنب

تحرير: مولانا قادر بخش دايو (ڪريمي) (هالا)

پالڻهار هن سنسار کي جوڙيو ۽ ان ۾ انسان کي اشرف المخلوقات جو تاج پهرائي هن جهان ۾ موڪليو ۽ ان جي هر ان ضرورت کي پورو ڪيو آهي جيڪا ان جي ڪمال تائين پهچڻ ۾ مددگار ۽ اثر انداز آهي جيئن ته پلو ڪٽنب ۽ گهراڻو انسان جي مادي ۽ معنوي زندگي ۾ تمام گهڻو اثر رکي ٿو، ان لاءِ نپائڻهار انسان جي ان ضرورت کي پورو ڪرڻ لاءِ انسان کي حڪم ڏنو آهي ته پنهنجي ان اهم ضرورت کي پورو ڪرڻ لاءِ بهترين همسفر جو انتخاب ڪري ته جيئن ان جو مادي ۽ معنوي پهلو ڪمال تائين پهچي سگهي. ان کان علاوه خدائي قانون جي صورت ۾ ان کي بهترين ڪٽنب لاءِ اصول ٻڌايا جن تي عمل ڪري انسان هڪ ڀلي ڪٽنب ۽ گهراڻي کي جوڙي سگهي ٿو. قانون سان گڏ رب پاڪ ڪائنات ۾ ڪجھ اهڙا گهراڻا نموني طور موڪليا جن تي نظر وجهڻ سان انسان چڱي ريت ڄاڻي سگهي ٿو ته هن فاني دنيا ۾ جنتي ڪٽنب ۽ گهراڻي جي صورت ڪهڙي ٿي سگهي ٿي.

هن مختصر مقالي ۾ اسان ڪوشش ڪنداسين ته اسلام جي نظر ۾ بهترين گهراڻي ۽ ڪٽنب ۾ ڪهڙيون خاصيتون ۽ خوبيون هجڻ گهرجن ان کي بيان ڪريون.

**قرآن ۾ بهترين گهراڻي جا مثال**

قرآن پاڪ ۾ بهترين گهراڻي جا ڪيترائي نمونا بيان ٿيل آهن جن منجهان هڪ گهراڻو حضرت ابراهيم عليه السلام جو آهي جنهن ڪٽنب بابت پالڻهار هن ريت فرمايو آهي.

﴿إِنَّ اللهَ اصْطَفَى آدَمَ وَنُوحًا وَآلَ إِبْرَاهِيمَ وَآلَ عِمْرَانَ عَلَى الْعَالَمِينَ﴾ (۱)

بيشڪ الله آدم ۽ نُوح ۽ ابراهيم جي اولاد ۽ عِمران جي اولاد کي جهانن (وارن) تي چونڊيو آهي.

هن بهترين گهراڻي جو نتيجو ۽ ثمر حضرت اسماعيل عليه السلام ۽ حضرت اسحاق عليه السلام جي صورت ۾ نظر اچي ٿو جن بابت رب پاڪ فرمائيندي نظر اچي ٿو ته:

﴿فَبَشَّرْنَاهُ بِغُلَامٍ حَلِيمٍ فَلَمَّا بَلَغَ مَعَهُ السَّعْيَ قَالَ يَا بُنَيَّ إِنِّي أَرَى فِي الْمَنَامِ أَنِّي أَذْبَحُكَ فَانظُرْ مَاذَا تَرَى قَالَ يَا أَبَتِ افْعَلْ مَا تُؤْمَرُ سَتَجِدُنِي إِن شَاءَ اللهُ مِنَ الصَّابِرِينَ.﴾ (۲)

پوءِ ڪيس هڪ حليمت واري نينگر جي خوشخبري ڏني سون.. پوءِ جڏهن ساڻس گڏ ڊوڙڻ (واريءَ عمر) کي پهتو (تڏهن ابراهيم) چيو ته اي منهنجا پُٽڙا بيشڪ آءٌ ننڊ ۾ ڏسان ٿو ته آءٌ توکي ڪُهان ٿو پوءِ تون نظر ڪر ته تنهنجي دل ۾ ڇا ٿو اچي؟ چيائين ته اي مُنهنجا ابا جنهن ڪم جو توکي حُڪم ڏنو وڃي ٿو سو ڪر جيڪڏهن الله گهريو ته مون کي صبر ڪرڻ وارن مان لهندين.

حضرت اسحاق عليه السلام بابت پالڻهار جو ارشاد آهي ته:

بيبي مريم ؑ جي امڙ جو رب پاڪ جي دربار ۾ خلوص ۽ ايمان ڪھڙي مقام تي پھتل هو جو پنھنجي جگر جو ٽڪرو بيت المقدس ۾ خدمت خاطر حوالي ڪري ڇڏيائين. قرآن سڀ کان بھترين ان گھراڻي کي قرار ڏنو آهي جنھن جي شان ۾ سورت «دهر» نازل فرمائي آهي ۽ تمام سھڻي انداز ۾ ان ڪٽنب جي ڪردار کي بيان فرمايو آهي. سچ پچ هيءُ اهڙو گھراڻو آهي جو لڳاتار ٽي ڏينھن پاڻيءَ سان روزو کولي پنھنجي حصي جو ڪاڌو مسڪين، يتيم ۽ اسير کي ڏيندي نظر اچي ٿو

﴿وَبَشَّرْنَاهُ بِإِسْحَقَ نَبِيًّا مِّنَ الصَّالِحِينَ﴾ [٣]

۽ ڪيس اسحٰق جي خوشخبري ڏني سون جو صالحن مان هڪ نبي آهي.

حضرت ابراهيم ؑ اهڙن پٽن جو پيءُ آهي ۽ بيبي هاجره ۽ بيبي ساره ؑ اهڙيون مائون آهن جن انھن پٽن جي اهڙي تربيت ڪئي آهي. حضرت اسماعيل ؑ جي قصي تي نظر وجھڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ هي گھراڻو رب جي رضا جي سامهون ڪيترو تسليم آهي. قرآن پاڪ ۾ ارشاد ٿيو آهي تہ:

﴿رَّبَّنَا إِنِّي أَسْكَنتُ مِن ذُرِّيَّتِي بِوَادٍ غَيْرِ ذِي زَرْعٍ عِندَ بَيْتِكَ الْمُحَرَّمِ رَبَّنَا لِيُقِيمُواْ الصَّلاَةَ فَاجْعَلْ أَفْئِدَةً مِّنَ النَّاسِ تَهْوِي إِلَيْهِمْ وَارْزُقْهُم مِّنَ الثَّمَرَاتِ لَعَلَّهُمْ يَشْكُرُونَ﴾ [٤]

اي اسان جا پالڻھار مون پنھنجي اولاد مان ڪن کي غير آباد ميدان ۾ تنھنجي عظمت واري گھر وٽ هِن لاءِ ٽِڪايو آهي تہ اي اسان جا پالڻھار اُهي نماز پڙهن پوءِ ڪن ماڻھن جي دلين جو انھن ڏانھن لاڙو ڪراءِ ۽ کين ميون جي روزي ڏي تہ مانَ اُهي شُڪرانو ڪن.

قرآن پاڪ ۾ حضرت مريم ؑ جي پاڪائي ۽ پرهيزگاري بہ ڳجهي نہ آهي پر ان کي بہ وسارڻ نہ گھرجي تہ بيبي مريم ؑ جي تربيت ۾ سندس امڙ ۽ حضرت زڪريا ؑ جو ڪافي حد تائين ڪردار هو. نپائڻھار حضرت مريم ؑ جي امڙ بابت هن ريت فرمائي ٿو.

﴿إِذْ قَالَتِ امْرَأَةُ عِمْرَانَ رَبِّ إِنِّي نَذَرْتُ لَكَ مَا فِي بَطْنِي مُحَرَّرًا فَتَقَبَّلْ مِنِّي إِنَّكَ أَنتَ السَّمِيعُ الْعَلِيمُ فَلَمَّا وَضَعَتْهَا قَالَتْ رَبِّ إِنِّي وَضَعْتُهَا أُنثَى وَاللّهُ أَعْلَمُ بِمَا وَضَعَتْ وَلَيْسَ الذَّكَرُ كَالأُنثَى وَإِنِّي سَمَّيْتُهَا مَرْيَمَ وِإِنِّي أُعِيذُهَا بِكَ وَذُرِّيَّتَهَا مِنَ الشَّيْطَانِ الرَّجِيمِ فَتَقَبَّلَهَا رَبُّهَا بِقَبُولٍ حَسَنٍ وَأَنبَتَهَا نَبَاتًا حَسَنًا وَكَفَّلَهَا زَكَرِيَّا كُلَّمَا دَخَلَ عَلَيْهَا زَكَرِيَّا الْمِحْرَابَ وَجَدَ عِندَهَا رِزْقاً قَالَ يَا مَرْيَمُ أَنَّى لَكِ هَذَا قَالَتْ هُوَ مِنْ عِندِ اللّهِ إنَّ اللّهَ يَرْزُقُ مَن يَشَاءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ﴾ [٥]

جڏهن عِمران جي گھرواريءَ چيو تہ اي مُنھنجا پالڻھار جيڪي مُنھنجي پيٽ ۾ آهي سو تولاءِ آجو (آزاد) ڪيل نذر ڪيم تنھنڪري مون کان قبول ڪر، ڇوتہ تون ئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهين. پوءِ جنھن مهل اُن کي ڄڻيائين تڏهن چيائين تہ اي مُنھنجا پالڻھار مون ڌيءُ ڄڻي، ۽ جيڪي اُن (بي بيءُ) ڄڻيو تنھن کي الله چڱو ڄاڻندڙ آهي، ۽ (چيائين تہ) پُٽ ڌيءُ جھڙو نہ آهي، ۽ مون سندس نالو مريم رکيو ۽ آءٌ اُن کي ۽ سندس نسل کي تڙيل شيطان (جي شر) کان تنھنجي پناهہ ۾ سونپيان ٿي. پوءِ اُن کي سندس پالڻھار چڱي قبولڻ سان قبوليو ۽ اُن کي چڱي پالڻ طرح پاليائين ۽ سندس سنياليندڙ زڪريا کي ڪيائين، جڏهن ڪڏهن زڪريا مٿس حُجري ۾ لنگھندو هو تہ وٽس طعام (رکيل) لهندو هو، (هڪ وقت) چيائين تہ اي مريم هيءُ ڪٿان تولاءِ (آيو) آهي چيائين تہ اِهو الله وٽان (آيو) آهي، ڇوتہ الله جنھن کي وڻيس (تنھن کي) اڻ ڳڻي روزي ڏيندو آهي.

هنن آيتن مان چڱي ريت معلوم ٿئي ٿو تہ بيبي مريم ؑ جي امڙ جو رب پاڪ جي دربار ۾ خلوص ۽ ايمان ڪھڙي مقام تي پھتل هو جو پنھنجي جگر جو ٽڪرو بيت المقدس ۾ خدمت خاطر حوالي ڪري ڇڏيائين.

قرآن سڀ کان بھترين ان گھراڻي کي قرار ڏنو آهي جنھن جي شان ۾ سورت «دهر» نازل فرمائي آهي ۽ تمام سھڻي انداز ۾ ان ڪٽنب جي ڪردار کي بيان فرمايو آهي. سچ پچ هيءُ اهڙو گھراڻو آهي جو لڳاتار ٽي ڏينھن پاڻيءَ سان روزو کولي پنھنجي حصي جو ڪاڌو مسڪين، يتيم ۽ اسير کي ڏيندي نظر اچي ٿو. رب پاڪ سندن سھڻي عمل کي هن ريت بيان فرمايو آهي.

﴿يُوفُونَ بِالنَّذْرِ وَيَخَافُونَ يَوْمًا كَانَ شَرُّهُ مُسْتَطِيرًا وَيُطْعِمُونَ الطَّعَامَ عَلَى حُبِّهِ مِسْكِينًا وَيَتِيمًا وَأَسِيرًا إِنَّمَا نُطْعِمُكُمْ لِوَجْهِ اللَّهِ لَا نُرِيدُ مِنكُمْ جَزَاء وَلَا شُكُورًا﴾ [٦]

جي (الله جي) باس پوري ڪندا آهن ۽ اُن ڏينھن کان ڊڄندا آهن جنھن جي بڇڙائي (هر طرف) پٽري هوندي. ۽ طعام جي گھرج هوندي مُحتاج ۽ يتيم ۽ قيدي کي کارائيندا آهن. (۽ چوندا آهن تہ) اسين تہ اوهان کي الله

بهترين ڪٽنب ۽ گهراڻي ۾ معنوي ۽ روحاني خوبيون هجڻ گهرجن. بهترين ڪٽنب ۾ دين ۽ ايمان ٻه اهم خاصيتون ۽ خوبيون آهن جن کان بغير ڪو ٻه گهراڻو بهترين نٿو ٿي سگهي. جيڪڏهن مرد باايمان هجي پر سندس گهرواري بي ايمان هجي ته پالڻهار ان گهرواريءَ جي قرآن ۾ مذمت ڪندي نظر اچي ٿو. جيئن حضرت نوح ۽ حضرت لوط عليهما السلام جي گهروارين جا مثال اسان جي اکين اڳيان آهن

جي واسطي ڪارائيندا آهيون اوهان کان نڪو بدلو ۽ نڪا شڪر گذاري گهرندا آهيون.

هنن گهراڻن کان علاوه ٻه پروردگار حضرت يعقوب عليه السلام، حضرت موسیٰ عليه السلام ۽ ٻين نبين عليهم السلام جي ڪٽنبن بابت قرآن ۾ بيان فرمايو آهي پر اختصار کي نظر ۾ رکندي اسان انهن کي هتي بيان نٿا ڪريون ۽ هاڻ بهترين ڪٽنب جي ڪجھ اهم خاصيتن ۽ خوبين کي بيان ڪريون ٿا.

## الف) نسب ۽ خاندان جو پاڪ هجڻ

هيءَ هڪ اهڙي خاصيت آهي جيڪا انسان جي شخصيت ۾ تمام گهڻو اثر انداز آهي ان ڪري انسان کي گهرجي ته شادي ڪرڻ وقت پنهنجي ٿيندڙ شريڪ حيات جي نسب ۽ خاندان جي پاڪدامني تي ضرور نگاهه وجهي ته جيئن پيدا ٿيندڙ نسل ۾ ان پاڪائيءَ جا آثار نظر اچن. جڏهن اسان رسول پاڪ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم ۽ اهل بيت عليهم السلام جي خاندان تي نگاهه ڪريون ٿا ته معلوم ٿئي ٿو ته نبي پاڪ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم ۽ سائڻ خديجه عليها السلام جي پاڪائي جا اثر سائڻ زهرا عليها السلام جي زندگي ۾ نظر اچن ٿا ۽ اهڙي طرح امام علي عليه السلام ۽ سائڻ فاطمه زهرا عليها السلام جي پاڪائي ۽ معصوميت جا آثار سندن اولاد پاڪ ۾ نظر اچن ٿا. خاندان ۽ نسب جو ايترو اثر آهي جو حضرت عباس علمدار عليه السلام جهڙي باوفا پٽ کي حاصل ڪرڻ لاءِ علي عليه السلام بيبي ام البنين کي بهترين خاندان مان انتخاب ڪن ٿا ته جيئن غازي علمدار عليه السلام جي هن دنيا ۾ اچڻ جو سبب ام البنين جهڙي خانداني ۽ پاڪدامن ماءُ بڻجي سگهي. حديثن ۾ ٻه ان شيءِ جي ڪافي تاڪيد ٿيل آهي ته پنهنجي گهرواري پاڪدامن ۽ سٺي خاندان منجهان انتخاب ڪريو.

## ب) روحاني ۽ نفساني خاصيتون

بهترين ڪٽنب ۽ گهراڻي ۾ معنوي ۽ روحاني خوبيون هجڻ گهرجن جن منجهان ڪجھ کي اسان هتي ذڪر ڪريون ٿا.

## ١. دين ۽ ايمان

بهترين ڪٽنب ۾ دين ۽ ايمان ٻه اهم خاصيتون ۽ خوبيون آهن جن کان بغير ڪو ٻه گهراڻو بهترين نٿو ٿي سگهي. هن خاصيت کي نپائڻهار پنهنجي ڪلام پاڪ ۾ هن ريت بيان فرمايو آهي.

﴿وَلاَ تَنكِحُواْ الْمُشْرِكَاتِ حَتَّى يُؤْمِنَّ وَلأَمَةٌ مُّؤْمِنَةٌ خَيْرٌ مِّن مُّشْرِكَةٍ وَلَوْ أَعْجَبَتْكُمْ وَلاَ تُنكِحُواْ الْمُشِرِكِينَ حَتَّى يُؤْمِنُواْ وَلَعَبْدٌ مُّؤْمِنٌ خَيْرٌ مِّن مُّشْرِكٍ وَلَوْ أَعْجَبَكُمْ أُوْلَـئِكَ يَدْعُونَ إِلَى النَّارِ وَاللّهُ يَدْعُوَ إِلَى الْجَنَّةِ وَالْمَغْفِرَةِ بِإِذْنِهِ وَيُبَيِّنُ آيَاتِهِ لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُونَ.﴾ (٧)

۽ (اي مسلمانؤ ايستائين) مشرڪياڻين کي نه پرڻيو جيستائين ايمان آڻين، ۽ بيشڪ مؤمنياڻي ٻانهي مشرڪياڻيءَ کان ڀلي آهي جيتوڻيڪ اوهان کي (مشرڪياڻي) زياده وڻي، ۽ اوهين (ايسين) مشرڪن کي نه پرڻايو جيسين ايمان آڻين، ۽ بيشڪ مؤمن ٻانهو مُشرڪ کان ڀلو آهي جيتوڻيڪ اوهان کي (مشرڪ) گهڻو وڻي، اِهي (مُشرڪ) باهه ڏانهن سڏيندا آهن، ۽ الله پنهنجي ارادي مُوجب بهشت ۽ بخشش ڏانهن سڏيندو آهي، ۽ پنهنجون آيتون ماڻهن لاءِ بيان ڪندو آهي ته مانَ اُهي نصيحت وٺن.

جيڪڏهن مرد باايمان هجي پر سندس گهرواري بي ايمان هجي ته پالڻهار ان گهرواريءَ جي قرآن ۾ مذمت ڪندي نظر اچي ٿو. جيئن حضرت نوح ۽ حضرت لوط عليهما السلام جي گهروارين جا مثال اسان جي اکين اڳيان آهن جن بابت رب پاڪ ارشاد فرمائي ٿو.

﴿ضَرَبَ اللهُ مَثَلًا لِّلَّذِينَ كَفَرُوا اِمْرَأَةَ نُوحٍ وَامْرَأَةَ لُوطٍ كَانَتَا تَحْتَ عَبْدَيْنِ مِنْ عِبَادِنَا صَالِحَيْنِ فَخَانَتَاهُمَا فَلَمْ يُغْنِيَا عَنْهُمَا مِنَ اللهِ شَيْئًا وَقِيلَ ادْخُلَا النَّارَ مَعَ الدَّاخِلِينَ﴾ (٨)

الله نُوح جي زال ۽ لُوط جي زال جو هڪ مثال ڪافرن لاءِ بيان ڪري ٿو، (اُهي) اسان جي ٻن صالحن ٻانهن (جي نڪاح) هيٺ هيون پوءِ اُنهن زالن ٻنهي سان خيانت ڪئي ۽ پوءِ اُهي ٻئي (پنهنجين) زالن کان الله جو عذاب ڪجھ به ٽاري نه سگهيا (انهن کي) چئبو ته باهه ۾ گهڙندڙن سان

بهترين گهراڻي جي خاصيتن منجهان هڪ خاصيت هيءَ آهي تہ گهرواري ۽ مڙس معنويت ۽ روحانيت کي پنهنجي زندگيءَ ۾ گهڻي جاءِ ڏين؛ يعني: سندن نظر دنيا جي عيش ۽ آرام تي نہ هجي بلڪ پنهنجي روح کي پرواز ڪرائي معنوي مقامن کي حاصل ڪن. ... ان جا ڪافي مثال بہ هن دنيا ۾ پاتا وڃن ٿا انهن سيني مثالن ۾ امام علي عليه السلام ۽ سائڻ فاطمہ زهرا عليها السلام جو مثال روحانيت ۽ معنويت جي اوج تي پهتل نظر اچي ٿو.

گڏ گهڙو.

اهڙي طرح مڙس جو بہ باايمان هجڻ ضروري آهي. جيڪڏهن زال باايمان هجي ۽ مڙس بي ايمان هجي تہ اهڙي گهرواري جي رب پاڪ واکاڻ ۽ اهڙي مڙس جي مذمت ڪندي نظر اچي ٿو. جيئن ارشاد پاڪ آهي تہ:

﴿وَضَرَبَ اللهُ مَثَلًا لِّلَّذِينَ آمَنُوا امْرَأَةَ فِرْعَوْنَ إِذْ قَالَتْ رَبِّ ابْنِ لِي عِندَكَ بَيْتًا فِي الْجَنَّةِ وَنَجِّنِي مِن فِرْعَوْنَ وَعَمَلِهِ وَنَجِّنِي مِنَ الْقَوْمِ الظَّالِمِينَ﴾ (٩)

۽ الله مؤمنن لاءِ فرعون جي زال جو هڪ مثال بيان ڪري ٿو، جڏهن چيائين تہ اي منهنجا پالڻهار پاڻ وٽ بهشت ۾ مون لاءِ ڪو گهر ٺاهہ ۽ فرعون ۽ سندس ڪم کان مون کي بچاءِ ۽ ظالمن جي ٽوليءَ کان (پڻ) مون کي بچاءِ.

هنن آيتن مان چڱي طرح سمجهي سگهجي ٿو تہ بهترين گهراڻي لاءِ ڪٽنب جي اهم رڪنن(يعني زال ۽ مڙس) جو باايمان هجڻ تمام ضروري آهي.

### ٢. علم ۽ ڄاڻ

زال ۽ مڙس ۾ علم ۽ آگاهي هجڻ ضروري آهي ليڪن اهو بيان ڪندا هلون تہ ضروري ناهي تہ علمي اعتبار سان ڪنهن وڏي مقام ۽ مرتبي تي پهتل هجن بلڪ زندگي گذارڻ جي آدابن ۽ اصولن کان واقف هجن ۽ هڪٻئي جي حقن کان باخبر هجن اولاد جي تربيت ڪرڻ جي اصولن کان آگاهہ هجن. عورت جي ڄاڻ، عقل ۽ ادب بابت امام ڪاظم عليه السلام هڪ روايت جي حصي ۾ فرمايو آهي تہ: «بهترين عورت اها آهي جنهن طرف تنهنجو لاڙو هجي ۽ عقل ۽ ادب واري هجي ۽ تنهنجي امر ۽ روڪ ڏانهن محتاج نہ هجي.» (١٠)

ان فرمان مان معلوم ٿئي ٿو تہ عقل ۽ ادب بہ اهم صفتون آهن جيڪي عورت ۾ هجڻ گهرجن ۽ مڙس کي ڪنهن حڪم يا ان کي ڪنهن ڪم کان روڪڻ جي ضرورت نہ پوي بلڪ پاڻ عورت انهن شين کان آگاهہ هجي تہ جيئن ٻنهي جي زندگي خوشحال ۽ پر سڪون گذري سگهي.

### ٣. معنويت ۽ روحانيت

بهترين گهراڻي جي خاصيتن منجهان هڪ خاصيت هيءَ آهي تہ گهرواري ۽ مڙس معنويت ۽ روحانيت کي پنهنجي زندگيءَ ۾ گهڻي جاءِ ڏين؛ يعني: سندن نظر دنيا جي عيش ۽ آرام تي نہ هجي بلڪ پنهنجي روح کي پرواز ڪرائي معنوي مقامن کي حاصل ڪن. ممڪن آهي تہ هتي ڪو شخص سوال ڪري تہ ڇا اهو ممڪن آهي تہ انسان هن دنيا جي رنگين نعمتن ۾ رهي ڪري انهن کي اڻ ڏٺو ڪري ۽ معنوي ۽ روحاني مقام حاصل ڪرڻ ۾ مصروف ٿي وڃي؟ اسان ان شخص جي جواب ۾ چونداسين تہ: نہ صرف ممڪن آهي بلڪ ان جا ڪافي مثال بہ هن دنيا ۾ پاتا وڃن ٿا انهن سيني مثالن ۾ امام علي عليه السلام ۽ سائڻ فاطمہ زهرا عليها السلام جو مثال روحانيت ۽ معنويت جي اوج تي پهتل نظر اچي ٿو. روايتون مشهور آهن تہ امام علي عليه السلام معنويت ۾ اهڙا غرق ٿي ويندا هئا جو ڏسڻ وارا گمان ڪنداهئا تہ شايد مولا جو روح پرواز ڪري ويو آهي ۽ اهڙي طرح سائڻ زهرا عليها السلام جي لاءِ روايتن ۾ ملي ٿو تہ بيبي جڏهن محراب عبادت ۾ هوندي هئي تہ آسمان وارن لاءِ ستاري جيان نوراني ۽ چمڪندي نظر ايندي هئي. اسان جيڪي اهڙين هستين کي مڃڻ وارا آهيون اسان کي گهرجي تہ پاڻ کي انهن معنويت جي قلعن جي قريب ڪريون ۽ پنهنجي گهر ۾ معنويت جو ماحول قائم ڪريون تہ جيئن دنيا ۽ آخرت جي سعادت ماڻي سگهون.

### ٤. تقويٰ ۽ پرهيزگاري

رب پاڪ پنهنجي لاريب ڪلام ۾ تقوا ۽ پرهيزگاريءَ کي پنهنجي بارگاهہ ۾ عزت جو معيار قرار ڏنو آهي. ان بابت پالڻهار جو ارشاد آهي.

﴿يَا أَيُّهَا النَّاسُ إِنَّا خَلَقْنَاكُم مِّن ذَكَرٍ وَأُنثَىٰ وَجَعَلْنَاكُمْ شُعُوبًا وَقَبَائِلَ لِتَعَارَفُوا إِنَّ أَكْرَمَكُمْ عِندَ اللهِ أَتْقَاكُمْ إِنَّ اللهَ عَلِيمٌ خَبِيرٌ﴾ (١١)

بهترين ڪٽنب جي خاصيتن مان هڪ خاصيت هيءَ آهي تہ ان ڪٽنب جا رڪن هڪٻئي جو احترام ڪن خاص ڪري مرد ۽ عورت کي گهرجي تہ هڪٻئي جو تمام گهڻو احترام ڪن. ان بابت امام صادق عليه السلام جو فرمان آهي تہ:
ملعون آهي ملعون آهي اها عورت جيڪا پنهنجي مڙس کي آزاري ۽ ان کي غمگين ڪري ۽ خوش بخت ۽ ڀاڳن ڀري آهي اها عورت جيڪا پنهنجي وَرَ جو احترام ڪري . ان کي تڪليف نہ پهچائي ۽ مڙني حالتن ۾ ان جي اطاعت ڪري.

اي انسانؤ بيشڪ اسان اوهان کي هڪ مڙس ۽ هڪ زال مان پيدا ڪيو ۽ اوهان کي ذاتيون ۽ پاڙا ڪيوسون تہ هڪ ٻئي کي سڃاڻو. بيشڪ اوهان مان تمام عزت وارو الله وٽ اُهو آهي جيڪو اوهان مان گهڻو پرهيزگار آهي، بيشڪ الله ڄاڻندڙ خبر رکندڙ آهي.

اسلام چاهي ٿو تہ بهترين گهراڻي ۾ تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ وارو ماحول هجي ۽ ان ۾ گهڻو ڪردار ماءُ پيءُ جو آهي ڇو جو جڏهن اهي گهر ۾ پرهيزگاريءَ وارو ماحول پيدا ڪندا تہ سندن اولاد تي ان ماحول جو تمام گهڻو اثر پوندو. ان لاءِ ٻہ اسان کي اهل بيت عليهم السلام جي گهراڻي جي ماحول ڏانهن نظر ڪرڻ گهرجي جتي تقويٰ ۽ پرهيزگاري جو سمنڊ ڇوليون هڻندي نظر اچي ٿو.

## ج) ڪرداري ۽ رفتاري خاصيتون

### ١. سربراهي ۽ مديريت

مرد ۽ ان جي گهرواري پنهنجي علمي ۽ اخلاقي خاصيتن سان پنهنجي گهر جي اڳواڻي ۽ سربراهي ڪن ٿا. اسلام چاهي ٿو تہ مرد پنهنجي ڪٽنب کي سنئين واٽ ۽ صراط مستقيم ڏانهن هدايت ۽ رهنمائي ڪري ۽ ان لاءِ مرد کي هڪ ڀلو سربراه هجڻ گهرجي جنهن جي اڳواڻيءَ ۾ سندس ڪٽنب صراط مستقيم تي هلي سگهي. مرد جي لاءِ لازمي آهي تہ پنهنجي ڪٽنب لاءِ حلال روزيءَ جو بندوبست ڪري ۽ انهن لاءِ وس آهر گهر ۾ سهولتون پيدا ڪري ۽ ان سان گڏ انهن کي دين ڏانهن رهنمائي ڪندو رهي جيئن قرآن حضرت اسماعيل عليه السلام لاءِ فرمائي ٿو تہ:

﴿وَاذْكُرْ فِي الْكِتَابِ إِسْمَاعِيلَ إِنَّهُ كَانَ صَادِقَ الْوَعْدِ وَكَانَ رَسُولًا نَبِيًّا وَكَانَ يَأْمُرُ أَهْلَهُ بِالصَّلَاةِ وَالزَّكَاةِ وَكَانَ عِنْدَ رَبِّهِ مَرْضِيًّا﴾ (١٢)

۽ ڪتاب ۾ اسماعيل (جو قصّو) ياد ڪر، بيشڪ اُهو وعدي ۾ سچار ۽ پيغمبر نبي هو ۽ پنهنجي گهر وارن کي نماز ۽ زڪوٰة جو حُڪم ڪندو هو، ۽ پنهنجي پالڻهار وٽ پسند هو .

ان آيت مبارڪ مان معلوم ٿئي ٿو تہ حضرت اسماعيل عليه السلام، رب پاڪ جي فرضن بابت پنهنجي گهروارن کي چوندو رهندو هو. بس بهترين مرد کي گهرجي تہ پنهنجي گهر وارن جي دين بابت رهنمائي ڪندو رهي. اهڙي طرح گهرواري جيڪا گهر ۾ محبت جو پيڪر آهي ان کي گهرجي تہ پنهنجي مڙس جي خدمت ڪري ۽ گهر ۽ ٻارن جي سهڻي نموني سنڀال ڪري. مطلب تہ ان تي ٽي اهم ذميداريون لاڳو ٿين ٿيون: ١. مڙس جي حقن جي پاسداري ٢. گهر جو ڪم ڪار ۽ ٣. ٻارن لاءِ بهترين ماءُ جو ڪردار ادا ڪرڻ ۽ انهن کي دين ڏانهن رهنمائي ڪرڻ، جيڪڏهن زال ۽ مڙس پنهنجي وظيفي تي صحيح عمل ڪن تہ هڪ بهترين ڪٽنب جڙي سگهي ٿو.

### ٢. هڪٻئي جو احترام

بهترين ڪٽنب جي خاصيتن مان هڪ خاصيت هيءَ آهي تہ ان ڪٽنب جا رڪن هڪٻئي جو احترام ڪن خاص ڪري مرد ۽ عورت کي گهرجي تہ هڪٻئي جو تمام گهڻو احترام ڪن، ان بابت امام صادق عليه السلام جو فرمان آهي تہ:

﴿مَلعونَةٌ مَلعُونَـةٌ اِمْرَأَةٌ تُوذِى زَوجَها وَ تَغُمُّهُ وَ سَعيدَةٌ سَعيدَةٌ اِمْرَأَةٌ تُكرِمُ زَوجَها وَ لا تُؤذيهِ وَ تُطيعُهُ فى جَميعِ أحوالِهِ؛﴾ (١٣)

ملعون آهي ملعون آهي اها عورت جيڪا پنهنجي مڙس کي آزاري ۽ ان کي غمگين ڪري ۽ خوش بخت ۽ ڀاڳن ڀري آهي اها عورت جيڪا پنهنجي وَرَ جو احترام ڪري ، ان کي تڪليف نہ پهچائي ۽ مڙني حالتن ۾ ان جي اطاعت ڪري.

اهڙي طرح امام باقر عليه السلام جو ارشاد آهي تہ: «توهان مان الله پاڪ وٽ سڀ کان عزت وارو اهو آهي جيڪو پنهنجي زندگي جي همسفر جو گهڻو احترام ڪري ٿو.» (١٤)

هنن فرمانن مان معلوم ٿئي ٿو تہ گهرواري ۽ مڙس کي هڪٻئي جو احترام ڪرڻ گهرجي تہ جيئن رب پاڪ جي درٻار ۾ مانَ وارا ٿيئجي سگهن ۽ ان جو ٻيو اهم فائدو هيءُ آهي تہ ان احترام کي ڏسي ڪري سندن اولاد ۾ احترام جي صفت اجاگر ٿيندي .

بهترين گهراڻي جي نشانين مان هڪ نشاني هيءَ آهي تہ اهي هڪٻئي سان خوش اخلاقي سان پيش ايندا، ڇو جو خوش اخلاقي سان سندن گهر ۾ سڪون ۽ مٺاس پيدا ٿيندو. ان بابت امام عليؑ فرمايو آهي تہ: "خوش اخلاقيءَ سان زندگي بهتر ۽ ان ۾ مٺاس پيدا ٿئي ٿو. ۽ هڪ نشاهي هيءَ بہ آهي تہ مرد ۽ گهرواري پنهنجي اولاد جي بهترين تربيت ڪندا آهن تہ جيئن هن دنيا ۾ صالح ۽ نيڪ اولاد ڇڏي وڃن

### ٣. خوش اخلاقي

بهترين گهراڻي جي نشانين مان هڪ نشاني هيءَ آهي تہ اهي هڪٻئي سان خوش اخلاقي سان پيش ايندا، ڇو جو خوش اخلاقي سان سندن گهر ۾ سڪون ۽ مٺاس پيدا ٿيندو. ان بابت امام عليؑ فرمايو آهي تہ: "خوش اخلاقيءَ سان زندگي بهتر ۽ ان ۾ مٺاس پيدا ٿئي ٿو. (١٥)

### ٤. اولاد جي بهتر تربيت

بهترين ڪٽنب جي نشانين مان هڪ نشاهي هيءَ آهي تہ مرد ۽ گهرواري پنهنجي اولاد جي بهترين تربيت ڪندا آهن تہ جيئن هن دنيا ۾ صالح ۽ نيڪ اولاد ڇڏي وڃن، ان بابت رسول پاڪﷺ جو ارشاد پاڪ آهي تہ : «حَقُّ الْوَلَدِ عَلَى وَالِدِهِ أَنْ يُحْسِنَ اسْمَهُ وَأَدَبَهُ» (١٦)

اولاد جو پيءُ تي حق آهي تہ ان تي پلو نالو رکي ۽ سهڻو ادب سيکاري.

مومنن کي اهو ٻڌائيندا هلون تہ جيڪي اسان بهترين گهراڻي جون خاصيتون بيان ڪيون آهن ان کان علاوه بہ ڪافي خاصيتون آهن جن کي اسان اختصار کي نظر ۾ رکندي بيان نٿا ڪريون آخر ۾ ڏٽيءَ پاڪ جي دربار ۾ دعاڳو آهيون تہ نپائڻهار اسان سڀني کي اهي خوبيون پاڻ ۾ پيدا ڪرڻ جي توفيق عنايت فرمائي تہ جيئن هن دنيا ۽ آخرت ۾ سعادتمند ٿي سگهون. آمين يا رب العالمين.

**حوالا**


١. سورت آل عمران، ٣٣
٢. سورت صافات، ١٠١ ۽ ١٠٢
٣. سورت صافات، ١١٢
٤. سورت ابراهيم، ٣٧
٥. سورت آل عمران، ٣٥، ٣٦ ۽ ٣٧
٦. سورت دهر، ٧، ٨ ۽ ٩
٧. سورت بقره، ٢٢١
٨. سورت تحريم، ١٠
٩. سورت تحريم، ١١
١٠. وسائل الشيعة، ج١٤، ص١٣، ح١
١١. سورت حجرات، ١٣
١٢. سورت مريم، ٥٤ ۽ ٥٥
١٣. كنزالفوائد، ص ٦٣
١٤. وسائل الشيعہ، ج ١٥، ص ٥٨، ح ٦
١٥. شرح غررالحكم، ج ٤، ٢١٨.
١٦. وسائل الشيعة، ج ١٥، ص ١٢٣


### سنو ڳالهائڻ

حضرت علي عليہ السلام فرمائن ٿا:
«رب كلام انفذ من سهام»
ڪيترين ئي اهڙيون ڳالهيون آهن جن جو اثر نيزي ۽ تلوارن کان وڌيڪ هوندو آهي.

(غررالحکم، ج ٤، ص ٩٦)

حضرت علي عليہ السلام فرمائن ٿا:
«عَوِّدْ لِسَانَكَ حُسْنَ الْكَلَامِ تَأْمَنِ الْمَلَامَ»
يعني: زبان کي سني ڳالهائڻ جو عادي بڻاءِ، تہ جيئن سرزنش کان محفوظ رهين سگهين.

(غررالحکم، حديث ٣٣٢٦)



# اولاد جي تربيت ۽ اخلاق جي درميان ڳانڍاپو

تحرير: مولانا وقار حيدر رند (ڪراچي)

بيشڪ هر انسان جي شروعاتي تربيت جو دارو مدار ان جي والدين طرفان ڪيس ڏنل تعليم ۽ تربيت تي ٻڌل هوندو آهي ۽ انهيءَ جاءِ تي هو سٺين ۽ برين عادتن جو پهريون درس پرائي ٿو. جيڪڏهن تربيت جي مفهوم کي تڪويني ۽ تشريعي نگاهه سان ڏسجي ته پهرين درسگاهه ماءُ جو رحم ۽ والد جو صُلب آهي جيڪو اڻ سڌيءَ طرح فرزند جي وجود تي اثر انداز ٿئي ٿو ۽ سٺين يا برين عادتن لاءِ راهه هموار ڪري ٿو.

اسلامي حديثن ۾ ان بابت تمام اونهيون تعبيرون بيان ٿيون آهن جن منجهان ڪجهه ڏانهن اشارو ڪنداسين.

حضرت علي عليه السلام فرمائن ٿا:

«حُسْنُ الْأَخْلَاقِ بُرْهَانُ كَرَمِ الْأَعْرَاقِ».[1]

پاڪ ۽ نيڪ اخلاق، (والدين وٽان) انسان جي پسنديده ورثي جي دليل آهي.

هڪ ٻي جاءِ تي پاڻ فرمائن ٿا:

«عَلَيْكُمْ فِي طَلَبِ الْحَوَائِجِ بِشِرَافِ النُّفُوسِ ذَوِي الْأُصُولِ الطَّيِّبَةِ فَإِنَّهَا عِنْدَهُمْ أَقْضَى وَهِيَ لَدَيْهِمْ أَزْكَى».[2]

حاجتن جي طلب وقت اهڙن شريف‌النفس ماڻهن ڏانهن رجوع ڪيو جن پاڪيزه خاندانن ۾ پرورش پاتي هجي؛ ڇو جو نيازمندي انهن وٽان تمام بهتر صورت ۾ پوري ٿئي ٿي ۽ تمام پاڪيزه شڪل اپنائي ٿي.

حضرت علي عليه السلام، حضرت مالڪ اشتر کي اسلام جي لشڪر لاءِ لائق ۽ قابل سپهه سالارن جي انتخاب بابت هدايت ڪندي عهد نامي ۾ فرمائن ٿا:

«ثُمَّ الْصَقْ بِذَوِي الْمُرُوءَاتِ وَ الْأَحْسَابِ وَ أَهْلِ الْبُيُوتَاتِ الصَّالِحَةِ وَ السَّوَابِقِ الْحَسَنَةِ ثُمَّ أَهْلِ النَّجْدَةِ وَ الشَّجَاعَةِ وَ السَّخَاءِ وَ السَّمَاحَةِ فَإِنَّهُمْ جِمَاعٌ مِنَ الْكَرَمِ وَ شُعَبٌ مِنَ الْعُرْفِ».[3]

پوءِ مروت ۽ سٺي حسب رکندڙن ۽ نيڪ گهراڻن ۽ اڳوات کان نيڪ ڪردار خاندانن سان ڳنڍيل رهه ۽ ان کان پوءِ با همت، شجاعت، سخاوت ۽ بزرگواري رکندڙ انسانن سان، ڇو جو اهي فضيلت جو مرڪز ۽ نيڪين جو سرچشمو آهن.

ماءُ ۽ پيءُ پنهنجي اولاد جي شخصيت کي آلوده ڪرڻ ۾ ان حد تائين اثر رکن ٿا جو حضرت امام جعفر صادق عليه السلام جن جي حديث ۾ آيو آهي ته:

«أَيُّمَا امْرَأَةٍ أَطَاعَتْ زَوْجَهَا وَ هُوَ شَارِبُ الْخَمْرِ كَانَ لَهَا مِنَ الْخَطَايَا بِعَدَدِ نُجُومِ السَّمَاءِ وَ كُلُّ مَوْلُودٍ يَلِدُ مِنْهُ فَهُوَ نَجِس».[4]

هر عورت جيڪا پنهنجي مڙس جي ان حالت ۾ اطاعت ڪري جو ان شراب پيتو هجي (۽ ان سان همبستر ٿئي) ته ان عورت آسمان جي ستارن جي تعداد برابر گناهه ڪيا ۽ جيڪو فرزند ان مان پيدا ٿيندو اهو آلوده هوندو.

والدين جو پنهنجي اولاد جي تربيت ۾ ايترو ته اونهو اثر آهي جو حديث نبوي ۾ آيو آهي:

اولاد جي تربيت ۽ اخلاق جي درميان ڳانڍاپو

نالو ٻار جي روح تي تمام گهرو اثر رکي ٿو، عظيم شخصيتن جا سٺا نالا انسان کي انهن جي نزديڪ ڪرڻ ۾ ادا ڪن ٿا، تہ وري بدڪار انسانن جا برا نالا انسانن کي ڪانئن دور ڪن ٿا. اسلام بہ نفسياتي لحاظ سان ان ظريف مسئلي کان غفلت نہ ڪئي آهي ۽ سٺن ۽ برا نالا رکڻ جي باري ۾ حديث جي ڪتابن ۾ تمام گهڻي تفصيل آيل آهي.

«كُلُّ مَوْلُودٍ يُولَدُ عَلَى الْفِطْرَةِ حَتَّى يَكُونَ أَبَوَاهُ يُهَوِّدَانِهِ وَ يُنَصِّرَانِهِ وَ يُمَجِّسَانِهِ».[5]

هر نئون ڄمندڙ ٻار (توحيد ۽ اسلام جي پاڪ) فطرت تي هوندو آهي ، پر ان جا ماءُ، پيءُ ان کي يهودي، نصراني ۽ مجوسي ڪري ڇڏين ٿا.

گهر وارن جي تربيت جيڪا ايمان کي بہ لوڏي ڇڏي ٿي تہ پوءِ اها ايمان تي ڪيئن اثر انداز نہ ٿيندي.

اهوئي سبب آهي جو اولاد جي تربيت والدين جي مٿان تمام بنيادي حقن مان شمار ٿئي ٿي، حضرت امير المومنين علي عليه السلام جن فرمائن ٿا:

«حَقُّ الْوَلَدِ عَلَى الْوَالِدِ أَنْ يُحَسِّنَ اسْمَهُ وَ يُحَسِّنَ أَدَبَهُ وَ يُعَلِّمَهُ الْقُرْآنَ».[6]

فرزند جو پنهنجي والد تي هيءُ حق آهي تہ ان جو سٺو نالو رکي ۽ ان جي بهترين تربيت ڪري ۽ کيس قرآن جي تعليم ڏئي.

اها ڳالهہ واضح آهي تہ نالو ٻار جي روح تي تمام گهرو اثر رکي ٿو، عظيم شخصيتن جا سٺا نالا انسان کي انهن جي نزديڪ ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪن ٿا، تہ وري بدڪار انسانن جا برا نالا انسانن کي ڪانئن دور ڪن ٿا. اسلام بہ نفسياتي لحاظ سان ان ظريف مسئلي کان غفلت نہ ڪئي آهي ۽ سٺا ۽ برا نالا رکڻ جي باري ۾ حديث جي ڪتابن ۾ تمام گهڻي تفصيل آيل آهي.

هڪ ٻي حديث ۾ پاڻ سڳورا صلى الله عليه وآله فرمائن ٿا:

«ما نحل والد ولده أفضل من أدب حسن».[7] بهترين حصو يا ميراث جيڪا والد پنهنجي اولاد لاءِ ڇڏي ٿو، اهو ادب ۽ نيڪ تربيت آهي.

حضرت امام سجاد علي بن الحسين عليهما السلام انهيءَ بابت فرمائن ٿا:

«أَنَّكَ مَسْئُولٌ عَمَّا وُلِّيتَهُ بِهِ مِنْ حُسْنِ الْأَدَبِ وَ الدَّلَالَةِ عَلَى رَبِّهِ عَزَّ وَ جَلَّ وَ الْمَعُونَةِ لَهُ عَلَى طَاعَتِهِ».[8]

توتي (خاندان ۽ اولاد جي) سٺي تربيت ۽ پنهنجي پروردگار ڏانهن هدايت ۽ ان جي اطاعت بابت جيڪا ذميواري رکي وئي آهي، تون ان جو ذميوار آهين.

امير المومنين حضرت علي عليه السلام جي هڪ قول ۾ مليل ٿو تہ والدين جو اخلاق هڪ اهڙي ميراث آهي جيڪا اولاد جي تربيت ۾ اثرانداز ٿئي ٿي. پاڻ ان سلسلي ۾ فرمائن ٿا:

«خَيْرُ مَا وَرَّثَ الْآبَاءُ الْأَبْنَاءَ الْأَدَبُ».[9]

بهترين ميراث جيڪا والدين پنهنجي اولاد لاءِ ورثي ۾ ڇڏين ٿا، اها (بهترين) ادب (۽ سٺي تربيت) آهي.

هن موضوع کي حضرت علي عليه السلام جي نهج البلاغہ ۾ آيل قول سان پڄاڻيءَ تي پهچايون ٿا:

امام علي عليه السلام جاهل ماڻهن طرفان سندن شخصيت کي ٻين سان ڀيٽ ڪرڻ جي جواب ۾ فرمائن ٿا:

«وَ قَدْ عَلِمْتُمْ مَوْضِعِي مِنْ رَسُولِ اللَّهِ بِالْقَرَابَةِ الْقَرِيبَةِ وَ الْمَنْزِلَةِ الْخَصِيصَةِ وَضَعَنِي فِي حَجْرِهِ وَ أَنَا وَلِيدٌ يَضُمُّنِي إِلَى صَدْرِهِ وَ يَكْنُفُنِي فِي فِرَاشِهِ وَ يُمِسُّنِي جَسَدَهُ وَ يُشِمُّنِي عَرْفَهُ وَ كَانَ يَمْضَغُ الشَّيْءَ ثُمَّ يُلْقِمُنِيهِ وَ مَا وَجَدَ لِي كَذْبَةً فِي قَوْلٍ وَ لَا خَطْلَةً فِي فِعْلٍ».[10]

اوهين پيغمبر اڪرم صلى الله عليه وآله سان منهنجي قربت ۽ ويجهڙائپ ۽ خاص منزلت کي چڱيءَ طرح سان سڃاڻو ٿا، جڏهن ننڍڙو ٻار هئس تہ پاڻ مون کي پنهنجي هنج ۾ ويهاريندا هئا ۽ سيني سان لڳائيندا هئا. پنهنجي هنڌ تي سمهاريندا هئا ۽ پنهنجي هنياءَ سان لڳائي رکندا هئا ۽ مون کي مسلسل پنهنجي خوشبو سان سُرهو رکندا هئا ۽ غذا کي پنهنجي ڏندن سان چٻاڙي مون کي کارائيندا هئا نہ انهن ڪڏهن منهنجي بيان ۾ ڪو ڪوڙ ڏٺو نہ منهنجي ڪنهن عمل ۾ ڪا غلطي ڏٺي.

اڳتي فرمائن ٿا:

«وَ لَقَدْ كُنْتُ أَتَّبِعُهُ اتِّبَاعَ الْفَصِيلِ أَثَرَ أُمِّهِ يَرْفَعُ لِي فِي كُلِّ يَوْمٍ عِلْماً مِنْ أَخْلَاقِهِ وَ يَأْمُرُنِي بِالاقْتِدَاءِ بِهِ».[11]

۽ آئون بہ انهن سان گڏ ائين پنيان پنيان هلندو هوس، جيئن ڏاچي جو ٻچڙو پنهنجي ماءُ جي پنيان هلندو آهي،

ان ڳالھ کان ڪڏھن بہ انڪار نٿو ڪري سگھجي تہ نيڪ ۽ بري اخلاق جي واڌ ويجھ ۾ ٻين شين جو پڻ عمل دخل آھي جن مان والدين کان ورثي ۾ مليل اخلاق ۽ خاندان جي تربيت پڻ شامل آھي .. تنھن ڪري چئي سگھجي ٿو تہ بھترين معاشري کي ٺاھڻ جي لاءِ انسان جي سندس ماءُ جي جھولي ۾ تربيت پائڻ واري زماني تي تمام اونھي توجہ ڪرڻ جي ضرورت آھي ۽ ان زماني کي انسان جي شخصيت ٺاھڻ جي حوالي سان ڪڏھن بہ وساري نٿو سگھجي.

ھو روزانو منھنجي اڳيان پنھنجي اخلاق جو ڪونہ ڪو نقطو پيش ڪندا ھئا ۽ مون کي اھو اختيار ڪرڻ جو حڪم ڏيندا ھئا.

ڪيتري نہ دلچسپ ڳالھ آھي جو امام عليه السلام اھو فرمائڻ سان گڏ پيغمبر اسلام ﷺ جي بھترين اخلاق جي باري ۾ فرمائن ٿا:

«وَلَقَدْ قَرَنَ اللهُ بِهِ ص مِنْ لَدُنْ أَنْ كَانَ فَطِيماً أَعْظَمَ مَلَكٍ مِنْ مَلَائِكَتِهِ يَسْلُكُ بِهِ طَرِيقَ الْمَكَارِمِ وَ مَحَاسِنَ أَخْلَاقِ الْعَالَمِ لَيْلَهُ وَ نَهَارَه».[١٢]

جنھن زماني کان رسول خدا ﷺ ماءُ جي ٿڃ ڇڏيائون، تہ الله تعالیٰ سندس فرشتن مان ھڪ عظيم فرشتي کي ساڻن گڏ رکيو جيڪو ڏينھن توڙي رات کين نيڪ صفتن ۽ دنيا جي بھترين اخلاقن جي تربيت ڪندو ھو.

اھا ڳالھ صحيح آھي تہ چڱو توڙي برو عمل انسان جي ارادي سان ئي وجود ۾ اچي ٿو، پر ان ڳالھ کان ڪڏھن بہ انڪار نٿو ڪري سگھجي تہ نيڪ ۽ بري اخلاق جي واڌ ويجھ ۾ ٻين شين جو پڻ عمل دخل آھي جن مان والدين کان ورثي ۾ مليل اخلاق ۽ خاندان جي تربيت پڻ شامل آھي ۽ ھيءُ مسئلو نہ فقط علمي ۽ منطقي حوالي سان ثابت آھي پر تمام گھڻا عيني شاھد ۽ تجربا بہ ان تي گواھ آھن جن جو انڪار نٿو ڪري سگھجي. تنھن ڪري چئي سگھجي ٿو تہ بھترين معاشري کي ٺاھڻ جي لاءِ انسان جي سندس ماءُ جي جھولي ۾ تربيت پائڻ واري زماني تي تمام اونھي توجہ ڪرڻ جي ضرورت آھي ۽ ان زماني کي انسان جي شخصيت ٺاھڻ جي حوالي سان ڪڏھن بہ وساري نٿو سگھجي.

**حوالا:**


1. غرر الحکم و درر الکلم ، ص ٣٤٦.
2. ساڳيو حوالو، ص٤٨١.
3. نھج البلاغہ، خط:٥٣.
4. ارشاد القلوب الی الصواب، ج١، ص١٧٥.
5. امالي سيد مرتضیٰ، ج ٢، ص ٨٢.
6. نھج البلاغہ، حکمت ٣٩٩.
7. نھج الفصاحة، ص٦٦٩.
8. بحارالانوار، ج ٧١، ص ٦.
9. غرر الحکم و درر الکلم ، ص ٣٥٩.
10. نھج البلاغہ، خطبو، ١٩٢.
11. ساڳيو حوالو.
12. ساڳيو حوالو.


## قيامت ۾ سوال

پاڻ سڳورن (ص) فرمايو:

«لا تَزولُ قَدَما عَبدٍ يَومَ القيامَةِ حَتّى يُسأَلَ عَن أَربَعٍ عَن عُمُرِهِ فيما أَفناهُ وَ عَن شَبابِهِ فيما أَبلاهُ وَ عَن مالِهِ مِن أَينَ اَكتَسَبَهُ وَ فيما أَنفَقَهُ وَ عَن حُبِّنا أَهلَ البَيتِ (ع)»

قيامت جي ڏينھن انسان وک نہ کڻندو مگر کانئس چئن شين بابت سوال ڪيو ويندو:

سندس عمر بابت تہ ڪيئن گذاريائين

سندس جواني بابت جنھن منجھ خرچ ڪيائين

سندس ثروت بابت تہ ڪٿان آندائين ۽ ڪٿي خرچ ڪيائين

۽ اسان اھل بيت (ع) جي محبت بابت.

(امالي (صدوق) ص٩٣ - خصال ج١ ، ص ٣٥٢، ح ٥٢١)

# بصيرت

## رهبر معظم آيت الله العظمیٰ سيد علي خامنه اي (مدظله) جي نگاه ۾

سنڌيڪار: مولانا رياض حسين پتافي (ساجدي) (پانڊي شريف)



زير نظر مقالو **ولي امر مسلمين رهبر معظم** آيت الله العظميٰ **خامنه اي** سان مختلف حڪومتي عهديدارن جي ڪيل ملاقات ۾ تڪفيري فڪر جي پس منظر جي سلسلي ۾ ڏنل سندن بيانن تي مشتمل آهي جيڪو هڪ مضمون جي صورت ۾ سهيڙي اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿو.

............................................. (ادارو)

ڇا اسان هيسٽائين پاڻ کان پڇيو آهي ته ڪهڙي سببن جي ڪري ڪجهه ماڻهو بصيرت کان دور ٿي صحيح ۽ غلط جي تشخيص ڏئي نه ٿا سگهن؟ رستي کي هٽان نه وڃائڻ جي لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ رستو ڪيئن معلوم ڪرڻ گهرجي؟ ۽ دشمن جي فريب ڏيندڙ وسوسن جو شڪار ٿيڻ کان ڪيئن بچجي؟ ان سلسلي ۾ رهبر معظم حضرت آيت الله خامنه اي (دام ظله العالي) ڪيترائي ڀيرا تاڪيد ڪندي فرمائن ٿا: «جيڪڏهن توهان جنگ جي ميدان ۾ رستي کان واقف نه هوندئو، جيڪڏهن نقشي کي نه پڙهي سگهندئو، جيڪڏهن توهان جي اختيار ۾ قطب نما نه هوندو، هڪ ڏينهن ڏسندئو ته دشمن جي گهيري ۾ اچي ويا آهيو: رستو ڀلجي ويا آهيو ۽ (ائين) دشمن توهان مٿان مسلط ٿي ويندو. اهو قطب نما «بصيرت» آهي».[1]

رهبر معظم سندن مختلف تقريرن جي دوران ان مسئلي جي مختلف پهلوئن تي توجه ۽ ڌيان ڏياريندا رهيا آهن ۽ ان ۾ حقيقتن کي واضح ڪرڻ لاءِ عهدن جي مالڪ شخصيتن جي ڪردار کي وائڪو ڪندا رهيا آهن. ان مسئلي جي اهميت کي مدنظر رکندي سندن ڪجهه بيانن کي عنوان سان گڏ نقل ڪيون ٿا، ته جيئن اها شيءِ آينده نسل لاءِ هدايت ۽ رهنمائي بڻجي ۽ سيئي سندن بيانن تي عمل ڪندي سندن ديني ۽ انقلابي وظيفي تي عمل ڪري سگهن.

### بصيرت جي اهميت

«آئون جيڪو ڪجهه سالن کان وني هميشه بصيرت بابت تاڪيد ڪندو اچان، اهو ان ڪري ته جڏهن هڪ ملت ۽ قوم وٽ بصيرت هجي، هڪ ملڪ جي جوانن وٽ بصيرت هجي ته اهي هوش ۽ حواس سان قدم کڻندا. دشمن جا سيئي تير انهن جي مقابلي ۾ مُڏا ٿي ويندا. بصيرت اها آهي. جڏهن بصيرت هوندي ته فتني جو غبار انهن کي گمراه نه ڪري سگهندو، انهن کي غلط فهمي



اڄ ڪلهه جي تمام پيچيده اجتماعي زندگيءَ ۾ بصيرت کان سواءِ قدم نہ ٿو کڻي سگهجي. نوجوانن کي فڪر ڪرڻ گهرجي، سوچڻ گهرجي. هو سنڌن بصيرت کي وڌائين. اسان جي معاشري ۾ يونيورسٽين ۽ ديني مدرسن جا استاد ۽ ذميوار ماڻهو جيڪي علم ۽ ثقافت جا مالڪ آهن، کين گهرجي تہ بصيرت جي مسئلي کي اهميت ڏين: هدف ۾ بصيرت، وسيلي ۾ بصيرت، دشمن جي شناخت ۾ بصيرت، رڪاوٽن کي سڃاڻڻ ۾ بصيرت، انهن رڪاوٽن کي دور ڪرڻ جي طريقن ۾ بصيرت. اهي بصيرتون ضروري آهن

جو شڪار نہ ڪندو. جيڪڏهن بصيرت ناهي تہ انسان جي جيتوڻيڪ نيت صحيح بہ هجي تڏهن بہ هو غلط رستي تي قدم رکي ڇڏيندو».[2]

## تعليم يافتہ طبقي جي لاءِ بصيرت جي ضرورت

«اڄ ڪلهه جي تمام پيچيده اجتماعي زندگيءَ ۾ بصيرت کان سواءِ قدم نہ ٿو کڻي سگهجي. نوجوانن کي فڪر ڪرڻ گهرجي، سوچڻ گهرجي، هو سنڌن بصيرت کي وڌائين. اسان جي معاشري ۾ يونيورسٽين ۽ ديني مدرسن جا استاد ۽ ذميوار ماڻهو جيڪي علم ۽ ثقافت جا مالڪ آهن، کين گهرجي تہ بصيرت جي مسئلي کي اهميت ڏين: هدف ۾ بصيرت، وسيلي ۾ بصيرت، دشمن جي شناخت ۾ بصيرت، رڪاوٽن کي سڃاڻڻ ۾ بصيرت، انهن رڪاوٽن کي دور ڪرڻ جي طريقن ۾ بصيرت، اهي بصيرتون ضروري آهن... بصيرت جو مطلب آهي تہ توهان اهو ڄاڻو تہ ڇا ٿا چاهيو، تہ جيئن اهو سمجهي سگهو تہ پاڻ سان گڏ ڪهڙي شيءِ رکي سگهو».[3]

## خيانتڪارن جي شناخت ۾ بصيرت جو ڪردار

«آئون ڪيترائي دفعا بصيرت تي تاڪيد ڪري چڪو آهيان، اهو ان ڪري تہ ماڻهو سمجهن تہ ڇا ٿي رهيو آهي: ماڻهو ڏسن تہ جيڪو هٿ استعمال ٿي رهيو آهي، ميدان ۾ گوڙ گمسان مچائي رهيو آهي تہ جيئن ماڻهن جي ڀيڙ جو فائدو وٺندي، هڪ خيانتڪار عنصر، هڪ سڪيا ورتل عنصر اچي اهو ڪم ڪري وڃي جيڪو هو (دشمن) چاهي ٿو ۽ (اهو ڪم ان انداز ۾ ڪري جو) ان کي ماڻهن ۾ ڳولهي بہ نہ سگهجي (ماڻهن ۾ رهي اهو ڪم ڪري). دشمن اهو ڪم ڪرڻ چاهي ٿو. جنهن ڪم جي پڇاڙي بصيرت تي ٿئي، جنهن سان خيانتڪارن ۽ بدخواهہ عنصرن کي ماڻهن جي ميڙ مان ٻاهر ڪڍي جدا ڪري سگهجي اهو بهترين ڪم آهي. هر اهو قدم جيڪو فضا کي ڏنڌلو ڪري ڇڏي، ماڻهن کي هڪٻئي جي حوالي سان شڪ جو شڪار بڻائي ڇڏي، ماحول تهمت وارو بڻجي وڃي، ان ۾ ڏوهاري ۽ مظلوم هڪٻئي سان گڏجي وڃن (هڪٻئي کي جدا نہ ڪري سگهجي) تہ اهو ماحول نقصانڪار آهي».[4]

## ولايت جي رستي تي باقي رهڻ جي لاءِ بصيرت جي ضرورت

«جيڪي ماڻهو اميرالمومنين علي عليه السلام جي اردگرد هيا، جيڪي جمي وڙهيا، انهن تمام وڏي بصيرت جو مظاهر ڪيو. مون ڪيترا ئي دفعا حضرت امير المومنين عليه السلام جو هيءُ جملو نقل ڪيو آهي: هن پرچم کي فقط اهو کڻي سگهي ٿو جيڪو بصر (بصيرت) ۽ صبر جو مالڪ هجي.[5] سڀ کان پهرين بصيرت جي ضرورت آهي. اها ڳالهہ سمجهڻ جي ضرورت آهي تہ ايترن مسئلن جي هوندي، اميرالمومنين عليه السلام جون مشڪلات ڪهڙي قسم جون هيون، يا ڪجهہ ماڻهن جي انهن روين جي هوندي جيڪي اسلام جا پيروڪار هجڻ جي دعوىٰ ڪندي بہ اميرالمومنين عليه السلام سان جنگ ڪري رهيا هيا ۽ غلط ڳالهيون ڪري رهيا هيا، (پاڻ لاءِ اهو ڪيڏو وڏو مشڪل موڙ هو؟)».[6]

## فتني واري حالات ۾ دوست ۽ دشمن کي سڃاڻڻ جي لاءِ بصيرت جي ضرورت

«پنهنجي بصيرت کي مٿي کڻي اچو، پنهنجي هوش ۽ حواس کي مٿي کڻي اچو. مون ڪيترائي دفعا امير المومنين جو هيءُ جملو نقل ڪيو آهي:

«لاَ يَحْمِلُ هذَا الْعَلَمَ إِلاَّ أَهْلُ الْبَصَرِ وَالصَّبْرِ»: توهان کي خبر هجڻ گهرجي امير المومنين علي عليه السلام جي پرچم جون مشڪلات پيغمبر اسلام صلي الله عليه وآله جي پرچم جي مشڪلات کان ڪن لحاظن سان گهٽيون هيون: ڇاڪاڻ تہ پيغمبر اسلام صلي الله عليه وآله جي پرچم ۾ دشمن معلوم هيا تہ دوست بہ معلوم هيا، پر امير المومنين علي عليه السلام جي پرچم ۾ دشمن ۽ دوست ايترو واضح نہ هيا».[7]



اي پيارا نوجوانو! جيترو ٿي سگھي پنھنجي بصيرت وڌائڻ، پنھنجي بصيرت کي اونھو ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪيو. اھا اجازت نہ ڏيو تہ دشمن توھان جي بي بصيرتي مان غلط فائدو وٺي؛ دشمن، دوست جي صورت ۾ سامھون اچي، حقيقت باطل جي صورت ۾ ۽ باطل حقيقت جي لباس ۾ سامھون اچي. امير المومنين علي (ع) ھڪ خطبي ۾ معاشري جي تمام اھم مشڪل ان کي ٿا ڄاڻائين: (فتنن ۾ پوڻ جو آغاز اھي خواھشون ھونديون آھن جن جي پيروي ڪئي وڃي ۽ اھي ھٿ ٺوڪيا احڪام ھوندا آھن جن ۾ الله جي ڪتاب جي مخالفت ڪئي وڃي)

## دشمن جي حملي کان بچاءَ جي لاءِ

«ھيءُ تجربو اسان جي لاءِ، اسان سيني جي لاءِ، ھر ماڻھو جي لاءِ ھڪ خبردار ڪندڙ تجربو ھجي، تہ جيڪڏھن اسان پنھنجي سياسي ۽ اجتماعي زندگيءَ جي ميدان ۾ بدگمان ھجون، دشمن جي اک سان ھڪبئي ڏانھن ڏسون تہ اسان جي اصلي دشمن کي ھڪ موقعو ملي ويندو. جيڪڏھن فڪر نہ ڪيون، جيڪڏھن اسان وٽ بصيرت نہ ھجي، جيڪڏھن اسان وساري ويھون تہ دشمن انقلاب (کي ختم ڪرڻ لاءِ ان) جي اوٽ ۾ وينو آھي، تہ اسان نقصان ڪائينداسين، ھيءَ ڳالھ اسان لاءِ تجربي سان ثابت ٿي چڪي آھي».[٨]

## حق ۽ باطل جي ملي جُلي وڃڻ کان روڪٿام جي لاءِ

«اي پيارا نوجوانو! جيترو ٿي سگھي پنھنجي بصيرت وڌائڻ، پنھنجي بصيرت کي اونھو ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪيو. اھا اجازت نہ ڏيو تہ دشمن توھان جي بي بصيرتي مان غلط فائدو وٺي؛ دشمن، دوست جي صورت ۾ سامھون اچي، حقيقت باطل جي صورت ۾ ۽ باطل حقيقت جي لباس ۾ سامھون اچي. امير المومنين علي عليه السلام ھڪ خطبي ۾ معاشري جي تمام اھم مشڪل ان کي ٿا ڄاڻائين:

«إِنَّمَا بَدْءُ وُقُوعِ الْفِتَنِ أَهْوَاءٌ تُتَّبَعُ، وَأَحْكَامٌ تُبْتَدَعُ، يُخَالَفُ فِيهَا كِتَابُ اللهِ».[٩] يعني: فتنن ۾ پوڻ جو آغاز اھي خواھشون ھونديون آھن جن جي پيروي ڪئي وڃي ۽ اھي ھٿ ٺوڪيا احڪام ھوندا آھن جن ۾ الله جي ڪتاب جي مخالفت ڪئي وڃي».

پاڻ انھيءَ ئي خطبي ۾ فرمائن ٿا: «جيڪڏھن حق ماڻھن آڏو کلم کلا ظاھر ٿي پوي تہ ڪو بہ ماڻھو حق جي مقابلي ۾ پنھنجي زبان نہ کولي سگھندو. جيڪڏھن باطل بہ پاڻ کي کلم کلا ظاھر ڪري ڇڏي تہ ماڻھو باطل جي طرف نہ ويندا».

امير المومنين علي عليه السلام فرمائن ٿا:

«وَلٰكِن يُؤْخَذُ مِنْ هٰذَا ضِغْثٌ، وَمِنْ هٰذَا ضِغْثٌ، فَيُمْزَجَانِ؛»[١٠] يعني: پر ڪجھ حصو ھتان (حق مان) ۽ ڪجھ حصو ھتان (باطل مان) ڪنيو ويندو آھي، پوءِ ٻنھي کي ملايو ويندو آھي». جيڪي ماڻھو عام ماڻھن کي گمراھ ڪرڻ چاھيندا آھن تہ اھي نج باطل پيش نہ ڪندا آھن؛ بلڪ باطل ۽ حق کي ھڪبئي سان ملائي پيش ڪندا آھن. ان وقت نتيجو ھيءُ ٿيندو آھي جنھن جي لاءِ علي عليه السلام فرمائن ٿا:

«فَهُنَالِكَ يَسْتَوْلِي الشَّيْطَانُ عَلَىٰ أَوْلِيَائِهِ».[١١] يعني: «اتي شيطان سندن دوستن جي مٿان مسلط ٿي ويندو آھي». اتي حق ان جي پيروڪارن لاءِ بہ لڪي ويندو آھي. ھيءُ اسان جو بنيادي مسئلو آھي. اسان ان ڳالھ جي اجازت نہ ڏيون تہ حق ۽ باطل مِلي جُلي وڃن».[١٢]

## خاموشي ۽ معاشري جي ذميوار افراد جو فتني جي حالات ۾ غير جانبدار رھڻ

«ھيءُ بہ عرض ڪندو ھلان تہ ڪجھ ماڻھو فتني جي ماحول ۾ (امير المومنين علي عليه السلام) جي ھن جملي (كُنْ فِي الْفِتْنَةِ كَابْنِ اللَّبُونِ، لاَ ظَهْرٌ فَيُرْكَبَ، وَلاَ ضَرْعٌ فَيُحْلَبَ)[١٣] جو صحيح مطلب مراد نہ ٿا وٺن اھي اھو سمجھن ٿا تہ ان جو مطلب ھيءُ آھي تہ جڏھن فتنو ٿئي، حالات مونجھاري جو شڪار ٿي وڃن، تہ ان وقت غير جانبدار ٿي وڃ! ڪنھن بہ صورت ۾ ان جملي ۾ ائين ناھي تہ غير جانبدار ٿي وڃ! ان جي معنىٰ ھيءَ آھي تہ: ڪنھن بہ صورت ۾ فتني باز توکي استعمال نہ ڪري ڪنھن بہ طريق سان بہ نہ. «لاَ ظَهْرٌ فَيُرْكَبَ، وَلاَ ضَرْعٌ فَيُحْلَبَ»: نہ تو تي سوار ٿي سگھي ۽ نہ وري ڏھي سگھي. تنھن ڪري اکيون کولڻ جي ضرورت آھي. ڪڏھن ڪڏھن خاموشي اختيار ڪرڻ، غير جانبدار ٿيڻ ۽ نہ ڳالھائڻ پڻ فتني جي مدد ۾ شمار ٿين ٿا. فتني جي ميدان ۾ سيني کي بصيرت کان ڪم وٺڻ جي ضرورت آھي».[١٤]



امير المومنين علي(ع) جي هن جملي (كُنْ فِي الْفِتْنَةِ كَابْنِ اللَّبُونِ، لاَ ظَهْرٌ فَيُرْكَبَ، وَلاَ ضَرْعٌ فَيُحْلَبَ) جو صحيح مطلب مراد نہ ٿا وٺن اهي اهو سمجهن ٿا تہ ان جو مطلب هيءَ آهي تہ جڏهن فتنو ٿئي، حالات مونجهاري جو شڪار ٿي وڃن، تہ ان وقت غير جانبدار ٿي وڃ! ڪنهن بہ صورت ۾ ان جملي ۾ ائين ناهي تہ غير جانبدار ٿي وڃ! ان جي معنيٰ هيءَ آهي تہ: ڪنهن بہ صورت ۾ فتني باز توکي استعمال نہ ڪري ڪنهن بہ طريق سان بہ نہ. (لاَ ظَهْرٌ فَيُرْكَبَ، وَلاَ ضَرْعٌ فَيُحْلَبَ)، نہ تو تي سوار ٿي سگهي ۽ نہ وري ڏهي سگهي، تنهن ڪري اکيون کولڻ جي ضرورت آهي.

**حوالا:**


١ . ايران جي شهرن چالوس ۽ نوشهر جي عام مجمعي کي خطاب، ١٥ مهر ١٣٨٨ شمسي

٢. ايران جي شهرن چالوس ۽ نوشهر جي عام مجمعي کي خطاب، ١٥ مهر ١٣٨٨ شمسي

٣. ايران جي شهرن چالوس ۽ نوشهر جي عام مجمعي کي خطاب، ١٥ مهر ١٣٨٨ شمسي

٤. ملڪ جي بسيجي جوانن جي وڏي ميڙ کي خطاب ١٥ آذر ١٣٨٨ شمسي

٥. نهج البلاغہ، خطبو ١٧٣.

٦ . تهران جي نماز جمعہ ۾ ١٨ دي ماه ١٣٧٧ شمسي ۾ رهبر معظم جي ڏنل خطبي مان چونڊ

٧. سنڌن محافظن کي ڪيل خطاب ۾ ٢١ مرداد ١٣٨٨ شمسي.

٨. ايران جي ڏهين صدر کي منصوب ڪرڻ وقت سنڌن بيان. ١٢ مرداد ١٣٨٨ شمسي.

٩. نهج البلاغہ، خطبو ٥٠.

١٠ . نهج البلاغہ، خطبو ٥٠.

١١ . نهج البلاغہ، خطبو ٥٠.

١٢. ايران جي شهرن چالوس ۽ نوشهر جي عام مجمعي کي خطاب، ١٥ مهر ١٣٨٨ شمسي

١٣. نهج البلاغہ، حڪمت ١. يعني: فتني ۽ فساد ۾ ڏاچي جي ٻن سالن جي ٻچي وانگر ٿي رهہ، جيڪو نہ سواري جي لائق ۽ نہ ڏهڻ جي قابل هوندو آهي.

١٤. مجلس خبرگان رهبري جي نمائندن کي خطاب ٢ مهر ١٣٨٨ شمسي


## بصيرت

بصيرت، انسان جي شخصيت ۽ نفس ۾ اونهي غور ۽ فڪر جو نالو آهي.

حضرت عليؑ ان سلسلي ۾ فرمائن ٿا:

«أَفْضَلُ الْمَعْرِفَةِ مَعْرِفَةُ الْإِنْسَانِ نَفْسَه»

يعني:

انسان جي وڏيڪ فضيلت واري معرفت، پنهنجي پاڻ جي معرفت آهي.

(غرر الحڪم، ج 7، ص 378)

۽ اهڙي ريت فرمايائون:

«عَجِبْتُ لِمَنْ يَجْهَلُ نَفْسَهُ كَيْفَ يَعْرِفُ رَبَّه»

مون کي تعجب آهي ان شخص تي جيڪو پاڻ کي نہ ٿو سڃاڻي تہ پنهنجي پالڻهار کي ڪيئن سڃاڻندو؟

(غرر الحڪم، ج 7، ص 378)

۽ اهڙي ريت فرمايائون:

«مَنْ عَرَفَ نَفْسَهُ فَقَدِ انْتَهَى إِلَى غَايَةِ كُلِ مَعْرِفَةٍ وَ عِلْم»

جنهن پاڻ کي سڃاتو، اهو معرفت ۽ علم جي آخري درجي تائين پهچي ويو.

(غرر الحڪم، ج 7، ص 378)

# پارسا پهلوان
## (مقدس اردبيلي قدس سره)



تحرير: مولانا نظير احمد چانڊيو (بهشتي) (ڪوٽڙي)

### ولادت ۽ تعليم

ڏهين صدي هجري قمري ۾ اردبيل شهر ۾ هڪ سعادتمند ٻار جي ولادت ٿي. جيڪو علمي مرحلا طئي ڪرڻ ۽ معنوي ڪمال حاصل ڪرڻ ڪان بعد علم، معرفت، زهد ۽ پرهيزگاري جي ان درجي تي پهتو جو چار صديون گذري وڃڻ جي باوجود بہ اڄ پرهيزگارن ۽ عالمن لاءِ نمونہ عمل آهي.

سندس نالو احمد، پيءُ جو نالو محمد ۽ پاڻ اهل بيت عليهم السلام سان محبت رکندڙ خاندان منجهان هو. ڪجهہ عرصو پڙهڻ ڪان پوءِ اعلي ديني تعليم ۽ معنوي فضيلتون حاصل ڪرڻ خاطر نجف اشرف ڏانهن روانو ٿيو ۽ پرهيزگارن جي امام حضرت علي عليہ السلام جي پاڪ روضي جي پاسي ۾ علم ۽ فضيلت حاصل ڪرڻ لڳو.

سيد علي صائغ وٽ اهم علوم ۽ فقہ جي تعليم حاصل ڪيائين. علي صائغ پاڻ شهيد ثاني جي چونڊيل شاگردن منجهان هو جنهن سان استاد تمام گهڻي محبت ڪندو هو.[1]

هميشہ علم جي ڳولا ۾ مشغول رهيو ۽ پنهنجي پوري برڪت ڀري زندگي ۾ سکڻ ۽ علم پرائڻ جو ڪو موقعو هٿان نہ وڃايو. جتي بہ ڪيس عالم يا دانشور جو پتو پوندو هو ڊوڙي اتي پهچندو هو ۽ سندس علم ۽ معرفت منجهان فيضياب ٿيندو هيو. اهو ئي سبب آهي جو مشهور فلسفي جمال الدين دواني جي شاگرد عالم ۽ فلسفي جمال الدين محمود ڪان فيض پرائڻ خاطر شيراز هجرت ڪيائين ۽ ڪجهہ عرصو ڪانئس فيضياب ٿيو. پنهنجي همت سان علم ۽ عمل جي دنيا ۾ پير پاتائين ۽ زهد ۽ پرهيزگاري ۾ ان درجي تي پهتو جو مقدس جو لقب ماڻيائين. وري تحقيق ۽ ڳوڙهي گهري مطالعي ۾ ايتري مهارت حاصل ڪيائين جو محقق جو لقب ماڻيائين.

### بزرگن جي ڪلام ۾

پاڻ انهن عالمن منجهان آهي جن کي گهڻن عالمن ۽ فقيهن ساراهيو آهي. محقق اردبيلي جي زماني جو عالم سيد مصطفي تفرشي لکي ٿو: عظمت، اطمينان ۽ امانت ۾ سندس چرچو هو ۽ ڪنهن بيان جا محتاج نہ هئا ۽ اهڙا لفظ ناهن جن سان سندس تعريف بيان ڪري سگهجي. پاڻ هڪ فقيہ متڪلم، وڏي شان وارا، بلند مرتبي جا مالڪ، پنهنجي زماني جا سڀ ڪان وڌيڪ پرهيزگار، عبادت گذار ۽ متقي هئا.[2]

شيخ حر عاملي جيڪو پاڻ نامور عالمن منجهان آهي لکي ٿو: احمد بن محمد اردبيلي هڪ فاضل عالم، عبادتگذار محقق، پروسي جوڳو ۽ پاڪ، وڏي شان وارو، بلند مرتبي وارو ۽ شيخ بهائي جي زماني جو عالم هو.[3]

علامہ مجلسي عليہ الرحمہ لکي ٿو: محقق اردبيلي نفس جي پاڪائي، تقوئ ۽ زهد ۽ فضيلت ۾ آخري درجي تي پهتو ۽ متقدم ۽ متاخر عالمن ۾ ان جهڙي شخصيت جي مالڪ عالم ڪان آگاهہ نہ آهيان. سندس ڪتاب وڏا تحقيقي ۽ اونها آهن.[4]

عظيم محدث شيخ عباس قمي لکي ٿو: وڏي مرتبي وارو، رباني عالم، فقيہ ۽ محقق صمداني جيڪو محقق اردبيلي جي نالي سان مشهور آهي... علم، فضيلت، عبادت، زهد، تقوئ، عزت، ڀروسي جوڳو هجڻ ۽ پرهيزگاري ۾ ان درجي تي پهتو جو سندس وصف بيان نہ ٿي ڪري سگهجي. پرهيزگاري ۽ پاڪائي ۾ ان مقام تي پهتو جو

جڏهن مقدس اردبيلي علمي ۽ تبليغي سرگرمين ۾ حصو ورتو تہ نجف صفا خاموش هو ۽ ايترو سرگرم نہ هو ۽ اتي صفا ٿورا طالبعلم تحصيل ۾ مشغول هئا. ۽ حوزه علميہ شيخ طوسي واري زماني ۾ جهڙي سرگرمي ۽ عظمت کان وانجهيل هو. اهڙي زماني ۾ علم کي زنده ڪندڙ هڪ پاڪ ۽ فضيلت ڀرئي انسان قيام ڪيو ۽ پنهنجي زهد، تقويٰ ۽ صبر سان ڪمين ڪوتاهين جو مقابلو ڪيو ۽ پنهنجي معنويت سان نجف جي حوزي کي پاڪيزگي عطا ڪري ان ۾ روح ڦوڪيو

ان جا مثال ڏنا وڃن، حقيقت اها آهي تہ ان فضيلت ڀرئي عالم جي جمال جا شعاع ۽ حسن جا پاڇولا ايترا چٽا آهن جو ڪنهن جي نظر کان اوجهل ناهن.[5]

## مقدس اردبيلي ۽ صفوي دربار

مختلف ديني ۽ سياسي سببن ۽ حڪومتي مصلحتن خاطر صفوي بادشاه ديني عالمن جي احترام ۽ انهن جي خيال رکڻ سان گڏ مختلف امور ۾ انهن سان مشورو ڪندا هئا. جيتوڻيڪ اهو احترام ڪرڻ ۽ عزت ڏيڻ گهٽي ڀاڱي انهن جي پنهنجي حيثيت بچائڻ ۽ شيعہ سماج جي حمايت حاصل ڪرڻ خاطر هئي جو شيعہ سماج عالمن ۽ فقيهن جي حڪم جو مطيع هو، ٻئي پاسي کان عالم بہ ان فرصت مان مڪتب تشيع جي ڦهلاءُ ۽ نفاذ لاءِ تمام گهڻو فائدو وٺندا هئا ۽ حقيقت ۾ انهن جي صفوي بادشاهن سان رابطي جو تشيع جي پکيڙ ۽ نفاذ ۾ وڏو اهم ڪردار رهيو آهي، ايتري تائين جو ان زماني ۾ تشيع حاشيئي کان ٻاهر نڪتي ۽ مذهب تشيع جي رسمي ٿيڻ سان وڏي پئماني تي شيعہ تعليمات ۽ افڪار جي نشر و اشاعت ٿي ۽ وڏن دانشورن جهڙوڪ: محقق ثاني، شيخ بهائي ۽ علامہ مجلسي، صفوي درباري سياست ۾ تبديليون آڻي تشيع جي ترويج ۽ تبليغ جي ميدان ۾ اسلام ۽ شيعت لاءِ بيمثال خدمتون انجام ڏنيون. جنهن ڪري اهو زمانو شيعي فڪر جي اوج تي پهچڻ جو زمانو بڻجي ويو.

مقدس اردبيلي بہ اهڙن عالمن منجهان آهي جن صفوي دربار سان رابطي ۾ رهي تشيع جي ڦهلاءُ ۽ شيعن جون مشڪلات حل ڪرڻ ۾ وڏي جاکوڙ ڪئي. جيتوڻيڪ شاه عباس صفوي پاران نجف ڇڏي اچي ايران خدمت ڪرڻ واري درخواست جو پاڻ نهڪار ۾ جواب ڏنائون، پر هميشہ صفوي دربار کي تذڪر ڏيندا هئا. تاريخ انهن واقعن منجهان ڪجهہ کي نقل ڪيو آهي.[6]

لکيو اٿن تہ: هڪ ڀيري صفوي دربار ۾ ڪم ڪندڙ هڪ ڪاريگر تي شاه عباس غضبناڪ ٿيو ۽ ان اچي مقدس اردبيلي وٽ پناه ورتي تہ مقدس اردبيلي ڪيس خط لکي ڏنو تہ جيئن شاه ان کي معاف ڪري. مقدس اردبيلي جو شاه عباس ڏانهن لکيل خط هن ريت هو: باني ملڪ عباس! تو کي معلوم هجڻ گهرجي تہ جيتوڻيڪ هي مرد پهريان ظالم هو ليڪن هاڻي مظلوم ٿو نظر اچي، ان جي غلطي کي معاف ڪر تہ شايد الله سائين بہ تنهنجا ڪجهہ ڏوه معاف ڪري شاه ولايت جو ٻانهو احمد اردبيلي.

هي انهن عجيب خطن منجهان آهي جنهن ۾ شاه جي ذري برابر بہ تعريف نہ ڪئي وئي آهي ۽ مقدس اردبيلي ان ۾ پاڻ کي مولا علي عليہ السلام جي نوڪرن مان ڄاڻايو آهي. نہ شاه جي خدمتگزارن مان. شاه عباس يڪدم مقدس اردبيلي جي دستور تي عمل ڪيو ۽ هن ريت جواب لکيو:

عرض خدمت آهي تہ توهان جو حڪم اکين تي ٻيو عرض اهو تہ هن محب کي خير جي دعائن ۾ نہ وسارجو، علي جي آستاني جو ڪلب عباس.[7]

## نجف جي حوزي کي زنده ڪرڻ وارو

سالن جي پڙهائي ۽ تحقيق کان پوءِ مقدس بيمثال عالم ۽ فقيه بڻجي ويو هو. ۽ گهڻو وقت نہ گذريو جو مقدس شيعن جو اڳواڻ ۽ حوزه علميہ نجف جو رئيس بڻجي ويو. جڏهن مقدس اردبيلي علمي ۽ تبليغي سرگرمين ۾ حصو ورتو تہ نجف صفا خاموش هو ۽ ايترو سرگرم نہ هو ۽ اتي صفا ٿورا طالبعلم تحصيل ۾ مشغول هئا. ۽ حوزه علميہ شيخ طوسي واري زماني ۾ جهڙي سرگرمي ۽ عظمت کان وانجهيل هو. اهڙي زماني ۾ علم کي زنده ڪندڙ هڪ پاڪ ۽ فضيلت ڀرئي انسان قيام ڪيو ۽ پنهنجي زهد، تقويٰ ۽ صبر سان ڪمين ڪوتاهين جو مقابلو ڪيو ۽ پنهنجي معنويت سان نجف جي حوزي کي پاڪيزگي عطا ڪري ان ۾ روح ڦوڪيو. ۽ نجف جي حوزي کي محقق طالبعمن لاءِ هڪ مرڪز بڻايو ۽ علم جي عاشقن کي حوزي ڏانهن ڇڪيو.

آيت الله سيد حسن صدر ان بابت لکي ٿو: مقدس

اردبيلي جي زماني ۾ بيهر نجف ڏانهن علم لاءِ لڏپلاڻ شروع ٿي، حوزه علميہ مضبوط ٿيو ۽ بين شهرن جي ماڻهن نجف جو رخ ڪيو ۽ نجف اشرف وڏي علمي مرڪز ۾ تبديل ٿي ويو.[8]

## تدريس جي ڪرسي تي

محقق اردبيلي پنهنجي برڪت ڀري زندگي ۾ عالم تشيع لاءِ عظيم خدمتون انجام ڏنيون. عالي علوم حاصل ڪرڻ کان پوءِ تدريس جي ڪرسي تي وينو ۽ مڪمل دقت ۽ حوصلي سان پنهنجي شاگردن کي علمي مباحث ۽ مسئلن جي سِکيا ڏنائين. جهڙي ريت پنهنجي نفس کي پاڪ بڻايو هئائين اهڙي ريت سندس عقيدو هو تہ حوزه علميہ جي درسي ڪتابن ۾ بہ جيڪي اضافي ڪتاب آهن ۽ انهن جي پڙهڻ جو ڪو فائدو ناهي انهن کان پرهيز ڪري. پنهنجي پاڪ سرشت سان عظيم شيعہ معاشري کي اهڙا شاگرد تربيت ڪري ڏنائين جن مان هر هڪ علم ۽ اجتهاد جو چمڪندڙ ستارو بڻيو ۽ اهي سيئي عالم اسلام ۾ عظيم خدمتن جا سبب بڻيا. سندس چوند شاگردن منجهان هينيان نالا قابل ذڪر آهن.

١ـ شيخ حسن (وفات سن ١٠١١ ق.) شهيد ثاني جو پٽ. (معالم الاصول ۽ المنتقي ڪتاب جو مولف)

٢ـ سيد محمد (وفات سن ١٠٠٩ق) شهيد ثاني جو ڏهٽو، جيڪو صاحب مدارڪ جي نالي سان مشهور آهي.

٣ـ مير فيض الله تفرشي.

٤ـ عنايت الله ڪوهپايہ اي، ڪجهہ رجالي ڪتاب ترتيب ڏيندڙ.

٥ـ ملا عبد الله شوشتري (وفات سن ١٠٢١)

## تاليفات

عظيم فقيه محقق اردبيلي تدريس کان علاوه، ڪلام، فقه، اصول، سيرت اهل بيت ۽ عقائد جي موضوعن تي اهم ڪتاب لکيا جن مان ڪجهہ تہ اسان جي هٿن تائين ناهن پهتا انهن ڪتابن منجهان ڪجهہ هيٺ ذڪر ڪريون ٿا:

١ـ استيناس المعنوية (علم ڪلام ۾) ٢ـ بحر المناقب
٣ـ حاشيہ بر شرح تجريد ٤ـ حديقة الشيعہ
٥ـ رسالہ خراجيہ ٦ـ زبدة البيان في آيات الاحكام ٧ـ مقالة في الامر بالشيءِ (علم اصول ۾)
٨ـ مناسڪ حج (فارسي)

٩ـ مجمع الفايده والبرهان في شرح ارشاد الاذهان: هي ڪتاب استدلالي فقہ جو هڪ جامع ۽ عميق انسائيڪلوپيڊيا آهي ۽ فقہ جعفري جو هڪ اهم منبع آهي. جيڪو هميشہ مجتهدن جي توجہ جو مرڪز رهيو آهي. محقق اهو ڪتاب علامہ حلي جي ڪتاب ارشاد تي شرح جيان لکيو آهي ليڪن خود ڪتاب تمام گهڻو اونهو ۽ تفصيلي آهي جنهن ۾ گهرائي ۽ وڏي ڪوشش سان فقهي مباحث تي تحقيق ڪئي اٿس.

## پاڪيزه سيرت

محقق اردبيلي تمام گهڻو متواضع انسان هو ۽ شاگردن جي اڳيان پنهنجي پاڻ کي بيحد ننڍڙو سمجهندو هو ۽ انهن جي حد کان وڌيڪ عزت ڪندو هو. چون ٿا تہ جڏهن شيخ حسن تحصيل کان فارغ ٿيو ۽ پنهنجي ملڪ لبنان وڃڻ جو ارادو ڪيائين تہ پنهنجي استاد کان وعظ ۽ نصيحت جي درخواست ڪيائين تہ مقدس اردبيلي پني تي ڪجهہ حديثون لکي سندس حوالي ڪيون ۽ ان پني جي آخر ۾ هي جملو درج ڪيائين: ڪتبہ العبد احمد لمولاه امتثالا لامره و رجاء لتذڪره.[9] هي مطالب الله جي ٻانهي احمد پنهنجي مولا جي فرمان تي عمل ڪندي لکيا آهن تہ جيئن ان لاءِ تذڪر جو سبب بڻجن. مقدس جي عمده صفتن منجهان تعليم ۽ تدريس ۾ اخلاص هيو. مقدس اردبيلي جي شاگرد ملا عبد الله شوشتري هڪ مجلس ۾ ڪائنس هڪ مسئلو پڇيو. مقدس جنهن جو جواب ڏنو ليڪن شاگرد ان جواب سان مطمئن نہ ٿيو ۽ بحث جاري رهيو اوچتو مقدس خاموش ٿي ويو ۽ هڪ لحظي کان پوءِ فرمايائين: هن مسئلي تي بعد ۾ گفتگو ڪندا سين، ضروري آهي تہ ڪتاب جو مطالعو ڪريان! پوءِ ان جڳهہ تان اٿيو ۽ شاگرد کي چيائين اچو تہ گڏجي هڪڙي جڳهہ تي هلون. ان محفل کان ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ محقق اردبيلي تمام گهرو ۽ اونهو جواب ڏنو ايستائين جو شاگرد مطمئن ٿي ويو ۽ ان وٽ ڪو اعتراض باقي نہ بچيو. شاگرد سوال ڪيو: سائين، ايترو ڀلو جواب ڄاڻيندي بہ ڇو ان محفل ۾ بيان نہ ڪيوَ؟ محقق وراڻيو: اتي ڇو جو محفل ۾ هياسين ۽ گهڻا ماڻهو سامهون هيا احتمال هيو تہ اسان جو هڪٻئي سان جدل ۽ فخر ڪرڻ جو ارادو هجي ليڪن هتي اهڙو شبهو ناهي ان ڪري جو صرف اڪيلو الله اسان جي بحث ۽ گفتگو تي ناظر آهي.[10]

محرومن جي مدد بہ محقق جي پسنديدہ خصوصيتن منجهان هڪ هئي. نقل ٿيو آهي تہ ڏڪار جي سالن مان هڪ سال جڏهن مهانگائي عروج تي هئي، بک ۽ غربت گهيرو ڪري وئي هئي محقق اردبيلي وٽ ڪجهہ اناج هو جنهن سان صرف پنهنجي خاندان جو پيٽ پري پئي سگهيو، ليڪن پاڻ ان ڳالهہ تي راضي نہ ٿيو تہ سندس گهر وارا پيٽ پري ماني کائن ان حال ۾ جو سماج ۾ گهڻا ماڻهو مشڪلات ۾ گهيريل ۽ محتاج هجن، ان ڪري اهو اناج فقيرن ۾ ورهايائين...

محرومن جي مدد بہ محقق جي پسنديدہ خصوصيتن منجهان هڪ هئي. نقل ٿيو آهي تہ ڏڪار جي سالن مان هڪ سال جڏهن مهانگائي عروج تي هئي، بک ۽ غربت گهيرو ڪري وئي هئي محقق اردبيلي وٽ ڪجهہ اناج هو جنهن سان صرف پنهنجي خاندان جو پيٽ پري پئي سگهيو، ليڪن پاڻ ان ڳالهہ تي راضي نہ ٿيو تہ سندس گهر وارا پيٽ پري ماني کائن ان حال ۾ جو سماج ۾ گهڻا ماڻهو مشڪلات ۾ گهيريل ۽ محتاج هجن، ان ڪري اهو اناج فقيرن ۾ ورهايائين. ان جي زال سندس ان عمل سبب ڪاوڙ ۾ اچي چيو: اهڙن ڏڪار وارن ڏينهن ۾ جيڪو ڪجهہ هو اهو فقيرن ۾ ورهائي ڇڏيئي هاڻي منهنجا ٻچڙا ٻين جي سامهون هٿ ٽنگيندا؟ محقق ڪو جواب نہ ڏنو گهر کان نڪري مسجد ڪوفہ جو رخ ڪيائين ۽ پڪو پهہ ڪيائين تہ ڪجهہ ڏينهن مسجد ۾ اعتڪاف ۾ ويهي الله سان راز ۽ نياز ڪري. پاڻ مسجد ۾ ئي وينا هئا تہ ٻئي ڏينهن هڪ عرب ڪجهہ اٽو ۽ ڪڻڪ سواري تي کڻي اچي سندس زال جي حوالي ڪيو. ۽ چيائين: گهر ڌڻي مسجد ۾ اعتڪاف ٿو ڪري ۽ هي اٽو ۽ ڪڻڪ اوهان لاءِ موڪليو اٿس. ڪجهہ ڏينهن گذريا ايستائين جو مقدس اردبيلي گهر موٽيو تہ سندس زال کيس چيو: جيڪو اٽو ۽ ڪڻڪ موڪلي هيوَ ڏاڍو ڀلو هو.

محقق هر ڳالهہ کان بيخبر، جڏهن اها خبر ٻڌي تہ کيس معلوم ٿيو تہ اهو فضل ۽ رحمت الله پاران هئي ۽ ان بنده نوازي تي الله جي ثناء ڪيائين.''

## ڪرامتن جي وادي ۾

ان عارف ڪامل، عابد ۽ فقيهہ جي زندگي مان ڪجهہ ڪرامتون نقل ڪيون ويون آهن. هيٺ انهن منجهان ٻن ڪرامتن ڏانهن اشارو ڪريون ٿا: اهل تفرش مان هڪ ماڻهو جنهن جو نالو مير علام (مير فيض الله) هو. جيڪو مقدس اردبيلي جو ويجهو مائٽ، شاگرد، دانشور ۽ نيڪ انسان هو چئي ٿو: مان مدرسي ۾ رهندو هئس جنهن جا حجرا مولا امير المومنين عليہ السلام جي صحن ۾ هوندا هئا ۽ علم پرائڻ ۾ رڌل هئس. انڌير راتين مان هڪ رات جڏهن مطالعي کان فارغ ٿيم حجري کان ٻاهر آيم ۽ آس پاس نگاهہ پئي ڪيم تہ ڏٺم هڪ مرد تيزي سان قبي مبارڪ ڏانهن پيو وڃي. مون پنهنجي پاڻ سان سرگوشي ڪئي تہ شايد اهو ماڻهو چور آهي جيڪو حرم جا ڏيئا لٽڻ جي نيت سان آيو آهي! مجبور ٿي اهڙي ريت سندس پيچو ڪيم جو هن کي خبر نہ پئي، ڏٺم تہ حرم پاڪ جي دروازي ڏانهن ويو ۽ ڪجهہ وقت بيٺو. يڪدم دروازي جا تالا کلي زمين تي ڪري پيا، دروازو کليو ۽ هو اندر ويو ۽ اهڙي ريت ٻيون ۽ ٽيون دروازو بہ کليو، ڏٺم تہ اهو مرد مرقد مطهر جي قريب آيو ۽ سلام ورايائين مرقد مطهر مان جواب مليس. مون سندس آواز سڃاتو ۽ ڏيان ڏنم تہ معلوم ٿيو امام عليہ السلام سان هڪ علمي مسئلي تي گفتگو ٿي ڪيائين پوءِ حرم کان ٻاهر آيو ۽ مسجد ڪوفہ ڏانهن روانو ٿيو. مان بہ اهڙي ريت سندس پٺيان هلڻ لڳس تہ جيئن کيس خبر نہ پوي (تہ جيئن ان جي رازن کان آگاهہ ٿي سگهان. جڏهن مسجد پهتو، مسجد جي محراب جي قريب ٿيو، وري ٻڌم تہ ڪنهن بزرگ سان ان ساڳئي علمي مسئلي تي گفتگو شروع ڪيائين، پنهنجو جواب معلوم ڪرڻ کان پوءِ اتان ٻاهر آيو. مان بہ ان جي پويان هلڻ لڳس. جڏهن شهر جي دروازي وٽ پهتو تہ ڏينهن ٿيڻ لڳو ۽ روشني ڦهلجي وئي. ان کان اڳ جو دروازي کان ٻاهر نڪري وڏي آواز سان  ساڻس مخاطب ٿي چيم: اي منهنجا سائين مان شروع کان وٺي آخر تائين توهان سان گڏ هيم، مهرباني ڪري ٻڌايو تہ اهي ٻہ بزرگ ڪير هئا جن سان اوهان علمي مسئلي تي ڳالهہ ٻولهہ پئي ڪئي. مقدس جڏهن اهو ٻڌو تہ مون کي چيائين: واعدو ڪر تہ جيستائين مان جيئرو آهيان اها ڳالهہ ڪنهن سان بہ نہ ڪندين. تنهن کان پوءِ فرمايائين: اي منهنجا ٻچا! ڪيترا ئي ڀيرا ڪجهہ مسئلا مون لاءِ مبهم رهجي ويندا آهن تنهن ڪري رات جو امير المومنين عليہ السلام جي حرم ۾ حاضري ڏيندو آهيان ۽ اهو مسئلو بيان ڪري کائنئن جواب وٺندو آهيان. اڄ رات بہ معمول مطابق سندن

سن ۹۹۳ ق، رجب مهينو اچي ويو. فقاهت جو آفتاب جنهن اردبيل شهر کان چمڪڻ جي شروعات ڪئي هئي ۽ پوري شيعہ دنيا ۾ نور وسائڻ لڳو هو. دين ۽ هميشہ رهندڙ اسلام جي واٽ ۾ اڻٿڪ جدوجهد ۽ ڪوشش واري زندگي گزارڻ کان پوءِ اهو آفتاب نجف ۾ غروب ٿي ويو. اهو سندس جسم جو غروب هو ۽ مقدس جو پاڪيزه روح ۽ سندس قيمتي آثار سان گڏ اڄ بہ اسلام ۽ شيعن مٿان نور وسائي رهيو آهي.

خدمت مبارڪ ۾ حاضر ٿيس ۽ مولا مون کي صاحب الزمان جي حوالي ڪيو ۽ فرمايو: منهنجو پٽ مهدي عليہ السلام مسجد ڪوفہ ۾ آهي ان جي خدمت ۾ وڃي ڪائنس پنهنجي مسئلن جا جواب معلوم ڪر. مسجد ڪوفہ ۾ جيڪو ماڻهو ڏٺئي اهو حضرت مهدي عليہ السلام هو.[12]

هڪ رات پيغمبر اڪرم صلي الله عليہ و آلہ وسلم کي خواب ۾ ڏٺائون ۽ ڏٺائون تہ حضرت موسىٰ عليہ السلام بہ سندن خدمت ۾ وينل هئا ۽ مقدس پاڻ بہ اتي موجود هو. اتي حضرت موسىٰ عليہ السلام حضرت رسول اڪرم صلي الله عليہ و آلہ وسلم کان پڇيو تہ: هي مرد ڪير آهي؟ پيغمبر اڪرم صلي الله عليہ و آلہ وسلم فرمايو: پاڻ کان پڇوس. حضرت موسىٰ عليہ السلام مقدس کان پڇيو: توهان ڪير آهيو؟ مقدس جواب ڏنو مان محمد جو پٽ احمد آهيان ۽ اردبيل جو رهاڪو آهيان. فلاڻي گهٽي ۾ فلاڻي جڳهہ تي منهنجو گهر آهي. حضرت موسىٰ تعجب ڪري چوڻ لڳو: مون تو کان صرف تنهنجو نالو پڇيو، تو ايتري تفصيل جو ڏني؟ مقدس کيس جواب ڏنو تہ جڏهن تو کان الله سائين پڇيو تہ هيءَ تنهنجي هٿ ۾ ڇا آهي؟ تہ تو ڇا لاءِ ايترو تفصيل سان جواب ڏنو! (هِيَ عَصَايَ أَتَوَكَّأُ عَلَيْهَا وَأَهُشُّ بِهَا عَلَىٰ غَنَمِي) هي منهنجي لٺ آهي ان تي ٽيڪ ڏيندو آهيان، ان سان پنهنجي ٻڪرين لاءِ پن ڇاڻيندو آهيان ۽ منهنجي ٻين ڪمن لاءِ بہ مددگار آهي.) حضرت موسىٰ عليہ السلام پيغمبر اڪرم صلي الله عليہ و آلہ وسلم کي چيو: اوهان سچ فرمايو آهي تہ منهنجي امت جا عالم بني اسرائيل جي نبين وانگر آهن.[13]

## رحلت

آخرڪار سن ۹۹۳ ق، رجب مهينو اچي ويو. فقاهت جو آفتاب جنهن اردبيل شهر کان چمڪڻ جي شروعات ڪئي هئي ۽ پوري شيعہ دنيا ۾ نور وسائڻ لڳو هو. دين ۽ هميشہ رهندڙ اسلام جي واٽ ۾ اڻٿڪ جدوجهد ۽ ڪوشش واري زندگي گزارڻ کان پوءِ اهو آفتاب نجف ۾ غروب ٿي ويو. اهو سندس جسم جو غروب هو ۽ مقدس جو پاڪيزه روح ۽ سندس قيمتي آثار سان گڏ اڄ بہ اسلام ۽ شيعن مٿان نور وسائي رهيو آهي. مقدس اردبيلي جي عاشقن سندس پاڪ پيڪر کي امير المومنين عليہ السلام جي پاڪ حرم ۾ دفنايو تہ جهڙي ريت دنيا ۾ اهل بيت عليهم السلام جو عاشق آهي آخرت ۾ بہ انهن جو همنشين هجي.

**حوالا:**


١. اعيان الشيعہ، سيد محسن امين عاملي، جلد ٧، ص ١٥٤
٢. نقد الرجال، سيد مصطفي تفرشي، ص ٢٩.
٣. امل الآمل، قسم دوم، ص ٢٣
٤. بحار الانوار، علامہ محمد باقر مجلسي، ج ١، ص ٤٢
٥. فوائد الرضويہ، شيخ عباس قمي، ص ٢٣.
٦. ساڳيو، صفحو ٢٥
٧. ساڳيو حوالو.
٨. موسوعہ العتبات المقدسہ، جعفر الخليلي، ج ٧، ص ٥٧.
٩. الدر المنثور، شيخ علي بسط الشهيد الثاني، ج ٢، ص ٢٠٢.
١٠. انوار النعمانيہ، سيد نعمت الله جزائري، ج ٣، ص ٤٠.
١١. ساڳيو، ج ٢، ص ٣٠٢
١٢. بحار الانوار، ج ٥٢، ص ١٧٤.
١٣. قصص العلماء، ميرزا محمد تنڪابني، ص ٣٤٥



# آئيڊيل استاد ۽ مهربان مربي

**سوانح عمري مرحوم**

**حجة الاسلام والمسلمين مولانا منظور حسين (رحمه الله)**

تحرير: مولانا نائب علي رند (ڪميلي) (ٽنڊو غلام علي)

**مرحوم استادالعلماء مولانا منظور حسين (رحمه الله)** جي سوانح حيات تي مشتمل زير نظر مقالي ۾ ڪجھ مواد محترم رضا حسين شر جي ايم فل ٿيسز «دانشگاه جعفريہ جون ديني، تبليغي ۽ اشاعتي خدمتون» مان شامل ڪيو ويو آهي، پر ڇاڪاڻ تہ موصوف جي ٿيسز ۾ ان عنوان تي تمام مختصر مواد هو، تنهن ڪري ان ۾ ڪجھ ٻيو مواد اضافو ڪري ان کي مقالي جي صورت ۾ پيش ڪيو ويو آهي، ادارو ان تعاون تي سندس نهايت ٿي ٿورائتو آهي.

(ادارو) ..............................

وادي مهراڻ جي عظيم ديني درسگاه دانشگاه جعفريہ کي اهو اعزاز حاصل رهيو آهي تہ ان جتي پنهنجي سر متان صوبي سنڌ جي عالم، عارف ۽ پارسا شخصيت حجت الاسلام والمسلمين قبلہ غلام مهدي نجفي رحمه الله ۽ صوبي سنڌ جي مومنن جي ديني خدمتن لاءِ ڏينهن ۽ رات جاڳوڙيندڙ شخصيت حجت الاسلام والمسلمين قبلہ عباس علي نجفي رحمه الله جي سرپرستي جو سهرو سجايو تہ اتي وري هند ۽ سنڌ جي عظيم علمي ۽ ديني شخصيتن جي علم ۽ عمل مان علم جي پياسن کي فيضياب ڪندي رهي آهي. انهن شخصيتن مان هڪ شخصيت حجت الاسلام والمسلمين مولانا منظور حسين رحمه الله جن آهن،جن پاڪستان ٺهڻ وقت جيئن پنهنجي وطن جي وڇوڙي جو داغ پنهنجي دل تي کنيو وري اهو سندن زندگيءَ جي آخري لمحن تائين مٽجي نہ سگهيو. سندن لاءِ وطن کان وڌيڪ سندن شفيق پيءُ جو وڇوڙو هو جنهن سان ملڻ جي رڳو آس ئي سندن اندر ۾ رهجي وئي ۽ وري ساڻن ملاقات بہ نصيب نہ ٿي. الله سائين کان دعا آهي تہ کين جنت الفردوس ۾ اعلیٰ مقام ۽ اهل بيت عليهم السلام جي شفاعت نصيب ڪري. هتي سندن زندگيءَ جي ڪجھ رُخن تي روشني وجهڻ چاهيون ٿا.

## پيدائش ۽ واڌ ويجھ

سندن جنم هندستان جي رجيٽني غازي آباد علائقي ۾ پندرهن ڊسمبر سن ١٩٣٠ ع ۾ ٿيو، جيڪو درياءِ گنگا کان ستن ميلن جي فاصلي تي آهي ۽ ان علائقي ۾ اڪثريت سان شيعہ اثنا عشري ماڻهن جي آبادي آهي، جنهن جي ڪري سائين جن جو تعلق بہ مذهبي خاندان سان رهيو. سندن والد گرامي مولانا سعيد احمد جن ان علائقي جا دين دار، نماز ۽ روزي جا پابند هجڻ سان گڏو گڏ عاشق اهلبيت عليهم السلام انسان هئا

تعليم ۽ تربيت پنهنجي والد محترم جي نگراني ۾ حاصل ڪيائون ، ١٩٤١ ع ۾ جامعہ ناظميہ لکنئو ۾ داخلا ورتائون ۽ سن ١٩٥٠ع ۾ اتان ممتاز الافاضل جي سند حاصل ڪيائون.

## سندن استاد

جن استادن کان ديني علم حاصل ڪيائون انهن جا نالا هن ريت آهن..

١ . آيت الله مفتي سيد احمد علي صاحب لکنئو
٢. آيت الله سيد علي نقي صاحب لکنئو
٦. علامہ سيد ڪاظم حسين

قبلہ منظور حسين، قبلہ غلام مهدي نجفي ۽ قبلہ عباس علي نجفي جي گهڻي اصرار تي دانشگاھ جعفريہ واگهريجي تشريف ڪٺي آيا ۽ سن ۱۹۸۲ ۾ دانشگاھ جعفريہ ۾ پرنسپل جي حيثيت ۾ پنهنجي ذميواري سنڀاليائون .پرنسپل جو ذميواريون سنڀالڻ سان گڏوگڏ پاڻ درسگاھ جا بهترين مدرس، مربي ۽ استاد بہ هيا. پاڻ دانشگاھ ۾ تقريبن ۱۲ سالن تائين پرنسپل جي حيثيت سان خدمتون انجام ڏنائون.

۱. علامہ عديل اختر لکنئو
۹. علامہ سيد عيوب حسين موسوي
۳. علامہ سيد رسول احمد

## پاڪستان ڏانهن هجرت

سن ۱۹۵۰ ع ۾ هندستان کان پاڪستان ڏانهن هجرت ڪيائون ۽ سنڌ جي تاريخي شهر حيدرآباد کي پنهنجو وطن بڻايائون. سن ۱۹۵٦ ع ۾ حجت الاسلام والمسلمين سيد ثمر حسن زيدي صاحب سان ملي ڪري مدرسہ مشارع العلوم جو بنياد وڌائون.

## مشارع العلوم ۾ سندن شاگرد

پاڻ مدرسہ مشارع العلوم ۾ ڪيترائي سال طالب علمن کي ديني علم مان سيراب ڪيائون، انهن طالب علمن منجهان سندن مشهور شاگرد جن سائين جن کا علم دين حاصل ڪيو تن جا نالا هن ريت آهن:

1. حجة الاسلام والمسلمين عباس علي نجفي (واگهريجي، ميرپور خاص)
2. حجة الاسلام والمسلمين ثابت علي نجفي (ٻبرلوءِ، خيرپور ميرس)
3. حجة الاسلام والمسلمين حيدر علي جوادي (حيدرآباد(
4. حجة الاسلام والمسلمين محمد باقر نجفي (خيرپور ناٿن شاھ، دادو)
5. حجة الاسلام والمسلمين مفتي جعفر حسين نجفي (مٽياري)
6. حجة الاسلام والمسلمين غلام اصغر نجفي (سيوڻ)
7. حجة الاسلام والمسلمين محمد رضا نجفي (دادو)
8. حجة الاسلام والمسلمين لئيق حسن نجفي (لطيف آباد، حيدرآباد )
9. حجة الاسلام والمسلمين غلام قمبر ڪريمي (سنجهورو، سانگهڙ)
10. حجة الاسلام والمسلمين غلام اصغر خاصخيلي (ٺري ميرواھ، خيرپور )
11. حجة الاسلام والمسلمين سيد محمد عباس زيدي نجفي (حيدرآباد )
12. حجة الاسلام والمسلمين صادق علي نجفي (تلهار)
13. حجة الاسلام والمسلمين وزير حسين ڪاظمي نجفي
14. حجة الاسلام والمسلمين مفسر قرآن شيخ محسن علي نجفي
(رئيس جامعة الڪوثر، اسلام آباد)
15. حجة الاسلام والمسلمين محمد صادق بلتستاني نجفي
(ريٽائرڊ چيف جسٽس، گلگت بلتستان)
16. حجة الاسلام والمسلمين نورالحسن نجفي
17. حجة الاسلام والمسلمين مفسر قرآن سڪندر علي لطفي (واگهريجي)
18. حجة الاسلام والمسلمين محبت علي لاشاري نجفي (نارو ڌورو، ڪوٽ ڏجي، خيرپور ميرس)

## دانشگاھ جعفريہ واگهريجي ۾ پرنسپل جي حيثيت ۾

قبلہ منظور حسين، قبلہ غلام مهدي نجفي ۽ قبلہ عباس علي نجفي جي گهڻي اصرار تي دانشگاھ جعفريہ واگهريجي تشريف ڪٺي آيا ۽ سن ۱۹۸۲ ۾ دانشگاھ جعفريہ ۾ پرنسپل جي حيثيت ۾ پنهنجي ذميواري سنڀاليائون .پرنسپل جو ذميواريون سنڀالڻ سان گڏوگڏ پاڻ درسگاھ جا بهترين مدرس، مربي ۽ استاد بہ هيا. دانشگاھ ۾ سندن وجود هڪ شفيق پيءُ وانگر هيو، پاڻ دانشگاھ ۾ تقريبن ۱٦ سالن تائين پرنسپل جي حيثيت سان خدمتون انجام ڏنائون.

## دانشگاھ ۾ سندن شاگرد

دانشگاھ جعفريہ ۾ پاڻ ڪيترائي سال ديني خدمتون ڏيندا رهيا، پاڻ ڪيترن ئي طالبعلمن کي ڪافي سال سندن علمي صلاحيتن مان فيضياب ڪندا رهيا. سندن شاگردن جي فهرست ۾ ايترا نالا اچي وڃن ٿا جن جي ذڪر جي هن مختصر مقالي ۾ گنجائش ناهي، تنهن ڪري هتي رڳو سندن شاگردن مان چوندڊ نالا ذڪر ڪجن ٿا:

هڪ خاصيت جيڪا سندن بهترين اخلاقن مان شمار ٿئي ٿي، اها هيءَ هئي تہ پاڻ بہ نماز کي اول وقت پڙهڻ جا هميشہ پابند هوندا هيا، اجا صبح جو موذن اذان ئي نہ ڏيندو هو جو ان اڳي پاڻ بيدار ٿي هرهڪ طالبعلم جي ڪمري جي دروازي کي ڪڙڪائي «الصلاة الصلاة» جي دل نشين صدائن سان ان کي نماز لاءِ بيدار ڪندا هيا.

1: مرحوم مولانا جابر حسين اسلامي
2: مولانا عبد الله روحاني
3: مولانا محمد امين لغاري
4: مولانا غلام قاسم غازي خان
5: مولانا غلام حسين لغاري
6: مولانا سيد شبير الرضا زيدي
7: مولانا صدر الدين هادي
8: مولانا عبد المجيد بهشتي
9: مولانا مرحوم بادل لغاري
10: مولانا سيد نياز حسين نقوي
11: مولانا نائب علي ڪميلي
12: مولانا سيد ضمن علي شاه
13: مولانا مرحوم غلام علي ڪيريو
14: مولانا سيد عزيز الله شاه
15: مولانا سيد مختار علي شاه

## علمي صلاحيت

هر انسان جي علمي صلاحيت جي پروڙ سندس تعليمي ميدان ۾ ڪيل خدمتن مان ئي سمجهي سگهجي ٿي، جڏهن اسان قبلہ منظور حسين جي تعليمي خدمتن تي نگاهہ ڪيون ٿا تہ جيتوڻيڪ ڪين وقت جي حالات جي پيش نظر عراق ۽ ايران جي سرزمين تان فيضياب ٿيڻ جو موقعو نصيب نہ ٿيو هو، پر ان جي باوجود دانشگاهہ جعفريہ ۾ سندن تعليمي خدمتون ان ڳالهہ کي واضح ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن تہ پاڻ ڪيترا علمي صلاحيتن جا مالڪ هيا. سندن درس پڙهائڻ جو انداز ايترو تہ مضبوط هوندو هو جو جيڪڏهن هڪ دفعو ڪو ڪتاب پڙهايائون تہ اهو ڪتاب وري ڪنهن ٻئي استاد وٽ پڙهڻ جي ضرورت محسوس نہ ٿيندي هئي. خاص طور تي ڪين عربي ۽ فارسي ادب تي ڪافي تسلط حاصل هو، اهو ئي سبب آهي جو اسان ڪين جڏهن بہ ڏسندا هياسين تہ پاڻ يا ڪنهن عربي يا فارسي ڪتاب جي مطالعي ۾ محسوس هوندا هيا، مون سندن هٿ ۾ ڪڏهن اردو ڪتاب نہ ڏٺو. خاص طور تي ڪين تفسير ۾ «تفسير البصائر» ۽ تاريخ ۾ «ماذا في التاريخ» جيڪي ٻئي عربي زبان ۾ هيا مطالعو ڪندي ڏسندو هيس.

سندن عربي مٿان تسلط بابت پاڻ فرمائيندا هيا تہ اسان جڏهن لکنئو ۾ هدايہ پڙهندا هياسين ان وقت اسان جي عربي ايتري مضبوط هوندي هئي جو اسان پنهنجي والدين ڏانهن عربي ۾ خط لکندا هياسين.

## درس اخلاق کي اهميت ڏيڻ

سندن علمي صلاحيتن جو اندازو لڳائڻ جي لاءِ سندن اهي درس اخلاق هيا جيڪي پاڻ صبح جو شاگردن جي حاضري کان پهرين ڏيندا هيا. اسان کي ياد آهي تہ تمام گهٽ ڏسڻ ۾ ايندو هو جو سندن جي روزانو جي درس اخلاق ۾ ڪا تڪراي ڳالهہ ذڪر ٿئي، بلڪہ روزانو نئين نئين مطالب تي گفتگو ڪندا هيا ۽ پنهنجي علمي فيض مان پنهنجن شاگردن کي اهل بيتؑ جي اعليٰ اخلاق مان فيضياب مان ڪندا هيا.

## اول وقت نماز تي خاص ڌيان

هڪ خاصيت جيڪا سندن بهترين اخلاقن مان شمار ٿئي ٿي، اها هيءَ هئي تہ پاڻ بہ نماز کي اول وقت پڙهڻ جا هميشہ پابند هوندا هيا تہ وري مدرسي جي طالبعلمن کي بہ ان تي پابند ڪرڻ جي تمام گهڻي ڪوشش ڪندا هيا. اجا صبح جو موذن اذان ئي نہ ڏيندو هو جو ان کان اڳ پاڻ بيدار ٿي هرهڪ طالبعلم جي ڪمري جي دروازي کي ڪڙڪائي «الصلاة الصلاة» جي دل نشين صدائن سان ان کي نماز لاءِ بيدار ڪندا هيا ۽ اهڙي ريت ظهرين ۽ مغربين جي وقت تي سيني کي مسجد ۾ گڏ ڪري نماز جماعت ۾ شريڪ ٿيڻ جو پابندا ڪندا هيا. جيڪا ڳالهہ ڪرڻ وٽان آهي، اها هيءَ آهي تہ طالبعلمن کي ايترو اول وقت ۽ نماز جماعت جو پابند ڪرڻ جي باوجود تمام گهٽ ڏسڻ ۾ ايندو هو جو پاڻ امامت ڪن، بلڪہ اڪثر و بيشتر پاڻ مقتدي ٿي نماز جماعت ادا ڪندا هيا، جڏهن تہ نماز جي امامت معمولا مدرسي جو ڪو طالبعلم ئي ڪندو هيو. اهو سندن خلوص ۽ تواضع جي عڪاسي ڪندڙ بهترين

قبلہ جن وفات کان ڪجهه سال پهرين آرام خاطر دانشگاهه جعفريہ کي الوداع ڪري سندن شهر حيدرآباد ۾ وڃي سڪونت پذير ٿيا. ڪجهه سال مريض رهيا آخرڪار علم ۽ عمل جو هيءُ عظيم مجسمو ۱۸ رمضان المبارڪ سن ۱۴۲۰، بمطابق ۲۷ ڊسمبر سن ۱۹۹۹ ع بروز سومر تي هن دارفاني مان دارباقي ڏانهن لاڏاڻو ڪري ويو.

ڪردار هو.

## با اثر شخصيت جو مالڪ

سندن چهري ۾ الله سائين ايتري تہ هيبت رکي هئي جو ڪوبہ شاگرد سائن سامهون بيهي ڪجهه ڳالهائڻ کان تمام گهڻو ڪيٻائيندو هو، ايستائين جو مدرسي جا ڪجهه استاد جيڪي قبلہ جن وٽ مدرسہ مشارع العلوم ۾ شاگرد رهي چڪا هيا سندن آڏو لب ڪشائي ڪرڻ کان لنوائيندي نظر ايندا هيا. قبلہ عباس علي نجفي جي مٿان بہ سندن استادي جو حق رکندا هيا، تنهن ڪري سائين جن بہ سندن آڏو اچڻ ۽ ڪين ڪجهه چوڻ کان پاسو ڪندا هيا ۽ ڪوشش ڪندا هيا تہ ٻيو ڪير شڪايت ڪري تہ ڀلي ڪري پر قبلہ منظور حسين جي وات مان ڪا ڦڪ بہ ٻاهر نہ اچي. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن قبلہ منظور حسين ڪا شڪوه ڪندا هيا تہ قبلہ عباس علي جن ان کي پهرين فرصت ۾ حل ڪري ڇڏيندا هيا. اها ڳالهه هڪ طرف تہ قبلہ منظور حسين کي الله سائين طرفان عطا ٿيل هيبت ۽ حشمت کي بيان ڪري ٿي تہ ٻئي پاسي قبلہ عباس علي نجفي طرفان استاد جي احترام جي نموني کي بہ سامهون آڻي ٿي. اها شيءِ هئي جنهن جي ڪري قبلہ عباس علي نجفي کي ايتري توفيق نصيب ٿي جو مختصر عرصي ۾ سنڌ جي مومنين لاءِ ايڏيون وڏيون ديني خدمتون انجام ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيا.

## وفات

قبلہ جن وفات کان ڪجهه سال پهرين آرام خاطر دانشگاهه جعفريہ کي الوداع ڪري سندن شهر حيدرآباد ۾ وڃي سڪونت پذير ٿيا. ڪجهه سال مريض رهيا آخرڪار علم ۽ عمل جو هيءُ عظيم مجسمو ۱۸ رمضان المبارڪ سن ۱۴۲۰، بمطابق ۲۷ ڊسمبر سن ۱۹۹۹ ع بروز سومر تي هن دارفاني مان دارباقي ڏانهن لاڏاڻو ڪري ويو. سندن علمي، مذهبي ۽ ديني خدمتون هميشہ سندن عقيدتمندن جي دلين ۾ ياد رهنديون.

## پسماندگان

سائين جن کي ٽي سڳا ڀائر هئا، هڪ ڀيڻ هين ۽ سندس اولاد ۾ چار فرزند هئا.

## گناهہ جي فڪر کان پرهيز ڪرڻ

عَنْ المسيح عَلَيهِ السّلام قَالَ: إنّ مُوسَى نَبِيَّ اللهِ ع أَمَرَكُمْ أَنْ لَا تَزْنُوا وَ أَنَا آمُرُكُمْ أَنْ لَا تُحَدِّثُوا أَنْفُسَكُمْ بِالزِّنَا فَضْلًا عَنْ أَنْ تَزْنُوا فَإِنّ مَنْ حَدّثَ نَفْسَهُ بِالزِّنَا كَانَ كَمَنْ أَوْقَدَ فِي بَيْتٍ مُزَوّقٍ فَأَفْسَدَ التّزَاوِيقَ الدُّخَانُ وَ إِنْ لَمْ يَحْتَرِقِ الْبَيْتُ

امام جعفر صادقؑ جن کان هڪ حديث ۾ ذڪر ٿيو تہ حضرت عيسىؑ جا حواري سندس چوڦير گڏ ٿي ويٺا ۽ چيائون:

«اي نيڪين جا استاد! اسان کي نصيحت ڪر. حضرت عيسىؑ کين مخاطب ٿي فرمايو: جيئن حضرت موسىؑ توهان کي حڪم ڪيو تہ زنا نہ ڪيو، مان توهان کي نصيحت ڪريان ٿو تہ زنا ڪرڻ تہ پري، توهان زنا جي فڪر کي ئي پنهنجي وجود ۾ راهه نہ ڏيو؛ ڇاڪاڻ تہ جيڪو زنا جي سوچ ڪري ٿو تنهن جو مثال ان شخص جيان آهي جيڪو پنهنجي گهر ۾ باهه ٻاري ٿو پوءِ اها باهہ جيتوڻيڪ سندس گهر کي نہ ساڙي، پر ان جو دونهو سڄي گهر کي ڪارو ڪري ڇڏيندو آهي.»

(ڪليني، محمد بن يعقوب، الڪافي، ج 5، ص 542.)



# نماز ۾ پيش ايندڙ شڪن جا احڪام

## (حصو پهريون)

تحرير ۽ ترتيب: مولانا بخت علي شر (نري ميرواهه)

زير نظر شرعي احڪام ، حجة الاسلام و المسلمين محمد حسين فلاح زاده جي قلم سان تيرهن مجتهدن جي فتوائن مطابق فارسي زبان ۾ لکيل ڪتاب «آموزش فقه» مان ذڪر ڪيا ويا آهن.

### نماز ۾ پيش ايندڙ شڪن جا قسم[1]

(۱) نماز جي ڪنهن جزء ۾ شڪ

الف: اهو شڪ ته مون ان کي انجام ڏئي ڇڏيو آهي

ب: جزء جي صحيح هجڻ ۾ شڪ

(۲) نماز جي رڪعتن ۾ شڪ

الف: نماز کي باطل ڪندڙ

ب: نماز کي باطل نه ڪندڙ ،اهو شڪ يا معتبر آهي يا غير معتبر

(۳) خود نماز ۾ شڪ

الف: نماز جي پڙهڻ ۾ شڪ ته پڙهي آهي يا نه؟

ب: نماز جي صحيح انجام ڏيڻ ۾ شڪ

### نماز جي جزن ۾ شڪ

(۱) جيڪڏهن ڪوئي شڪ ڪري ته واجب نماز جي ڪنهن حصي کي انجام ڏنو آهي يا نه، جيڪڏهن ان مشڪوڪ حصي کان ٻئي حصي ڏانهن نه ويو آهي ۽ اتي ئي آهي ته ان حصي کي ٻيهر انجام ڏئي. پر جيڪڏهن ان حصي کان گذري ويو آهي ۽ پوء ان ۾ شڪ ڪري ته اهڙي شڪ جي پرواهه نه ڪرڻ گهرجي ۽ نماز کي اڳتي پڙهي؛ مثال جيڪڏهن سجدي کان بعد ۽ تشهد شروع ڪرڻ کان پهرين شڪ ڪري ته هڪ سجدو ڪيو آهي يا ٻه؟ ان صورت ۾ ٻيو سجدو ڏئي پر جيڪڏهن تشهد کي شروع ڪري ڇڏيو هجي ته ان صورت ۾ ٻيو سجدو ڏيڻ لازم ناهي ۽ نماز صحيح آهي.[2]

(۲) جيڪڏهن سجدي ۾ وڃڻ وقت شڪ ڪري ته رڪوع ڪيو آهي يا نه؟ ته ان شڪ جي پرواهه نه ڪري[3]

(۳) جيڪڏهن اٿڻ وقت شڪ ڪري ته سجدو ڏنو آهي يا نه؟ ته ٻيهر موٽي ۽ سجدو ڪري. پر جيڪڏهن شڪ ڪري ته تشهد پڙهيو آهي يا نه؟ ته پنهنجي شڪ جي پرواهه نه ڪري.[4]

(٤) جيڪڏهن نمازي نماز جي ڪنهن جزء ۾ شڪ ڪري ته صحيح بجا آندو آهي يا نه؟ ته ان کي صحيح سمجهي نماز کي اڳتي وڌائي اهو صحيح آهي؛ مثال جيڪڏهن جيڪو لفظ يا آيت پڙهي آهي ان جي صحيح هجڻ ۾ شڪ ڪري ته پنهنجي شڪ جي پرواهه نه ڪري.[5]

(٥) مستحب نمازن ۾ شڪ جو حڪم واجب نمازن وارو ئي آهي.[6]

### رڪعتن ۾ شڪ

اهي شڪ جيڪي نماز کي باطل ڪن ٿا (مبطل)[7]

- ٻه رڪعتي نماز جي رڪعتن جي تعداد ۾ شڪ، مثال صبح جي نماز يا مسافر جي ٻه رڪعتي نماز.
- نماز مغرب جي رڪعتن جي تعداد ۾ شڪ.
- هڪ ۽ هڪ کان وڌيڪ رڪعتن جي درميان شڪ
- ٻن ۽ ٻن کان وڌيڪ رڪعتن جي درميان سجدي مان سر مٿي کڻڻ کان پهرين شڪ پوي.
- خبر نه هجي ته ڪيتريون رڪعتون پڙهيون آهن؟
- ۲ ۽ ٥. ۳ ۽ ٦. ٤ ۽ ٦ جي درميان شڪ[8]

رڪعتون نماز احتياط پڙهڻ لازم آهي.

٥. سجده سهو، انهن مقامن تي آهي جتي ڀل چڪ ۾ ڪو وڌاءُ ٿي ويو هجي، ان بنياد تي جيڪڏهن ٻئي سجدي کان بعد چئن ۽ پنجن جي درميان شڪ ٿئي يا قيام (بيٺل) جي حالت ۾ پنجن ۽ ڇهن رڪعتن جي درميان شڪ ٿئي تہ سجده سهو لازم آهي.

٦. جتي هڪ رڪعت نماز احتياط لازم آهي اتي ان هڪ رڪعت جي پاران ٻہ رڪعتون ويهي پڙهي سگهي ٿو.

٧. جتي ٻہ رڪعتون نماز احتياط لازم آهي اتي انهن جي پاران چار رڪعتون ويهي پڙهي نٿو سگهي.

٨. جيڪڏهن نمازيءَ کي بيٺل حالت ۾ صحيح شڪن مان ڪو شڪ پيش اچي، سواءِ ٽن ۽ چئن رڪعتن جي درميان ۾ شڪ جي باقي حالتن ۾ رڪوع کان بغير ويهي رهي، ويهڻ کان بعد شڪ جي هر طرف کان هڪ عدد گهٽ ٿيندو: مثال طور بيٺل حالت ۾ چئن ۽ پنجن جي درميان شڪ، ويهڻ کان بعد ٽن ۽ چئن جي طرف موٽندو جنهن جي ڪري ان کي ٽن ۽ چئن جي شڪ واري حڪم تي عمل ڪرڻو پوندو.[١٢]

## حوالا:

١. (نماز ۾ شڪ جا احڪام جيڪي توضيح المسائل ۾ آهن انهن کان علاوه تحرير الوسيلہ ج ١ القول في الشڪ ص ١٩٨ کان ٢٠٠ تائين آندا ويا آهن)

٢. (تحرير الوسيلہ ج١ في الشڪ في عدد الرڪعات ص ٢٠٠، توضيح المسائل م ١١٦٨).

٣. ( توضيح المسائل م ١١٧١)

٤. ( ساڳيو م ١١٧٢)

٥. (تحرير الوسيلہ ،(تحرير الوسيلہ ج ١ في الشڪ في عدد الرڪعات ص ٢٠٠. توضيح المسائل م ١١٦٨)

٦. ( تحرير الوسيلہ ج ١ في الشڪ التي لا اعتبار لها ص ٢٠٨م ٤.

٧. ان قسم جا شڪ واجب نمازن سان تعلق رکن ٿا، جو تہ مستحب نمازن جي رڪعتن ۾ شڪ نماز کي باطل نہ ڪندو آهي، بلڪ ان جي طرف ڌيان ئي نہ ڏبو آهي

٨. توضيح المسائل م ١١٦٥. جيڪڏهن شڪ چئن ۽ ڇهن جي درميان هجي تہ ڪجهہ علماء جي فتوا مطابق احتياط جي آڌار تي انهن کي چار حساب ڪري ۽ نماز کي پورو ڪري ۽ نماز کان بعد ٻہ سجده سهو بجا آڻي.

٩. ساڳيو ١١٦٦م

١٠. توضيح المسائل م ١١٩٩. العروه الوثقي ج ٢ الشڪ في عدد الرڪعات ص ٢١م ١ کان ١٥ تائين ص ٢٠م ٣.

١١. توضيح المسائل م ٢٠٠٠

١٢. توضيح المسائل م ١١٩٩.

### قناعت

### بي نيازي جي احساس جو ڪارڻ

قناعت جو هڪ ٻيو اثر بي نيازي جو احساس پيدا ٿيڻ آهي.انسان جي بي نياز ٿيڻ جو مطلب اهو آهي تہ ان وٽ بي نيازي جو احساس پيدا ٿئي ۽ ان جو هرگز اهو مطلب ناهي تہ هو ثروتمند ۽ مالدار ٿئي؛ ڇاڪاڻ تہ ڪيترائي اهڙا انسان موجود آهن جيڪي مالدار هوندي بہ بي نيازي جو احساس ڪونہ ٿا رکن بلڪہ مٿن گدائي ۽ پنڻ واري ڪيفيت طاري رهي ٿي. ان جي ڪري اهڙي قسم جا ماڻهو ڪڏهن بہ ڪونہ ڍاپندا. جيئن تہ امام عليؑ فرمائن ٿا :

«من قنع شبع و من لم يقنع لم يشبع» (1)

جيڪو شخص بہ قناعت ڪندو سو ڍاپي ويندو ۽ جيڪو قناعت نہ ڪندو سو ڪونہ ڍاپندو.

هڪ ٻي جاءِ تي امام عليؑ فرمائن ٿا:

«مَن لم يُقنِعْهُ اليسيرُ لم يَنفَعْهُ الكَثيرُ» (2)

جنهن شخص کي ٿورو مال ڪفايت نہ ڪري تہ کيس گهڻو بہ فائدو ڪونہ رسائيندو

حقيقت ۾ قناعت هڪ اڻ کٽ ثروت آهي جيڪا انسان کي هميشہ لاءِ محتاجي جي درد کان دور ڪري ٿي. جيئن تہ امام عليؑ جن فرمائن ٿا:

« القناعَةُ مالٌ لا يَنفَدُ» (3)

قناعت اها ثروت آهي جيڪا ختم ڪونہ ٿي ٿئي.

حوالا:

١. مجلسي، محمد باقر ، بحار الانوار، ج ٨٦ ، ص ٨٤٣.

٢. بحار الانوار ، ج ٥٧ ، ص ١٧.

٣. نهج البلاغہ ، حڪمت ٧٥.